

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو ڪتاب نمبر (101) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”نڪري پيس نيپال ڏانهن “** نامياري ليکڪ ۽ منهنجي استاد سائين اسحاق انصاري صاحب جو نيپال بابت سفرنامو آهي. اسحاق انصاري ڪهاڻيڪار، ناول نگار هجڻ سان گڏ ادبي سرگرمين ۾ اڳيرو رهندو آهي ۽ اسان جي رهنمائي پڻ ڪندو رهندو آهي .

اسين ٿورائتا آهيون سائين اسحاق انصاريءَ جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني ۽ ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2013ع ۾ ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

نِڪري پيس نيپال ڏانهن

www.sindhsalamat.com

نِڪري پيس نيپال ڏانهن

(سفرنامو)

اسحاق انصاري

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور سنڌ
2013ع

POPAT BOOK NO.41

نڪري پيس نيپال ڏانهن
(سفر نامو)
ليکڪ : **اسحاق انصاري**
پهريون ڇاپو : آگسٽ 2013ع
ٽائيٽل ڊزائن : سعيد منگي
ڪمپوزنگ: آصف نظاماڻي
لي آئوٽ: سيد دامن علي شاهہ
ڇپيندڙ : پوپٽ پرنٽنگ پريس مال روڊ خيرپور فون: 0243-552913
ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور، سنڌ.

قيمت : **200/=** روپيا

NIKRI PAYUS NEPAL DDAANH
(Travelogue)
Written by: **Ishaque Ansari**
1st Edition: August 2013
Printed by: Popat Printing Press Khairpur
Published by: Popat Publishing House Khairpur, Sindh.

Price Rs:200/=

www.sindhsalamat.com

انتساب

هي ڪتاب ارپيان ٿو:
قاضي عابد، الطاف شيخ، تنوير عباسي،
ڊاڪٽر سليمان شيخ، فقير محمد لاشاري، بدر ابڙي،
فهميده حسين، اشتياق انصاري، عبدالحئي پليجي،
مهتاب محبوب، خيرالنساءِ جعفري، مدد علي سنڌي،
محمد خان سيال ۽ قُربان منگيءَ کي
جن جا سفرناما پڙهي سفر ڪرڻ جو جنون پيدا ٿيو.

– اسحاق انصاري

www.sindhsalamat.com

ترتيب

- پبلشر نوٽ — قربان منگي — 08
- ليکڪ پاران — اسحاق انصاري — 09
- پُر اسرار نيپال ۾ سنڌي ڀِڪشو — بدر ابڙو — 11

◊ پهچي ويس نيپال — 16
◊ پٽن، پاٽن يا لليتپور — 26
◊ سويم ڀونات — 39
◊ کٽمنڊو جي شام — 46
◊ نارائڻ هٽي پيليس ميوزيم — 50
◊ نگر ڪوٽ — 57
◊ ڀختاپور — 63
◊ پوکرا — 82
◊ کٽمنڊو دربار — 120
◊ موٽي آيس نيپال کان — 126

پبلشر نوٽ

پنهنجي ناوِلَ "خالي بينچ" ۽ سفرنامي "پرين هُنَ پارَ" وسيلي، پڙهندڙن جي دلين ۾ جايون جوڙي ڇڏيندڙ سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ ڳُڻي ليکڪ اسحاق انصاريءَ جو نيپال جو سفرنامو "نڪري پيس نيپال ڏانهن" اوهان جي هٿن تائين پهچائيندي ادارو "پوپٽ" تمام گهڻي سَرهائي محسوس ڪري رهيو آهي. هِن کان اڳ ۾ "پوپٽ" پاران جڏهن اسحاق انصاريءَ جي مقبول ناول "خالي بينچ" جو ٻيو ايڊيشن شايع ڪيو ويو ته اُهو ايڊيشن به مارڪيٽ مان ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ وڪامي ويو ۽ پڙهندڙن جي ان ناول لاءِ طلب ۽ تانگهه اڃان به باقي آهي.

اسان سمجهون ٿا ته لِکڻَ جي دلچسپ ۽ وڻندڙ پيرائي، مشاهدي جي رنگينين، ڄاڻَ جي خزاني، مختصر وقت ۾ اهم ماڳن جي چُونڊَ سبب، اسحاق انصاريءَ جو هي نيپال جو سفرنامو پڻ پڙهندڙن ۾ تمام گهڻي مَڃتا ماڻيندو ۽ ڪيترائي نوان پڙهندڙ پيدا ڪندو.

پوپٽ پبلشنگ هائوس هميشه وانگر اوهان جي راءِ جي اوسيئڙي ۾ رهندو.

قربان منگي
چيئرمين
پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور

www.sindhsalamat.com

ليکڪ پاران

جون جي مهيني ۾ نيپال وڃڻ ٿيو. حقيقت اها آهي تہ نيپال جڏهن بہ ماڻهو گهمڻ وڃي تہ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڏينهن جو ٽوئر هجي، ڇو جو نيپال جي سياحت ۾ ثقافتي ۽ تفريحي رنگ تہ آهي ئي آهي، پر نيپال جي گهڻي سياحت هائڪنگ يا مائونٽينرنگ(جبل چڙهڻ) آهي. ظاهر آهي تہ اسان مان سڀ يا گهڻائي، اهڙي دلچسپي نہ ٿي رکي، تنهنڪري نيپال وڃڻ کان اڳ پنهنجو پورو پروگرام ترتيب ڏئي پوءِ وڃجي.

هن ڪتاب ۾ نيپالي ۽ هندو ميٿالاجي جو گهڻو ذڪر اچي ٿو ان جو سبب اهو آهي تہ اتان جي تاريخي آثارن جو واسطو گهڻو ڪري ٻڌمت ۽ هندو مذهب سان آهي. انڪري ڪن هنڌن تي ٿورا تفصيل ڏيڻ ضروري سمجهيا ويا آهن. پر ان هوندي بہ جيڪڏهن انهن ۾ ڪا غلطي هوندي تہ اها صرف منهنجي ئي هوندي تہ مان ان ڳالهہ کي ان پيرائي ۾ سمجهي ۽ سمجهائي نہ سگهيو هوندس. ان کان علاوه نيپال جي سياست جي باري ۾ سرسري طور تي لکيل آهي ڇو جو هي ڪو مضمونن جو ڪتاب ناهي بس ان موضوع کي ايترو ڇيڙيو ويو آهي جيترو ان سفر ۾ ان ڳالهہ جو واسطو پيو آهي. مون تہ اهو بہ سوچيو هو تہ هندو ميٿالاجي ۽ اتان جي سياست خاص طور تي گوريلا تحريڪ تي ڪتاب جي آخر ۾ ڪي ضميما ڏجن ها. ڇو جو انهن کي سمجهڻ بنا شايد اهي نالا يا واقعا پنهنجو پاڻ کي صحيح نموني ظاهر ڪري نہ سگهن. پر دوستن، منهنجي ان راءِ کي نہ مڃيو. سندن چوڻ هو تہ هي سفرنامو آهي جيترو ممڪن هجي تہ ان سان لاڳاپيل شين کي ڇهجي نہ ڪي تحقيقي ڪتاب ٺاهجي.

پنهنجي دوست رڪيل مورائيءَ جو ٿورائتو آهيان جنهن هي ڪتاب لکرايو. ٿيو هيئن جو منهنجي واپس اچڻ کان پوءِ هو مون تي زور ڀريندو رهيو تہ ڪيس اهو سفرنامو لکي ڏيان. پر مونکي وقت ۽ اتساهہ نہ پئي مليو. هڪ ڏينهن هو منهنجي آفيس آيو ۽ چيائين تہ نوٽس تہ ورتل هوندا يا شروعاتي تہ ڪجهہ لکيل هوندو اهو مون کي ڏيو. مون ڪيس اهو ڏنو تہ هن عوامي آواز جي مئگزين ۾ هي سفرنامو ڇپي ڇڏيو. اها سندس چالاڪي ۽ مون سان حجت هئي ڇو جو ڪيس خبر آهي تہ مان پنهنجي ڪم سان ڪميٽيڊ هوندو آهيان. انڪري پوءِ ڪيس هر ايندڙ قسط ڪمپوز ڪري مقرر وقت تي اي ميل ڪري ڇڏيندو هيس. ان سلسلي ۾ ڪجهہ ڳالهين جي وضاحت لاءِ مان پنهنجن دوستن ۽ نيپال مان ڊاڪٽر راڻو مل پيرواڻي جي مدد وٺندو رهيو آهيان.

جيئن تہ هن سفر تي اتساهڻ ۾ سائين بدر ابڙي جي ڪتاب "پڳوانن جي پونءِ ۾" جو اهم ڪردار هو انڪري مون ڪيس گذارش ڪئي تہ هن ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏي. جيتوڻيڪ مصروف هوندي بہ بدر ابڙي صاحب ڪجهہ لفظ لکي ڏنا آهن جيڪي مون لاءِ وڏي اهميت رکن ٿا ۽ هن سفرنامي جي ست يا روح کي بہ واضح ڪن ٿا.

مان پنهنجي پياري دوست قربان منگيءَ جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي سفرنامي آڻڻ کان اڳ منهنجي سفرنامي کي ڇپڻ جي دعوت ڏني.

اسحاق انصاري
ڪراچي
20 جولاءِ 2013

www.sindhsalamat.com

پُراِسرار نِيپال ۾ سنڌي پِڪشو

سنڌ ۽ نيپال جو پاڻ ۾ ڪو پراڻو سنبنڌ لڳي ٿو. گهڻا سال اڳ جڏهن آئون ساڌ ٻيلو گهمڻ ويو هئس، تڏهن مون کي ٻڌايو ويو هو تہ ميرن جي صاحبي دوران (1823ع ۾) هڪ ساڌو بن کنڊي مهاراج نيپال کان هتي اچي وينو هو. نِيپال، هماليہ جبل تي تبت ۽ هندستان جي وچ ۾ آهي. اهڙي طرح اهو معلوم ٿئي ٿو تہ 200 سال اڳ تائين نيپالين لاءِ سنڌ ياترا اهم هئي. بابا بن کنڊي نيپال موٽي نہ ويو پر سنڌ جا سيلاني هاڻي نيپال وڃڻ لڳا آهن.

چون ٿا تہ هِماليہ جي جهول ۾ هڪ وشال ڍنڍ هئي، جنهن جو پاڻي هڪ درويش شري منجُو سريءَ وڍ ڏيئي وهائي ڇڏيو. اها فقير جي مهرباني هئي يا نيپال جي ندين پنهنجي زور طاقت ۽ ڪاڏ (erosion) جي ذريعي پنهنجو رستو ٺاهي جبلن مان جند ڇڏائي؟ هِي ٻہ جدا جدا سوچون آهن . سائنسي تشريح ڪيڏي بہ خوبصورت ڇو نہ هجي، ڏند ڪٿائون وڌيڪ دلچسپ ٿين ٿيون ، ڇو تہ انهن ۾ غير سائنسي سوچ رکندڙ انسان جي تصور جي اڏام گهڻي اُتانهين ٿئي ٿي. اِها اُڏام ئي تہ آهي جنهن ڀڳوانن کي آسمان تان لاهي ڌرتيءَ تي آندو آهي. اهي تصور ماڻهوءَ جي تن، من ۽ سڄي ماحول ۾ عجيب سنسار جوڙين ٿا. اينٿروپالاجيءَ وارن کان پڇو تہ چوندا: ”انسان جي ذهن جو جوڙيل سنسار بہ اوڏو ئي سائنسي آهي، جيڏو حقيقي!“. انسان جي سوچ جي پويان بہ نيٺ ڪو سائنسي ڪارڻ آهي.آخر هيءَ سڄي سماجيات، آرڪيالاجي، مذهب، ريتون ۽ رسمون بي سبب تہ ڪونہ آهن؟

ترقي ڪيل دنيا ۾ رهندڙ عام ماڻهو ان روحاني سنسار کان شايد گهڻو پري آهي، تڏهن تہ هُو جڏهن بہ اُپکنڊ (جنهن کي ثقافتن جو سمنڊ چئجي تہ غلط نہ ٿيندو) ۾ داخل ٿئي ٿو تہ پاڻ کي ڪنهن ”time tunnel“ ۾ محسوس ڪري ٿو اهڙي

احساس مان خود اسحاق انصاري بہ لنگهيو آهي، جنهن جو اظهار هن ئي ڪتاب ۾ ڪنهن هنڌ ڪيو اٿس.

اسحاق ڀلي تہ مون کان گهڻي دنيا ڏٺي آهي، مون کان عمر ۾ گهڻو ننڍو آهي، انڪري تڪلف برطرف ڪري حجائتو ٿي لکان ٿو. سندس لکڻين ۾ مشاهدن سان گڏ رومانس جي آميزش تمام دلچسپ آهي، جيئن هن ڪتاب ۾ ’الپنا‘ جو ڪردار آهي. سچ پچ تہ مون کي سندس اهو انداز سٺو لڳو. ”هر شخص هڪ ڪتاب آهي ۽ سڄي دنيا هڪ لائبرري.“ مون کي تہ الپنا بہ ايئن ئي هڪ ڪتاب لڳي جيئن وِديا ديوي يا پاربتي! فرق اهو آهي تہ ڪي فاني انسان آهن تہ ڪي لافاني ڀڳوان!

هڪڙا روح هوندا آهن ’صابرين‘ ۽ ٻيا ’بيچين‘ هوندا آهن. جيڪي ڪنهن پوئين جنم ۾ اڌوري رهجي ويل خواهش پوري ڪرڻ جي چڪر ۾ هر وقت سنسار ۾ سرگردان هوندا آهن. اسحاق بہ انهن مان آهي. الائي ڪهڙي پراڻي اڄ اٿس جيڪا ڪنهن بہ گهاٽ تي نہ ٿي اُجهاميس. ڳالهہ تہ شايد ڪنهن پوئين جنم جي عشق جي آهي، جيئن الپنا ٿي چيو پر اسحاق پنهنجي تڙپ جو سبب پاڻ هنن لفظن ۾ ٿو ٻڌائي تہ: ”ٻڌل ڳالهين سان عشق پروان چڙهي ٿو بابو بيڪاري ٿيا، ... ۽ بابوءَ کي بر ۾ عشق جو ڪيف چڙهي ٿو وڃي! “. ڳالهيون تہ هرڪو پيو ٻڌي، پر ٻڌل ڳالهہ تي نڪري پوڻ جي پويان بہ تہ ڪو ڳجهہ هوندو! بظاهر، اسحاق کي نيپال گهمڻ جو شوق ٻين کان ٻُڌل ڳالهين تي ٿيو. ڪيس گوتم ٻُڌ جي جنم ڀومي ڪپل وستو ۽ لُمبني ڇڪ ڪئي. گوتم ٻُڌ اسان لاءِ اوپرو ناهي. اشوڪ اعظم کان سومرن جي بادشاهيءَ جي پڇاڙيءَ تائين سنڌ جي اسٽوپائن ۽ وِهارن (نيپال ۾ اسٽوپ ۽ بِهالہ) ۾ ٻُڌ ڌرم جا شرامڻ ۽ ڀِڪشو پنهنجا ڌرمي سوترا ـ منتر پيا پڙهندا آيا آهن، جيڪي اڃا تائين ڪنڊرن ۾ پيا گونجن، رڳو ٻُڌڻ وارا ڪَنَ گهرجن. شهزادو سڌارٿ محل تياڳي سنياسي ٿيو پر هن کان اڳ هڪ ٻيو فقير شهزادو جين مت جو پارس ناٿ محل ڇڏي نڪتو هو، جنهن کي ٻُڌا ناٿ جهڙو ئي روپ ۽ حيثييت آهي، نِيپال ۾ هن جي مورتي هر هنڌان خريد ڪري سگهجي ٿي، پر نيپالي دڪاندار پارس ناٿ کي بہ ٻُڌا ناٿ چئي وڪڻي ڇڏيندا آهن.

اسحاق 2012ع ۾ نيپال ڏانهن نڪتو. مون کي گهڻو اڳ 1991ع ۾ موقعو مليو ۽ مون وٽِ معلومات طور سنڌيءَ ۾ فقط فقير محمد لاشاريءَ جو ڪتاب ’هيٺا ماڻهو سگهارو هِماليہ ‘ موجود هو. ان وقت Googleجي سهوليت هئي ئي ڪانہ ، جو ڪٿي گهر ويٺي ڪا ٻي گهربل معلومات وٺجي. اسان سنڌي ماڻهن لاءِ ڪمپيوٽر بہ اڃا

www.sindhsalamat.com

عام ڪونہ هو. بس جيڪي اخبارن ۾ خبرون ڇپجنديون هيون، اهو ئي اسان لاءِ سيڪجھہ هو. نيپال جي سياسي تاريخ تي سنڌي ليکڪ نظر رکيو پيا اچن، ابتدائي احوال ف م لاشاريءَ ان وقت ڏنو جڏهن کٽمنڊو لاءِ پي آءِ اي جون اڏامون شروع ٿيون، ان کان پوءِ منهنجو وڃڻ ٿيو تہ ان وقت وزير اعظم ڪوئرالا هو. مون 1992 تائين جا واقعا update ڪيا، هاڻي اسحاق ويو تہ انهن واقعن کي اڄ تائين update ڪيو اٿس. انڪري پڙهندڙن کي ٽيئي ڪتاب هڪٻئي جو تسلسل سمجهي پڙهڻ گهرجن، سياڻي ڪو ٻيو ويندو تہ اهو نوان تفصيل لکندو. اهو سلسلو هلندو رهندو. سياحت بہ عجيب شعبو آهي، ڪنهن کي پنهنجي وقت ۾ ڪي شيون هڪ طرح نظر آيون، تہ وري ڪنهن ٻئي کي، ٻئي وقت ۾ ساڳي جاءِ ٻي طرح نظر آئي. ايئن تاريخ جا ارتقائي ڏاڪا بہ قلمبند ٿين ٿا ۽ پڙهندڙ باخبر رهي ٿو.

اسحاق بلڪل ٺيڪ لکيو آهي تہ جنهن وٽ ڏند ڪٿائن جي اڳواٽ معلومات آهي، انهن لاءِ اهو نيپال ۾ گهمڻ دوران وڌيڪ مزو وٺي سگهندو. پر ڪنهن وٽ ڪيتري معلومات ٿي سگهي ٿي؟ هر شيءِ جي ڪا نہ ڪا حد هوندي آهي. مون جڏهن پنهنجي سفرنامي جو نالو "ڀڳوانن جي ڀُونءِ" رکيو تڏهن مون کي چڱيءَ طرح احساس هو تہ هتي ڏند ڪٿائن جو ڇيهہ ئي ڪونهي. توڻي جو مون هندو ڏند ڪٿائن تي ڪافي پڙهيو آهي، پر هتي تہ گِهٽيءَ گِهٽيءَ ۾ هڪ نئين ڪٿا سامهون پئي آئي. نيپال تي لکڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ جنم گهرجي. اسان تہ فقط ڪي glimpses ڏيئي سگهيا آهيون. هتي ڀڳوانن جو ڪو شمار ئي ناهي. هر هنڌ ڪنهن نہ ڪنهن ڀڳوان جي مورتي ٺهيل آهي، هر چوڪ، هر باغ، هر گهر، هر، مندر، هر دڪان، هر محل ماڙي، هر آرائش ۾ ڪا مورتي اڪريل آهي. جيڪڏهن ڪو ڀڳوان نہ آهي تہ ڪو سورمو بادشاهہ آهي. ڪو ڏند ڪٿائي پکي يا جانور آهي. هتي ڪو هڪ ڌرم يا پنٿ نہ آهي جو جهٽ ۾ سمجهي وٺجي، يا ڪا هڪ پيرائتي آکاڻي ٻڌجي تہ سڀ ڪردار سمجهہ ۾ اچي وڃن. هتي تہ ڳالهہ ۾ ڳالهہ آهي، قصي ۾ قصو آهي، ڪردار ۾ ڪردار آهي، هر ڪردار جا ڪيئي ڪيئي روپ آهن، هر ڪنهن روپ جي پنهنجي ڪهاڻي ۽ معنيٰ آهي. ٻُڌ مت، جِين مت، شِو پنٿ، وِشنو پنٿ، شڪتي پنٿ، گورک پنٿ، اِندر ديو جيئري ديوي ـــــ ۽ ڪوڙ سارا تيرٿ، رِشي، مُني، مها پُرش !! ڪنهن ڪنهن جي ڳالهہ ڪجي؟ هتي شايد عام ماڻهن کان وڌيڪ ڀڳوان رهن ٿا.

اسان جنهن معاشري ۾ رهون ٿا، ان ۾ اهي سيئي قصا ڪهاڻيون خاص

سنڌي رنگ ۾ موجود هيون. ماڻهو اهي ريتون ۽ پوڄائون ميلن ۽ ڏڻن ۾ پيا ورجائيندا هئا. هتي سيڪجھہ زندهہ هو هاڻي ڪونهي. اسٽوپا هئا پر کنڊر ٿيا پيا آهن. گرو گورکناٿ، پارس ناٿ، مها وِير، ٻُڏا ناٿ سڀ ڳالهيون کنڊر ٿي ويون آهن. اهي ئي شيون، هاڻي جڏهن نيپال ۾ زندهہ سلامت ٿا ڏسون تہ ڄڻ وسريل ماضيءَ جا ورق ورڻ شروع ٿي ٿا وڃن.

اسحاق گُرڙ پکيءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي، شروع ۾ ان کي گرور ۽ گردا لکيو اٿس پوءَ ڪنهن دوست جي اصلاح تي گرڙ پکي لکيو اٿائين. گرڙ پکي سان منهنجي واقفيت ناني حبل ڪرائي هئي. ننڍا هئاسين تہ روز آکاڻي ٻڌائيندي هئي. سندباد سيلانيءَ جي هڪ سفر ۾ سندباد ڪنهن اونهي ماٽريءَ ۾ وڃي پيو هو جنهن ۾ هيرا جواهر هوندا هئا. ماڻهو ان ماٽريءَ ۾ گوشت جا لوٿڙا اڇلائيندا هئا. پوءِ آسمان مان گرڙ پکي اچي اهي لوٿڙا کڻندو هو جنهن کي هيرا جواهر چهٽيل هوندا هئا، سندباد پاڻ کي ان پکيءَ جي پير سان ٻڌي ان اونهي ماٽريءَ مان ٻاهر نڪتو هو ۽ پوءِ جڏهن ماڻهو گُرڙ پکيءَ جي آکيري مان هيرا جواهر کڻڻ آيا تہ سندباد بہ آجو ٿيو. ڪن ڪتابي ڪهاڻين ۾ ان کي رُخ پکي بہ لکيو ويو. رُخ معنيٰ اُٺ، ڪٺي اُٺ پکي چئجي پر اُٺ پکي تہ اڏامندو ئي ناهي. سو گُرڙ پکي بنيادي طرح شاهي عقاب آهي، جيڪو ڏند ڪٿائن ۾ وِشنو ڀڳوان جي سواري آهي، ان کي انساني شبيهہ ڏني وئي ۽ ڏند ڪٿا ۾ ان کي اڌ انسان ۽ اڌ پکيءَ جي روپ ۾ وِشنو سان ڏکهي جنگ ۾ هار کارائي وئي، ۽ پوءِ هن کي وِشنوءَ جي سواري هجڻ جو اعزاز مليو. بلڪل ايئن جيئن گڻيش ڀڳوان هڪ ٻِٽيَل ۽ پوائتي ڀڳوان ڪرونچَ (Kroncha) کي ڪُوئي جي روپ ۾ پنهنجي سواري ٺاهي هي اعزاز بخشيو.

نِيپال ۾ گنگا ۽ جمنا ندين جون مورتيون ڏسي اسحاق صاحب جي من ۾ آيو تہ ڇا سنڌو نديءَ جي بہ ڪا مورتي آهي؟ مون ڪن هنڌن تي سنڌوءَ جي مورتي ڏٺي آهي، اها ڪا ٻي نہ خود گنگا جمنا واري آهي، جيڪا 'مَڪرا' تي سوار آهي يا ڪڏهن ان کي ٻلهڻ تي سوار ڏيکاريو ويندو آهي. ٻُلهڻ گنگا ۽ سنڌو نديءَ ۾ ٿئي ٿي، 'مَڪرا' جي شڪل صورت پلي تہ ڏند ڪٿائي يا compositeهجي، اهو درياهي واڳون آهي جنهن کي مُگر ۽ اردو / هنديءَ ۾ مَگر مَڇ چون ٿا. چوندا ڪونہ آهن تہ "مَڪر ٿو ڪري!" يعني واڳون وارا لڙڪ ٿو هاري، ڊونگ ٿو ڪري! شڪارپور ۾ ڪاٺ جي اُڪر تي 'مَڪرا' خوب اُڪريل آهي. هونئن بہ گنگا، جمنا يا سرسوتي (هاڪڙو) ۽ سنڌوءَ کي الڳ ٿلڳ نہ ڏسڻ گهرجي، اهي

www.sindhsalamat.com

ماٿريون تهذيبي طرح پاڻ ۾ اصل کان ڳنڍيل هيون. انڪري گنگا نديءَ واري مورتيءَ کي ‘درياهه ديوي’ سمجهڻ گهرجي. ۽ اها سنڌو درياهه جي به انساني شبيهه آهي.

هر ليکڪ جو پنهنجو انداز هوندو آهي ۽ هر هڪ جو پنهنجو سوچ جو زاويو ٿئي ٿو. هر ڪو پنهنجين محدود حالتن ۾ مشاهدو ماڻي ٿو. اسحاق انصاري بهرحال، هڪ سنو سياح آهي. ڪيس خبر آهي ته سياحت ڪيئن ڪجي؟ ڇا ڏسجي ۽ ڪيئن رٿا بندي ڪجي؟ اها اضافي خوبي اٿس ته پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا دلچسپ پيرائيي ۾ پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو نه ته ڪوڙ سارا سياح فقط گهمي ڦري دل وندرائي موٽي ايندا آهن. جن ڏٺو ۽ ٻين تائين ڄاڻ نه پهچائي، منهنجي نظر ۾ اهو وئرٿ ويو.

اسحاق انصاري، گهڻن ئي ملڪن جو سير ڪيو آهي، ٻين اکرن ۾ ‘گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو اٿس’. ان ڪري سياحت جا گُر اچي ويا اٿس. لکڻ جو ڏانءُ ته اڳي ئي اٿس، سُنو نقاد به آهي. ڪافي سنپالي سنڀالي لکيو اٿس. ڪيس خبر آهي ته ڪٿي نان اِسٽاپ هلڻو آهي، ڪٿي فُل اسٽاپ ڏيڻو آهي، ڪٿي سٽباٽن ۾ ڳالهائڻو آهي ۽ ڪٿي پاسو ڪرڻو آهي. ڪٺمنڊو، ٿامل ، پگتاپور ۽ پوکرا جو احوال سنڌي ماڻهن لاءِ اتساهيندڙ آهي، ڪاش هو پنهنجو سفر مڪمل ڪري سگهي ها ۽ ڪپل وستو ، لُمبني جو اکين ڏٺو احوال لکي سگهي ها!

جنهن تحرير ۾ ڪردار، جذبا ۽ واقعن جو تسلسل ٿئي ٿو اهو وڌيڪ دلچسپ ٿئي ٿو جيئن هن ڪتاب ۾ اڪثر جاين تي آهي ــ ۽ اهي تحريرون به جاندار ٿين ٿيون جيڪي تاريخ ۽ تعميرات جا تفصيل ۽ انهن جو پسمنظر بيان ڪن. اسحاق اها به ڪوشش ڪئي آهي پر انهن جي فلسفي ۽ گهِرائيءَ ۾ گهڻو نه ويو آهي. ظاهر آهي ته هُو اشتياق انصاري نه آهي، جڏهن اشتياق اوڏانهن ويندو ته فِيتون ۽ ماپ تور جا اوزار به کڻي ويندو. اسحاق جي پُر شوق اکين ۾ گهڻو ڪجهه آهي، شايد ڪيس الپنا سان ملاقات لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر نيپال ڏانهن وڃڻو پوي .... ۽ پوءِ موٽ ۾ الپنا کي خوابن جو تعبير ملڻ ڪانسواءِ اسان کي نيپال بابت ٻي پُرِاسرار معلومات به پڙهڻ لاءِ ملي پوي!

بدر ابڙو

پهچي ويس نيپال

گهمڻ ڦرڻ جو شوق هوندن ته هر ڪنهن کي ٿئي ٿو پوءِ ڪنهنکي گهٽ ته ڪنهن کي وڌ. ننڍي هوندي کان وٺي مختلف تصويرون به ان شوق جي وڌائڻ جو هڪ ڪارڻ ٿين ٿيون. ٻيو ته ماڻهن کان ٻڌڻ ۽ پڙهڻ کان پوءِ به ڪجهه جڳهون، ڪي ملڪ اهڙا ٿين ٿا، جن جي لاءِ اندر ۾ هڪ خواهش اڀري ٿي ته ان ملڪ يا ماڳ تي پهچجي. هوندن اسان جو هڪ دوست ته ان خيال جو به آهي ته ماڻهوءَ کي پيار يا عشق به گهڻو ڪري ٻين جي ٻڌل ڳالهين جي ڪري ٿئي ٿو جيئن قصن ڪهاڻين ۾ بادشاهن کي وزيرن ۽ مشيرن جي ذريعي ٻڌايو ويندو هو ته فلاڻي مائي چنڊ جو ٽڪرو آهي، مطلب ته هن کي ان عورت جي باري ۾ ايترو ٻڌايو ويندو هو جو هو ذهني طور تي ان کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. جيئن عمر کي مارئي جي باري ۾ ٻڌايو ويو ته هوءَ ڪيتري سهڻي آهي، اهڙي ريت ٻيا به ڪوڙ اهڙا مثال آهن.

ڳالهه ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته مون کي به ڪن ملڪن جي باري ۾ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ کان پوءِ خواهش هوندي آهي ته اهي ملڪ ضرور گهمان، جن ۾ يونان، مصر، سريلنڪا، انڊيا ۽ نيپال اچي وڃن ٿا. حالانڪ ٻن درجن کان وڌيڪ ملڪن جي سياحت ڪري چڪو آهيان پر سريلنڪا کان علاوه ٻين ٽن ملڪن يعني يونان، مصر ۽ انڊيا اڃان نه وڃي سگهيو آهيان. نيپال ڏانهن ڇِڪ جو هڪ ٻيو به سبب هو ته اتي ڪپل وستو به آهي جتان سڌارٿ، محلاتن مان نڪري، دنيا تياڳي گيان حاصل ڪيو هو.

جڏهن به سال گذرڻ وارو هوندو آهي ۽ ڪنهن ٻاهرين ملڪ سرڪاري طرح نه وڃي سگهندو آهيان ته پوءِ اندر ۾ ٻاهر وڃڻ جي بيچيني ٿي پوندي آهي. اهڙي

www.sindhsalamat.com

ئي بيچيني اسان جي پياري ليڪ سائين مشتاق شوري کي بہ ٿي پوندي آهي ۽ هو هر سال ۾ گهڻو ڪري رمضان ۾ ٻاهر چڪر هڻڻ ويندو آهي. سال 2012 ۾ ڪيڏانهن نڪرڻ جو پروگرام ٺاهي رهيو هيس تہ اخلاق انصاريءَ چيو تہ هو بہ مون سان ڪمپني ڪندو. هن سان مليشيا ۽ ٿائيلينڊ وڃڻ جو پروگرام ٺهيو پر ڪيس وقت سِر اين او سي نہ ملڻ ڪري مون ڪانئس اجازت ورتي ۽ نڪري پيس نيپال ڏانهن.

انٽرنيٽ تي اتان جي گهمڻ وارين جڳهن جي لسٽ تيار ڪندو ويس. فيس بوڪ تي صحافي دوست، امر ڳرڙي جون نيپال جون تصويرون بہ ڪجهہ وقت اڳ ۾ ڏٺيون هيون . انکري مون ڪيس ميسيج ڪيو تہ مون کي گائيڊ ڪري تہ ڪٿي ڪٿي گهمجي. هن ڪافي گائيڊ ڪيو ۽ هڪ ڏينهن انٽرنيٽ تي چيٽ تي ئي هياسين تہ ڪٺمنڊو ۾ رهندڙ سنڌي ڊاڪٽر سائين راڻو مل پرياڻيءَ سان بہ چيٽ ڪرايائين جنهن چيو تہ ڪا پرواه ناهي توهان هليا اچو.

ان ڪان علاوه، ياءُ آفاق انصاريءَ جي ڪلاسي، لاڙڪاڻي جي اِندر لعل، جيڪو ڪراچيءَ ۾ منهنجو پاڙيسري آهي ۽ هن وقت ڪٺمنڊو ۾ پي آءِ اي ۾ فنانس مينيجر طور ڪم ڪري رهيو آهي، سان رابطو ڪيو. جنهن ڪان مون موسم جو معلوم ڪيو تہ برساتين واري موسم تہ ناهي تہ هن چيو تہ موسم سني آهي ۽ اچڻ لاءِ زور پريو.

نيپال وڃڻ جو هڪ ٻيو اهم سبب اهو بہ هو تہ اتان جي ويزا اجان تائين اتي ايئرپورٽ تي ئي ڏني وڃي ٿي. بس وڃڻ جا سپ سانباها ٿي ويا ۽ مون ٽڪيٽ وٺي ستين جُون 2012ع تي سيٽ بوڪ ڪرائي. فلائيٽ صبح جو ساڍي يارهين وڳي هئي پر اڌ ڪلاڪ دير سان اڏاڻي، ڇو جو جهاز پشاور کان ئي دير سان ڪراچي پهتو.

لائونج ۾ پنهنجن همسفرن جا چهرا پڙهي رهيو هيس جن ۾ گهڻائي نيپالين جي هئي، مون کي سمجهہ ۾ ڳالهہ نہ آئي تہ ايترا سارا نيپالي پاڪستان ۾ ڇا ٿا ڪن؟ چهرا پڙهڻ وقت منهنجي منهن تي مُرڪ مڙي آئي جو ان لفظ ۽ خيال تي هڪ ڀيرو وڌي تڪرار ڪان بچي ويو هيس. ٿيو ائين هيو جو سلوواڪيا ۾ هڪ لائبرري ۾ پڙهندي هڪ لاطيني آمريڪا جي ڇوڪريءَ سان ڪافيءَ تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي. مون کي وٽي بہ رهي هئي هن سان ڳالهين ڪندي مون تي شاعراڻو موڊ طاري ٿي ويو ۽ ڪانئنس پڇيو هيم تہ ايترا سارا ڪتاب پڙهين ٿي ڪڏهن ماڻهن جا چهرا پڙهيا ٿي؟ هُن ڪلي چيو هو تہ چهرا، ڪتاب ٿوري آهن. مون چيو هر شخص هڪ ڪتاب آهي ۽ ساري دنيا هڪ لائبرري، پوءِ مون ڪيس ٻڌايو هو تہ مان ويڪ اينڊ تي هي ڪتاب ڇڏي، ماڻهن جي ميڙ ۾ ڪنهن ريسٽورنٽ يا ڊسڪو ۾ هليو ويندو آهيان جتي ماڻهن

جا چهرا پڙهندي پڙهندي ٿڪجي گهر موٽندو آهيان. هوءَ بہ شايد منهنجين ڳالهين جي سحر ۾ اچي وئي هئي ۽ ويڪ اينڊ تي مون سان ملڻ ۽ ڪنهن هنڌ گڏجي هلڻ جو پروگرام ٺاهي ورتائين. پر جڏهن ويڪ اينڊ تي هوءَ منهنجي هاسٽل جي ڪمري تي آئي هئي تہ مان ڪو ٻيو چهرو پڙهي رهيو هيس. اصل ۾ مون ڪان وسري ويو هيو تہ ڪو هن سان ٽائيم آهي. هوءَ حيران ٿي وئي ۽ مان پريشان. پر بنگلاديش جو شوڪت چوڌري، منهنجي لاءِ فرشتو بڻجي آيو جنهن صورتحال کي سنڀاليو ۽ هُن کي ڪافي پيارڻ وٺي ويو هو.

خير جهاز ۾ سوار ٿياسين، مونکي سيٽ اڳيان ملي هئي جنهنڪري ٽنگون آرام سان ڊگهيڙي سگهان پيو. جهاز ڪراچي ايئرپورٽ جي رن وي تي ڊوڙون پائڻ شروع ڪيون ۽ هوائن ۾ اڏامڻ لڳو، ڪراچيءَ جون عمارتون جهاز جي دريءَ منجهان گڏي، گڏيءَ جي گهرن جيان لڳي رهيون هيون، مونکي پنهنجي گُڏي(پُٽ) آدريان انصاريءَ جون موڪلائڻ مهل آليون اکيون ياد آيون. هڪ دعا هن سميت سيني ڪراچي واسين لاءِ دل مان نڪتي.

مان جڏهن نيپال جي لاءِ انٽرنيٽ تي سرفنگ ڪري رهيو هيس تہ ان ۾ ٻين ڳالهين ڪان علاوهہ ڪٺمنڊو سميت نيپال جي ٻين ايئرپورٽن کي جهاز لهڻ ۽ اڏڻ وقت خطرناڪ قرار ڏنو ويو هو. اهڙا ڪجهہ وڊيو بہ يوٽيوب تي پيل هيا. ان ئي ايئرپورٽ تي

ڪٺمنڊو ۾ تباهہ ٿيل جهاز

www.sindhsalamat.com

اڳ ۾ پي آءِ اي ۽ ٿائي ايئر جا جهاز ڪري تباهه ٿي چڪا هيا. جن مان ڪوبه مسافر زنده نه بچيو هو. ان ڪان علاوه ڪجهه ٻين ملڪن جا جهاز به اتي ڪِري چڪا هيا. کٽمنڊو ايئرپورٽ کي خطرناڪ ان ڪري سڏيو ويجي ٿو جو کٽمنڊو جي چوڌاري جبل آهن ۽ شهر وچ ۾ هڪ پيالي جيان آهيان. صرف هڪ هنڌ ننڍيا جبل آهن جتان جهاز اندر اچي هڪدم لهڻ شروع ڪري ٿو. کٽمنڊو ۾ دوستن اهو ٻڌايو ته هن طرف اچڻ وارا پائلٽ ڪجهه مخصوص آهن ۽ انهن کي به جهاز هلائڻ کان اڳ ڪافي ڦيرا جهاز تي سکيا طور ٻي پائلٽ سان گڏ نيپال موڪليو ويندو آهي. هنن وڌيڪ اهو به ٻڌايو ته هتي ڪجهه وقت کان رات جي لينڊنگ به بند آهي. پوڻن ٽن ڪلاڪن جي اڏام کان پوءِ جهاز کٽمنڊو ايئرپورٽ تي لهڻ لڳو.

جهاز مان جيئن ئي هيٺ لٿس ته ڏاڪٽين وٽ، اندر لعل بينو هو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيائين. کٽمنڊو ۾ موجود پي آءِ اي جي ٻين دوستن سان به تعارف ڪرايائين. اتي ڪجهه دير ٻيٺاسين جو اندر لعل ٻڌايو ته سندن هڪ ٻيو ساٿي به جهاز ۾ آهي. ٿوري دير کان پوءِ اهو به اچي مليو سندس نالو غلام معين الدين هيو هو نيپال جو ڪنٽري مينيجر رهي چڪو هو ۽ هاڻي رٽائر هو. هو به کٽمنڊو گهمڻ لاءِ آيو هو. اسان بس ذريعي ٽرمينل ۾ آياسين، جتي ويزا فارم ڀري ۽ به فوٽو پي آءِ اي جي هڪ نيپالي دوست، حُسين کي ڏناسين جنهن ويزا هٽائي، پاسپورٽ اسان جي

هٿن ۾ ڏنا. مون انٽرنيٽ تي ڪٿي پڙهيو هو ته نيپالي ويزا جا پيسا آهن. مون پيسن جي باري ۾ اندر لعل کان پڇيو ته هُن ٻڌايو ته پهرين ڀيري اچڻ سان في نه وٺندا آهن!

ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪسٽم جي عملي، نيپال وڃڻ جو ٻڌي منهنجو سامان ڏاڍي خبرداريءَ سان چيڪ ڪيو هو. مون ڪسٽم واري کي چيو هو مون وٽ ڪا به اعتراض جوڳي شئي ڪونهي، پر پوءِ به هو بيگ چيڪ ڪرڻ لڳو ته مون ڪيس چيو ته ڀلي ڏسي پر پوءِ بيگ، هو پاڻ مون کي پيڪ ڪري ڏيندو جو مون کي منهنجي زال ئي پيڪ ڪري ڏيندي آهي. مون ۾ اهو سليقو ڪونهي. هن بيگ جي ٽري، هينڊلن کي به ٽڪي ٽوڪي ڏٺو ته ان ۾ ڪا ڊرگ ته ناهي. پر شاباس آهي آفيسر کي ته هن منهنجي چوڻ مطابق احتياط ۽ سليقي سان بيگ کي بند ڪيو. ڪراچي ايئرپورٽ تي اهڙي حالت ٿيڻ ڪانپوءِ مون کي پڪ هئي ته کٽمنڊو ايئرپورٽ تي به ان کان وڌيڪ سخت چيڪنگ ٿيندي ڇو جو مون ٻڌو هو ته اتان جا ڪسٽم وارا ڏاڍا سخت آهن. اهڙا ئي ڪجهه پروگرام نيشنل جاگرافڪ چينل تي به ڏٺا هيا. پر هتي ته ڪا به اهڙي ڳالهه نه ٿي، اسان پنهنجي بيگ اسڪيننگ مشين مان گذاري ٻاهر هليا آياسين. ان جو هڪ سبب پي آءِ اي جي عملي جو گڏ هجڻ به ٿي سگهي ٿو.

ايئرپورٽ ٽرمينل، ننڍو، سادو پر خوبصورت هو. ڳاڙهين سرن سان ٺهيل عمارت ۾ دروازا ۽ دريون ڪاٺ جي اُڪر سان ٺهيل هيون. جنهنڪري ٽرمينل، نيپال جي مزاج ۽ ثقافت کي ظاهر ڪري رهيو هو. ايئن گهٽو ڪري هر ملڪ پوءِ اهو ٿائيلينڊ هجي، سريلنڪا هجي، انڊونيشيا هجي يا ڪهڙو به يورپي ملڪ، پنهنجن ايئرپورٽن ۽ انٽرنيشنل ٽرين اسٽيشنن کي ان ملڪ جي ثقافت سان سينگاريندا آهن. پر پاڪستان ۾ ايئن ناهي، هتان جي ايئرپورٽ تي لهڻ سان ماڻهو ڪو به اندازو نه لڳائي سگهندو ته هن ملڪ جي ثقافت ڪهڙي آهي؟

بادشاهه ترِڀون

کٽمنڊو ايئرپورٽ بادشاهه تري ڀون جي نالي سان منسوب آهي، جيڪو 1906ع ۾ ڄائو ۽ 1955ع ۾ وفات ڪيائين. هن پنجن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ماءُ جي نگرانيءَ ۾ پيءُ جي وفات کان پوءِ تخت سنڀاليو هو. حقيقت ۾ ان وقت حڪومت جو سڄو ڪنٽرول

www.sindhsalamat.com

راڻا فيملي وٽ هوندو هو جيڪي گهڻو ڪري وزير اعظم ۽ ٻين عهدن تي مقرر هوندا هيا. ان تي تفصيل سان اڳتي هلي لکبو.

اسان کي ٻاهر ڪجهه دير انتظار ڪرڻو پيو ڇو جو پي آءِ اي جي ٻين دوستن کي جيڪي اندر رن وي تي جهاز ۾ مصروف هيا ۽ جهاز کي رواني ڪرڻ کان پوءِ واندا ٿيڻا هيا. هنن کي به اسان سان هلڻو هو. تيستائين اسان ٻاهر هڪ عام اسٽال تي وڃي ويٺاسين، ۽ چانهن جو آرڊر ڏنو. مون ايئرپورٽ تان ئي موبائيل جي سِم خريد ڪري گهر پنهنجي خيريت سان پهچڻ جو اطلاع ڏنو.

ڪٺمنڊو ۾ پي آءِ اي، جو هن وقت انچارج، کهڙا، خيرپور جو ذاڪر حسين اڄڻ آهي ۽ اندر لعل فنائنس مينيجر آهي. اڄڻ صاحب جي اچڻ کان پوءِ اسان پي آءِ

اي جي ڪار ۾ گهر لاءِ روانا ٿياسين. رستن تي ٽيڪسين ۾ گهڻائي ۾ اسان وٽ هلندڙ سوزوڪي مهراڻ جهڙيون گاڏيون نظر آيون، جيڪي انڊيا جون ٺهيل آهن ۽ انهن جو نالو "ماروتي" هو. ماروتي، اصل ۾ هنومان ديوتا جو ٻيو نالو آهي. ان جي معني آهي ته ماروت(هوا جي ديوتا) جو پٽ. ڪاڏي ماروتي جو مطلب، ڪاڏي مهراڻ!

ڪٺمنڊو جا رستا ڪشادا ناهن، ان ڪري ٽريفڪ به جام رهي ٿي. ان مهل ته شام جو ٽائيم هو جنهنڪري ڪجهه وڌيڪ ئي رش هئي. رستي تي دوستن پري کان هڪ مندر ڏيکاريو جيڪو پشوپتي جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. مون چيو ته وقت ملڻ تي ضرور ڏسبو. جنهن تي هنن چيو ته متان گهمڻ مشڪل ٿئي ڇو جو ان مندر ۾ رڳو

هندن کي وڃڻ ڏيندا آهن. شهر جا رستا به گهڻو ڪري ڪوٺيل نظر آيا، جو رستن کي ڪشادو پئي ڪيو ويو. دوستن ٻڌايو ته انهن رستن کي ڪشادن ڪرڻ لاءِ حڪومت کي ماڻهن جا گهر ۽ دڪان به ڍاهڻا پيا، چاهي اڳلو ڪٽي ڪيترو به معتبر هو پر مجال آهي جو ڪنهن اسٽرائيڪ ڪئي هجي يا ڏڙٺو هنيو هجي. ڪجهه ماڻهن سپريم ڪورٽ مان اسٽي آرڊر وٺڻ جي به ڪوشش ڪئي، پر ڪورٽ اهو چئي سندن درخواست رد ڪئي ته غلطي اوهان جي آهي جو حڪومت جي زمين تي اڏاوت ڪئي آهي.

ڪٺمنڊو، رستن اڪثر هجڻ ڪري ۽ ڪنهن حد تائين جڳهن جي اڏاوت جي ڪري ٿورو ٿورو لاڙڪاڻو لڳي رهيو هو.

ڪٺمنڊو ۾ گرمي آهي، هوا به بند آهي. دوستن ٻڌايو ته هونئن هتان جي موسم ٺيڪ هوندي آهي پر گهڻي وقت برسات نه پوڻ ڪري گرمي زورن تي آهي. ڪٺمندو جي ٽريفڪ به بي ترتيب آهي، روڊ به ڪشادا ڪونه آهن. پاڪستان جيان هارن تي به زور آهي، هڪٻئي کان اڳ نڪرڻ جي ڪوشش ۾ جڳهه جڳهه تي ٽريفڪ جام رهي ٿي. بس هڪ عام رواجي شهر آهي، اهو هو پهريون تاثر ڪٺمنڊوءَ جو جيڪو منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيو. ٻيو تاثر اهو هو ته هتي عورتن جو تناسب وڌيڪ آهي ڇا؟ ڇو جو تمام گهڻيون عورتون رستن تي نظر اچي رهيون هيون، دڪانن هلائڻ واريون به اهي هيون ته رستن تي به اهي گهڻيون نظر اچي رهيون هيون. عورتن ۽ مردن جي شڪل ۽ هڏ ڪاٺ مختلف آهي شايد مختلف قومن جي ڪري. جيئن نيپال جي زمين مختلف هنڌن تي مختلف آهي ڪٿي ميداني آهي ته ڪٿي وري هماليا جا پهاڙ آهن، ته وري ڪي ماٿريون آهن. ان ڪري انهن جا نسل به مختلف آهن ڪي نوار آهن ته ڪي تبتين آهن ته ڪي وري انڊو آرين آهن. مرد گهڻو ڪري پينٽ شرٽ يا وري نيپالي اسٽائيل وارو ڪرتو،پائجامو ۽ مٿي تي ٽوپي پائن ٿا ۽ عورتون وري ساڙهي، يا شلوار قميص پائن ٿيون ڪي قد جون ننڍيون، ته ڪي عورتون وري قداور، سگهاريون، اپريل چاتين سان قتل ڪرڻ لاءِ آتيون.

اسان اندر لعل جي گهر پهتاسين. اندر ۽ ذاڪر حسين گڏ رهن ٿا. ذاڪر حسين سان پهرين ملاقات ئي سٺو تاثر ڇڏيو. معين صاحب ڪي به مهمان ٿي هتي رهڻو هو. مون کي ڊرائنگ روم ۾ جڳهه ملي، جتي بيڊ به رکيل هو. گهر صاف سٿرو هو. مون اندر لعل تي گهڻو زور رکيو هو ته منهنجي لاءِ ڪا هوٽل بوڪ ڪرائي انڪري جو انٽرنيٽ تي ڪا خبر نه پئي پوي ته هوٽل ڪهڙي لوڪيشن ۾ ڪهڙي اسٽينڊرڊ جو

www.sindhsalamat.com

آهي. پر هُن جو زور هو ته مان نيپال پهچان ته پوءِ ئي اهو فيصلو ڪبو. هاڻي وري سندن زور هو ته گهر ۾ رهان، پوءِ ٻي ڏينهن ڏنو ويندو. خير هڪ رات رهڻ جو مون اتي فيصلو ڪيو.

ٿوري دير رليڪس ٿيڻ لاءِ ليٽيس ته آذان جو آواز ڪنن تي پيو. معين آذان ڏئي رهيو هو، پوءِ ٽئي ڄڻا نماز پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويا. نماز کان پوءِ اِندر لعل ۽ مان ٻاهر چڪر تي نڪتاسين، پر وڃڻ کان اڳ هڪ دڪان تان شام جي لاءِ سامان سڙو وٺي گهر رکيو انڪري جو هتي دڪان ائين نائين وڳي تائين بند ٿي وڃن ٿا. ٻارهين وڳي تائين ته ريسٽورنٽ وغيره به بند ٿي وڃن ٿا باقي ڊسڪو يا ڪجهه بار دير تائين کليل رهن ٿا. اهو رڳو نيپال ۾ نه پر ڪافي ملڪن ۾ ڏٺو آهي ته دڪان شام جو ئي بند ٿي وڃن ٿا پوءِ اهي ايشيا جا ملڪ هجن يا يورپ جا، پر اسان جي پياري پاڪستان، خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ ته ڪلن ئي ٻارهين ٻارهين وڳي تا پوءِ بند به رات جو اهڙي ٽائيم تي ٿين ٿا. جڏهن لوڊ شيڊنگ جي ڪري حڪومت انهن کي چيو ته سويل کوليو ۽ سويل بند ڪيو ته واپارين واويلا شروع ڪري ڏني، حالانڪ جي هو ٽائيم تي کولن ته سندن ڌنڌو ايترو ئي ٿيندو.

اسان ٽئي ڄڻا پنڌ ئي پنڌ، گهران نڪري، هتان جي ٽوئرسٽ هنڌ، ٿامل طرف روانا ٿياسين، جتي گهڻيون هوٽلون، بارون ۽ دڪان آهن. الائي چو شهر ۾ گهمندي ڪنهن ڌاريائپ جو احساس نه ٿيو. پر اها حقيقت آهي ته ڪٽمنڊو منهنجي

ٿامل جي هڪ بازار جو ڏيک

ذهن ۾ تاهيل خاڪن کان مختلف هو. مون ته اهو سمجهيون هو ته پهاڙي شهر هوندو جيئن ڪوهه مري وغيره آهي. پر گهٽ ۾ گهٽ شهر جو اهو حصو ته اهڙو نه هو. ڪٽمندو جي لفظي معني ”ڪاٺ جو گهر“ ٿيندي. ڪٽمنڊو جي سمنڊ کان اوچائي 1400 ميٽر يا 4600 فوٽ آهي. هي پيالي جيان شهر آهي ۽ چوڌاري شواپوري، ڦلچوڪي، ناگارجن ۽

چندرا گيري جبلن سان گهيريل آهي. ڪٽمنڊو ماٿري ٽن ضلعن، ڪٽمنڊو، للتپور ۽ ڀختاپور، تي مشتمل آهي. جنهن ۾ 25 لک ماڻهو رهن ٿا، جڏهن ته نيپال جي ڪل آدمشماري اندازي مطابق ٽي ڪروڙ آهي.

ٿامل سندن گهر کان گهڻو پري نه هو. ٿامل هڪ عجيب ميلاپ آهي قديم ۽ جديد جو جو علائقو پراڻو آهي پر دڪان، ريسٽورنٽ، بار، مساج پارلر سڀ جديد آهن. سوڙهين گهٽين هجڻ ڪري ماڻهو هر وقت جڻ هجوم ۾ گم رهي ٿو انهن گهٽين ۾ مختلف ڊريسن وارا يورپي، امريڪي ۽ ٻين ڪنڊن جا ماڻهو هر وقت نظر ايندا. ٿامل کي ڏسي مون شڪر ادا ڪيو ته انٽرنيٽ تان هوٽل بوڪ نه ڪرايو. ڇو جو هتي ته سوڙهه هئي ۽ مون وٽ وري نيپال ۽ ڪٽمنڊو جو تاثر اهو هيو ته ڪمري جي دري کولينديس ته سامهون پهاڙ نظر ايندا يا وري ماٿريون. پر هي ٿامل ته تنگ گهٽين ۽ ڪجهه چونڪن جو هڪ مجموعو هو. ٿامل، اچڻ جو هڪ سبب اهو به هو ته جيئن ڪجهه ٽوئرسٽ ايجنسين کان ٽوئرز جا تفصيل معلوم ڪجن ۽ پوءِ انهن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي سياحت جو پروگرام ناهجي. مون جيئن اڳ ذڪر ڪيو ته هتي دڪان ائين وڳي بند ٿي وڃن ٿا انڪري سواءِ هڪ اڌ جي ٻيون ٽوئرسٽ ايجنسيون بند هيون. کليل ايجنسين تان معلومات ورتي ۽ مختلف ٽوئرن جا ڪجهه بروشر ۽ قيمتون لکي پاڻ سان کڻي، ڪجهه دير ٿامل جي گهٽين جو چڪر هنيو. دڪانن جي گهڻائي سووينئير واري هئي ۽ ٻيا وري پشمينا جي شالن جا دڪان هيا.

ڪمل پوکري

www.sindhsalamat.com

ٿوري دير گهمڻ کان پوءِ وري پنڌ ئي پنڌ واپس اِندر جي گهر آياسين. اندر لعل جو گهر ڪمل پوکري جي علائقي ۾ آهي، جتي هڪ ڍنڍ جيڪا هاڻي هڪ تلاءَ جي صورت ۾ آهي، ان ۾ ڪمل يا ڪنولن جي ڪري ان جو نالو ان علائقي تي پيو.

اهو گهر، هڪ چونڪ کان اندر هڪ گهٽيءَ ۾ آهي جهڙي ريت اسان وٽ عام طور تي محلا ٿيندا آهن، ان ئي اسٽائيل ۾ آهي. گهٽيءَ جي مهڙ وٽ چانهن جي ريسٽورنٽ کان علاوه سيڌي جو دڪان بہ آهي. چونڪ تي تہ هوٽل بہ آهي تہ ڊانس

سٽي سينٽر ڪٽمنڊو

ڪلب بہ تہ، بينڪون بہ. سڌ پنڌ تي وري هڪ شاپنگ مال سٽي سينٽر بہ آهي. جيڪو جوانن لاءِ ڊيٽ لاءِ ميٽنگ پليس بہ آهي.

رات جو دير تائين ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ سمهي پياسين. پر جڳهہ تبديل ٿيڻ ۽ گرمي جي ڪري ننڊ پڳل ٽٽل آئي.

پٽن، پاٽن يا لليتپور

صبح جو تيار ٿي پي آءِ اي جي آفيس، جيڪا سندن گهر کان هڪ گهٽي پنڌ تي هئي، ويس. جتي اندر لعل، مونکي گهمڻ وارين جڳهن جي باري ۾ معلومات ڏني جيڪا هن منهنجي لاءِ ڪٺي ڪري رکي هئي. ان کان علاوه انهن ماڳن تي وڃڻ جي لاءِ بسن جي باري ۾ ڊرائيور مان ٽيڪسي کي فوقيت ڏني. منهنجي پهرين منزل پٽن دربار هئي. رستن تي گاڏين جي هارنن، رش ۽ گوڙ کي برداشت ڪندا اڳتي وڌياسين. سامهون هڪ جلوس وڃي رهيو هو جيڪو مزدورن جو هو ۽ سندن هٿ ۾ ڳاڙها جهنڊا هيا. بينرن تي نعرا نيپالي ۾ لکيل هيا جنهنڪري سمجهہ کان ٻاهر هيا. مون ڊرائيور کان بہ پڇيو پر هو بہ ٻڌائڻ کان قاصر هو انڪري جو کيس نہ هندي پئي آئي، نہ وري انگريزي. هتي گهٽن ماڻهن کي هندي اچي ٿي. جنهن ڪري گهمڻ ڦرڻ ۾ گهڻي سهولت ٿئي ٿي. هونئن بہ ڪلچر کان وٺي معيشيت تائين هتي هندوستان جو گهڻو اثر آهي. نہ رڳو اليڪٽرانڪس، گاڏيون پر ميوا ۽ ڀاڄيون بہ هندوستان کان امپورٽ ٿين ٿا. نيپال جيڪا ٽوٽل امپورٽ ڪري ٿو ان ۾ 83 سيڪڙو هندوستان جو آهي. نيپال وٽ پنهنجو پيٽرول ڪو نہ آهي، جنهنڪري پيٽرول بہ هندوستان مان اچي ٿو. ڪڏهن تہ پيٽرول جي قلت بہ ٿي وڃي ٿي جنهنڪري گاڏيون بيهجي وڃن ٿيون. نيپال جو انڊيا سان زميني رابطو آهي ۽ ترائيءِ وارو علائقو انڊيا سان ڳنڍيل آهي. هتي ترائي جي معني ساڳي سنڌي واري آهي ڇو جو نيپال جا ٻيا سڀ هنڌ مٿانهان آهن ۽ اهو هنڌ ميداني آهي جنهنڪري نديون بہ ان پاسي وڃي ڇوڙ

www.sindhsalamat.com

ڪن ٿيون جيڪي پوءِ انڊيا بہ وڃن ٿيون. ايئن بہ ناهي تہ نيپال وٽ صفا سُڃ آهي،

پاٽن جو هڪ ڏيک

چانورءِ سٽي آهن جيڪي هو ايڪسپورٽ بہ ڪن ٿا ان کان علاوه غاليچا، چمڙي جو سامان ۽ گارمينٽس بہ ايڪسپورٽ ڪن ٿا.

پٽن يا پاٽن، للِيت پور واري علائقي ۾ آهي، چيو وڃي ٿو تہ لليتپور، قبل مسيح کان ٽي صديون اڳ وجود ۾ آيو. ان جو بنياد وجھڻ وارا ڪراتي يا ڪرانتي هيا. جيڪي اصل ۾ انڊيا جي آسام سان تعلق رکندا هيا ۽ پوءِ اچي اتي هماليا جبلن ۾ آباد ٿيا. ان کانپوءِ وري ان شهر کي وسعت ليچاوي ۽ مَلا يا مَل ماڻهن ڏني. هن شهر جي باري ۾ مختلف ڏند ڪٿائون آهن، انهن مان اهم هي آهي تہ ڪنهن زماني ۾ ڪٺمنڊو ۾ برسات نہ پوڻ جي ڪري سوڪهڙو ٿي ويو فصل سڪي ويا، ماڻهو بک مرڻ لڳا، سندن دارومدار زراعت تي هو. انڪري هتان جي ماڻهن سوچيو تہ ان لاءِ ڪجھ ڪيو وڃي، سڀني هڪ راءِ ٿي اهو فيصلو ڪيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني رام رتي مڇندرناٿ کي آسام انڊيا مان ڪٺي ڪٺمنڊو اچجي، ان ڪم لاءِ ٽن ماڻهن جو هڪ گروپ تيار ٿيو. ان گروپ ۾ هڪ ڄڻو لليت بہ هو جيڪو انڊيا کان وٺي ڪٺمنڊو تائين، پنهنجن ڪلهن تي ڪڻي آيو. جڏهن رام رتو مڇندرناٿ هتي پهتو تہ برساتون شروع ٿي ويون، ماڻهن سک جو ساهہ کنيو ۽ ٻنين ۾ ساوا سلا ڦٽڻ شروع ٿي ويا. لليت جي اهڙي ڪم جي ڪري ماڻهن، ڪٺمنڊو ماٿريءَ جي ان هنڌ کي لليت پور سڏڻ شروع

رام رتي مڇندرناٿ جي رٿ جو جلوس

ڪيو. ڪن هنڌن تي ايئن بہ لکيل آهي تہ لليت پور جي معني آهي ”خوبصورتيءَ وارو شهر يا فن وارو شهر“. هن وقت بہ ويساک (اپريل/مئي) مهيني ۾ جڳنناٿ جو ميلو مڃايو وڃي ٿو جنهن ۾ هڪ وڏي رٿ ۽ ٻي ننڍي رٿ ڪڍي ويندي آهي جنهن کي جلوس جي صورت ۾ گهمائيندا آهن.

ٽيڪسيءَ واري مون کي هڪ گهٽيءَ ۾ ڇڏيو پر اتي تہ مون کي ڪي اهڙا آثار نظر نہ آيا تہ هيءَ ڪو پراڻو شهر آهي يا سياحت وارو هنڌ آهي، هن ٻڌايو تہ اسان ان ئي جڳھہ تي آهيون پر ٻي پاسي کان آيا آهيون ٿورو پنڌ ڪرڻو پوندو پر مون کيس چيو تہ نہ مون کي اتي ڪٿي ويجهو ڇڏي ڇو جو گهٽين مان مونکي ڪا خبر نہ پوندي. پوءِ ان شريف ماڻهو مون کي گهٽين مان وٺي اچي دربار تي ڇڏيو.

مان جيئن ئي ڪٺمنڊو جي پراڻي شهر جون گهٽيون لتاڙي هڪ چوڪ ۾ داخل ٿيس تہ ڄڻ هڪ نئين جهان ۾ اچي ويس. ۽ اها دنيا ماڻهو کي تاريخ جي ورقن ۾ واپس گهلي وڃي ٿي تہ وري آرڪيٽيڪچر جي ڪاڪ محل ۾ بہ وٺي وڃي ٿي.

پٽن، پاٽن يا پٽڻ وارو شاهي ڪامپليڪس سترهين صديءَ ۾ بادشاهہ نرسما مَل، جي وقت ۾ ٺهڻ شروع ٿيو جيڪو سندس پٽ شري نواسا جي وقت تائين هليو.

www.sindhsalamat.com

دربار چڻ تہ هڪ وڏو آڱر آهي جنهن جي ٻنهي پاسن ۽ وچ تي مختلف عمارتون ٺهيل آهن. اتي ڪجهہ ننڍا ننڍا الڳ احاطا بہ آهن. جن ۾ وري مختلف عمارتون آهن. انهن احاطن يا چوڪن کي، سنداري چوڪ(1647)، ڪجن لي مُل چوڪ(1666)، ۽ ڪيشاو نارائڻ چوڪ (1734) چيو وڃي ٿو. ان کان علاوهہ اشوڪا جيڪو 250 قبل مسيح ۾ نيپال آيو هو. ان هِنَ پٽڻ جي چئني ڪنڊن تي استوپا ٺهرايا هيا.

بديا يا وديا ديوي

جنهن عمارت تي منهنجي پهرين نظر پئي اهو مل چوڪ هو. جنهن جي چوڌاري خوبصورت پٿر جي اُڪر ٿيل آهي. ان جي گيٽ وٽ ٻہ شينهن بيٺل آهن جيڪي 1662 ۾ باهہ لڳڻ ڪري ختم ٿي ويا هيا پر پوءِ سرينواسا مَل 1665 ۾ ان جي مرمت ڪرائي. ان احاطي جي وچ ۾ هڪ مندر بديا (وديا) ديويءَ جي نالي سان ٺهيل آهي. وديا، سرسوتيءَ جو ٻيو نالو آهي، هوءَ برهما جي زال آهي، وديا جي لفظي معني آهي "صحيح ڄاڻ". هن ديويءَ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ڪيس اهڙي شڪتي "پرم پراڪرتي" آهي، جيڪا ماڻهو کي چنڊي ڦوڪي صاف ڪري، هن کي سگهہ ڏئي ٿي. هن کي ڄاڻ جي ۽ عقلي ۽ منطقي سوچ جي ديوي سڏيو ويندو آهي.

وديا جو مندر پاٽن کٽمنڊو

تاليجو مندر بہ ان احاطي جي چوڌاري ٺهيل آهن. تليجو يا تاليجو ديوي کي چار مٿا ۽ ڏهہ ٻانهون آهن. اها ديوي نيپال جي حڪمران مَل بادشاهن جي

ديوي هئي جن نيپال تي 12 کان 18 صديءَ تائين حڪومت ڪئي تاليجو. درگا ديويءَ جو روپ آهي، ان جو تفصيل ايندڙ صفحن ۾ ايندو. اتي ئي تاليجو گهنڊ بہ لڳل آهي جيڪو بادشاهہ وشنو مَل، 1736ع ۾ فريادين لاءِ لڳايو هو تہ جڏهن بہ ڪين ڪو آزار هجي تہ ان گهنڊ کي وڄائن. خير ان گهنڊ جو وڄائڻ عبادت لاءِ بہ آهي.

الائي ڇو گهنڊ، گهنڊڙيون، ڇڙا، پير، اهي عبادت ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ خاص ڪري تہ مندرن، گرجائن، درگاهن، تي استعمال ٿين ٿا. ڇا اهي ڪنهن هاڪاري شڪتي يا طاقت کي گڏ ڪن ٿا يا ناڪاري طاقتن کي ڀڄائن ٿا! هونئن تہ شايد مندرن ۾ اهو گهنڊ ان ڪري وڄايو ويندو آهي تہ ناڪاري طاقتون ڀڄي وڃن پر درگاهن تي ڄڻ ڪنهن سواليءَ جي اچڻ جي صدا هوندي آهي. هتي جيستائين ماڻهوءَ کي نيپال جي تاريخ يا هندو مذهب جي باري ۾ ڄاڻ ناهي تيستائين انهن مندرن، انهن ٺاورن يا بتن مان مزو نہ ٿو وٺي سگهي. مونکي بہ ڪا گهڻي خبر ناهي پر وري بہ ٿوري گهڻي ڄاڻ هئي جنهنڪري لطف اچي پيو. اتي جرمن ٽوئرسٽن جو هڪ ٽولو بہ هيو جن کي گائيڊ جرمن ٻولي ۾ ٻڌائي رهيو هو. انهن سڀني مان هڪ جوان هڪ جوڙو بيزار بيزار نظر اچي رهيو هو ۽ ٻين کان الڳ ٿلڳ گهمي رهيو هو. هو ڪرشنا مندر جي سامهون فوٽوگرافي ڪري رهيا هيا ۽ مونکي بہ فوٽو گرافي ڪندي ڏسي هنن پنهنجي ڪيميرا ڏني تہ سندن فوٽو ڪڍان. فوٽو ڪڍڻ کانپوءِ، هنن مون کان پڇيو تہ انڊيا جو آهيان؟ جنهن تي مون کين ٻڌايو تہ نہ مان تہ پاڪستان جو آهيان. جوابن مون بہ هنن کان پڇيو تہ جرمنيءَ جي ڪهڙي شهر جا آهن؟ تہ هنن موٽ ۾ وراڻيو تہ هو جرمن نہ پر چيڪ آهن، اتان هن ٽولي سان گڏجي آيا آهن پر هتي گائيڊ سڄي معلومات جرمن ۾ ٿو ٻڌائي جيڪا کين ڪا گهڻي سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي. مون کين چيو تہ اوهان کي سلاوڪ گائيڊ ڪپي ڇا؟ ڪلي پيا تہ سونهري وارن ۽ نيرين اکين واري ڇوڪريءَ جي ڳٽن ۾ ڊمپل وڏيڪ گهرا ٿي ويا. هو سمجهن پيا تہ مذاق ڪري رهيو آهيان. هنن چيو تہ هتي

گنگا جو بُت

www.sindhsalamat.com

جمنا جو بُت

ڪٿي ملندو چيڪ گائيڊ؟ مون ساڻن سندن ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو ته اهان حيران ٿي ويا. ڪلڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته هڪ پاڪستاني، نيپال ۾ سلوواڪ ٿو ڳالهائي اسان لاءِ اها حيرت جهڙي ڳالهه آهي. پوءِ مون کين سربستي ڳالهه ٻڌائي ته مان پي ايچ ڊي چيڪوسلوواڪيا مان ڪئي آهي. پوءِ ته جيستائين هنن جي ٽولي وارا واندا ٿين تيستائين اسان پراگ ۽ نيپال جي سونهن جي باري ۾ ڳالهائيندا رهياسين. هنن مون کان اتي جي مندرن جي باري ۾ پڇيو مون کي جيتري معلومات هئي ته هنن کي ٻڌائي. ٻئي ڄڻا ننڍي ڊائريءَ ۾ نوٽس به وٺندا رهيا. لڳي پيو ته هنن کي به پنهنجي ٻولي وارو پوءِ پلي اهوڙاريو هجي مليو ته مزو اچي رهيو هو.

مون هنن کي مَل چوڪ جي ڏکڻ طرف گنگا ۽ جمنا جا ٺهيل بت ڏيکاريا.

جن ۾ گنگا کي ڪُمي يا ڪڇونءَ تي بيٺل ڏيکاريل آهي ته وري جمنا هڪ ڏندڪٿائي واڳون تي بيٺل آهي. انهن بتن کي ڏسندي مون سوچيو ته ڇا سنڌونديءَ

جي به ڪا ڏندڪٿائي شڪل، ڪو تصور يا ڪو بت هوندو؟ خير منهنجي نظر مان ته نه گذريو آهي پر يقينن موهن جي دڙي يا وري ان دور جي تهذيبن ۾ ضرور ڪا نه ڪا شڪل يا تصور سنڌونديءَ جو به هوندو. الائي چوپيترا (ڇوڪري) جي ذهن ۾ به اهڙي ڪا ڳالهه آئي ۽ هن هڪدم چيو ته جي ولتاوا (چيڪ ۾ وهندڙ ندي) انڊيا ۾ هجي ها ته ان جو به ڪو بُت ٺهيل هجي ها. هن جي ايئن چوڻ تي مان ڪلي وينس ۽ کين ٻڌايم ته مان به انڊس جي باري ۾ اهوئي سوچي رهيو هيس. هونئن ته انڊس هتان جي آهي پر ان جي بت جي باري ۾ مون کي ڪا ڄاڻ ناهي ته آهي به يا نه! جنهن تي يوزف، (انگريزيءَ ۾ جوزف ۽ پاڻ وٽ يوسف) وراڻيو ته شايد سياحن جي سوچ ۾ هڪجهڙائي هوندي آهي. هنن مون کان هوٽل جي باري ۾ پڇيو مون کين ٻڌايو ته هوٽل نه پر هڪ دوست وٽ رهان ٿو. هو ٺامل جي هڪ هوٽل ۾ رهن پيا. شام جو پاڻ ۾ ملڻ جو واعدو ڪري موڪلايوسين.

ڪرشنا مندر پاتن

مون هڪ ڳالهه محسوس ڪئي ته هتي ٻاهريان سياح ته گهمڻ اچن ٿا پر گهڻا نيپالي به هتي اچن ٿا. جن مان گهڻائي ته اهڙن ماڻهن جي لڳي جن کي ڪم ڪار گهٽ هجي پوءِ شغل جي لاءِ هتي اچي مختلف مندرن جي پٽين، ٿلهن تي يا ڏاڪڻين تي ويهي پنهنجو ٽائيم پاس ڪن ٿا. پر ان کان علاوه ڪافي شاگرد به اسڪول يا ڪاليج مان ٿي هتي اچن ٿا ڪي ته جوڙن جي صورت ۾ به اهڙن هنڌن تي اچن ٿا ۽ ڪڏهن ڪنهن پراڻي ديوار جي پاڇي يا ڪنهن پراڻي دري يا محراب مان اهڙو جوڙو نظر اچي ٿو ته آرٽ جي ان نموني ۾ اهي زنده بت پيار جي طاقت سان جان وجهي ڇڏين ٿا.

ان ڪانپوءِ جيڪا عمارت پنهنجي اڏاوت جي ڪري سياحن جو ڌيان ڇڪرائي ٿي اها ڪرشنا مندر آهي. هي

www.sindhsalamat.com

مندر 1620ع ۾ ٺاهڻ شروع ڪيو ويو ۽ 1637ع ۾ پورو ٿيو. ڏند ڪٿائن موجب، هڪ رات جو بادشاهه نارا سنگها مَل کي خواب ۾ راڌا ۽ ڪرشنا محلات جي ٻاهريان خواب ۾ نظر آيا. بادشاهه ان ئي جڳهه تي مندر اڏڻ جو حڪم ڏنو. ڪجهه سالن کانپوءِ بادشاهه جي ٻي ملڪ سان جنگ لڳي ۽ هن ڪرشنا جي مدد سان اها کٽي ورتي. انڪري پوءِ وري هن ان مندر جي هڪ ڪاپي/ريپليڪا سندري چوڪ ۾ به اڏائي. ڪرشنا مندر جو آرڪيٽيڪچر شڪارا، جيڪو چائنيز، تبتين ۽ نيپالي اسٽائيل جو مرڪب آهي. هن عمارت تي انڊين مغل آرڪيٽيڪچر جو به اثر نظر اچي ٿو. عام طور تي اسان يورپ جي ڪري مختلف آرڪيٽيڪچرن جي باري ۾ ٿوري گهٽي ڄاڻ رکون ٿا جن ۾ رومن به آهي، گريڪ به آهي گاٿڪ به آهي، رينيسنس به آهي، بارڪ به آهي ۽ ان کان علاوه ٻيا ڪوڙ قسم آهن. پر اسان پنهنجي علائقي جي آرڪيٽيڪچر جي باري ۾ گهٽ ڄاڻ رکون ٿا.

شڪارا آرڪيٽيڪچر يا طرز اڏاوت، اصل برصغير جي آهي. اهو به گهڻو ڪري اترين يا پهاڙي علائقن جي. شڪارا جي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ معني به پهاڙ جي چوٽي واري آهي. هن طرز تعمير ۾ ٻه قسم آهن لاطينا شڪارا، جنهن ۾ ٻاهرين شڪل وڪڙن واري، يا گول هوندي آهي ۽ ان تي مختلف پرت يا سليبس رکيا ويندا آهن جيڪي آهستي آهستي سوڙها ٿي ويندا آهن، ۽ فماسانا شڪارا ۾ ٻاهرين شڪل ڪنڀن واري هوندي آهي ۽ مٿان گهنڊ جيان قبو هوندو آهي. ڪرشن مندر ان قسم جو آهي.



لاطينا شڪارا آرڪيٽيڪچر

هن مندر جا ٽي طبق آهن، پهرين منزل ڪرشنا جي حوالي سان ته ٻي شوا جي نالي سان، ۽ ٽين وري لوڪيشور جي نالي سان منسوب آهي. مندر جي اندر رامائڻ جي حوالي سان تصويرون آهن.

مان به ٻين سياحن جيان فوٽوگرافي ڪري ڪجهه دير آرام ڪرڻ

لاءِ ان مندر جي هڪ ونگ ۾ اچي ويٺس. مون جڏهن ڪرشن جي باري ۾ سوچيو ته ڪوڙ ساريون ڳالهيون ذهن ۾ اچي ويون.

ڪرشن سان منهنجي واقفيت ننڍي هوندي هڪ گاني جي ڪري ٿي، ان وقت اسان کي فونو هوندو هو جنهن ۾ چاٻيءَ (هينڊل) جي ذريعي اسپرنگ ٽائيٽ ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ رڪارڊ جي مٿان هڪ وريل پائيپ جي مهڙ ۾ سئيءَ کي ڦاسائي رڪارڊ تي رکيو ويندو هو. اها ڳالهه سٺ جي ڏهاڪي واري زماني جي آهي. مان سمجهان ٿو ته اهو گانو ڪندن لال سهگل عرف عام ڪي ايل سهگل جو هوندو هو "مين نهين ماکن کايو..." اهو گانو وڄندو ته هو پر پس منظر جي خبر نه هئي هڪ ڏينهن خبر ناهي بابا انيس انصاري ڪنهن کي سمجهائي رهيو هو ته اهو ڪرشن جي باري ۾ لکيل آهي. جيڪو چوري مکڻ کائي ويندو هو ۽ مايون وهنجڻ وينديون هيون ته انهن جا ڪپڙا چورائي وڻ تي چڙهي ويندو هو. ان کان علاوه جڏهن مايون کوهه تان دلا ڀرڻ ويندريون هيون ته هي لڪي غليل سان انهن کي ڀڃندو هو ۽ پوءِ جڏهن اها دانهن وڏي وئي ته ماين کي پٽل جا دلا ٺهرائي ڏنا ويا. ان کان علاوه جوانيءَ ۾ ڪرشنا تي مايون مرنديون هيون. هر ڪا سمجهندي هئي ته ڪرشن جو هن سان پيار آهي. انڪري ڪرشن کي پيار جو ديوتا به سمجهيو ويندو آهي پر سندس پيار راڌا سان هو. انڪري ڪرشن جي هڪ تصوير سدائين راڌا سان گڏ هوندي آهي ۽ هو من موجي هجڻ ڪري بانسري وڄائيندي نظر اچي ٿو. ڪرشن جو گوپال (گئوپال) نالو به آهي. هاڻي به نيپال ۾

ڪرشن ڀڳوان رٿ هلائيندي

www.sindhsalamat.com

ڪرشن جي جنم ڏينهن تي ميلي جهڙو ماحول ٿئي ٿو ۽ ڪنوارين. الهڙ ڇوڪرين کان وٺي پڪين ماين تائين رنگا برنگي لباس ۾ مندر تي اچي پوڄا به ڪن ٿيون ته پنهنجي پيار جي امر ٿيڻ جون دعائون به گهرن ٿيون.

انڪان علاوه مهاڀارت ۽ ڀڳوت گيتا ۾ به سندس ذڪر ملي ٿو. خاص ڪري پانڊون ۽ ڪورن جي وچ ۾ جنگ لڳي جيڪا جوا ۾ ارجن جي گهر واري دروتي جي ڪري لڳي. ان جنگ ۾ ڪرشن پانڊون جي پاسي هو ۽ ارجن جو رٿبان هو انڪري سندس ڪافي بت ۽ تصويرون ان پوز ۾ ملن ٿيون جن ۾ هو رٿ تي سوار آهي ۽ اڳواٽي ڪري رهيو آهي.


گرودا پکي

جيئن ته پانڊو ۽ ڪورو پاڻ ۾ سوٽ هيا. هڪ موقعي تي ارجن جنگ ڪرڻ کان لنوايو پئي پر ڪرشن هڪ ڏگهو ڀاشڻ حق ۽ باطل جي جنگ تي ڏنو جيڪو ڀڳوت گيتا ۾ آهي. جنهنڪري ڪرشن هڪ طاقت جي به علامت آهي. ڪرشن، وشنو جو ڏهون اوتار آهي. مون کي ياد ٿو اچي سومناٿ مندر ۽ مسجد جي اختلاف وقت ايل ڪي آڏواڻيءَ به رٿ ياترا ڪئي هئي، جنهن ۾ هن جي گاڏي يا ٽرڪ کي رٿ جي شڪل ڏني وئي.

ڪمبيشور پگوڊا

ان مندر جي سامهون هڪ ٿاور تي گرودا جو مجسمو نهيل آهي. اهو هڪ ڏند ڪٿائي پکي آهي جيڪو وشنو جي سواري لاءِ استعمال ٿيندو هو. گرودا، اڌي منهن سان هڪ طاقتور سونهري بدن وارو ماڻهو جنهنکي ڳاڙها کنڀ، باز جهڙي چهنب ۽ مٿي تي تاج پاتل هوندو آهي يعني اڌ ماڻهو ۽ اڌ عقاب آهي. جيئن ئي گرودا پيدا ٿيو هو ته هن جو جسم وڌڻ لڳو ۽ ايترو وڌيو جو آسمان کي ڇهڻ لڳو. چون ٿا ته هن کي ڪائڻ لاءِ به گهٽو ڪجهه ڪپندو هو ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ ڪائي ويندو هو. طاقتور هجڻ ڪري جيڪو به

سندس آڏو ايندو هو ان کي شڪست ڏيندو هو وشنو سان به هن جو جهيڙو ٿيو پر پوءِ هن سان ناهه ٿيس. جنهنجي نتيجي ۾ وشنو وري هن کي لافاني ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي سواريءَ لاءِ به استعمال ڪرڻ لڳو.

ٿورو اڳتي وري هڪ ٻيو ٿاور آهي جنهن تي وري بادشاهه يوگندرا جو بت آهي جيڪو هٿ ٻڌي گوڏن ڀر ويٺل آهي سندس پر ۾ ڪنول جي گل تي سندس راڻي

پاٽن جي هڪ گهٽي

به آهي انهن ٻنهي جي مٿان ڪاريهر جي ڦڻ ڇانو ڪري بيٺل آهي. اهو ٿاور 1700ع ۾ ٺهيو.

نيپال ۾ پگوڊا به ڪثرت سان آهن. پاٽن ۾ به پگوڊا آهن. انهن مان هڪ پنج منزلہ پگوڊا، ڪمبيشور هتان جي پراڻي ۾ پراڻي عمارت آهي. اهو مندر شِو جي نالي سان منسوب آهي. شروعات ۾ اهو به منزلہ هيو ۽ 1392ع ۾ تعمير ٿيو پر پوءِ سترهين صديءَ ۾ شرينواسا مَل مٿيون ٽي منزلون ٺهرايون. شِو هندو مذهب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هو تخليق ڪندڙ به آهي، ته تباهه ڪندڙ به ته سنڀاليندڙ به. اڪثر مندرن ۾ شِو لنگ جي پوڄا به ٿيندي آهي. شِو جا بت يا تصويرون گهٽ ڪري عبادت ڪندي ملن ٿيون. سندس جٽائن مان گنگا وهي نڪتي هئي. ان کان علاوه هن کي نيل ڪنٺ به چوندا آهن ڇو جو هن زهر پيتو هو.

ان ئي مندر جي ذڪر ۾ بگلامکي ديويءَ جو مقبرو آهي، جنهن تي وري ڪاٺ

www.sindhsalamat.com



ڪاٺ جي اُڪر وارو دروازو

جو ڪم ٿيل آهي. ماڻهو هتي پنهنجي باس باسڻ ايندا آهن. سندري چوڪ وري ڪاٺ جي اڪر جنهن ۾ ديوتا ۽ ديوين جا بت ٺهيل آهن ۽ پٿر جي اڪر جي ڪري تمام سهڻو لڳي ٿو.

مطلب ته هن هنڌ تي گهمندي ماڻهو ڪڏهن تاريخ جي گهٽين ۾ گم ٿي وڃي ٿو ته ڪڏهن وري پٿر جي اڪر، ڪاٺ جي اڪر، بتن جي حُسن کي ڏسي هڪ نئين جهان ۾ گم ٿي وڃي ٿو جتان واپس اچڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ٿو. ايئن لڳي ٿو ته ماڻهو ڪنهن ٽائيم ٽنيل جي ذريعي ڪجهه صديون اڳ ڪنهن ٻي دور ۾ داخل ٿيو آهي.

ايئن ئي اتان جي حسناڪين جو مزو وٺندي گهمي رهيو هيس ۽ ان چوڪ جي پر پاسي وارين گهٽين ۾ به فوٽوگرافي ڪري رهيو هيس. جو جو گهٽين ۾ به مختلف هنڌن تي مندر ٺهيل هيا ته وري ڪٿي ڪا پراڻي عمارت ڪنهن خوبصورت ونگ يا ڪنهن خوبصورت اُڪر سان پئي نظر آئي. خبر ناهي، پراڻڻ شهرن جون گهٽيون سوڙهيون ڇو رکيون وينديون هيون؟ يا ته ان وقت گاڏين جي نه هجڻ ڪري يا موسم جي بچاءَ ڪري؟ جيئن اسان وٽ سنڌ ۾ شڪارپور، روهڙي، لاڙڪاڻي جون گهٽيون به سوڙهيون ملنديون. هڪ هنڌ خالي حوض ٺهيل ڏٺم جنهن ۾ لڳل سرون ۽ نلڪن جو اسٽائيل ٻڌائي رهيو هو ته اهو به ڪنهن پراڻي دور جي نشاني آهي، ان حوض ۾ گهڻيون عورتون بيٺل هيون ۽ هنن پنهنجا دلا لائين ۾ رکي ڇڏيا هيا. مون ڪيميرا ڪڍي فوٽو ڪڍڻ شروع ڪيا پنهنجي پر ۾ اهي سوچي رهيو هيس ته هي ڪو مقدس پاڻي آهي جنهن جي لاءِ هي عورتون ايڏيون وڏيون لائينون ناهي بيٺيون آهن. فوٽو ڪڍي جڏهن واندو ٿيس ته پر ۾ بيٺل پراڻين شين وارا پنهنجو وکر وڪڻڻ لاءِ ڦري آيا. مون ڪائنئن جان ڇڏائي ۽ انهن مان هڪ عورت جنهن کي انگريزي بهتر

پاڻي لاءِ لڳل قطار

پئي آئي ان کان لائين ۾ بيٺل عورتن جي باري ۾ پڇيو ته هڻ جواب ڏنو ته "اهو ڪو خاص پاڻي ڪونهي پر واٽر سپلاءِ جو پاڻي آهي جنهن جي لاءِ اهي سڀ لائينن ۾ بيٺيون آهن". مون کي پوءِ اها خبر پئي ته هتي کٽمنڊو ۾ سيني گهرن ۾ واٽر سپلاءِ ڪونه آهي جنهنڪري اهي گهٽي يا ٻاهرين هنڌن تي جتي واٽر سپلاءِ جا نلڪا لڳل آهن اتان پاڻي ڀري پنهنجي گهرن ڏانهن آڻن ٿا.

اڄ پنهنجي البم ۾ لڳل اهو فوٽو ڏسندي پنهنجي ڪم عقليءَ تي کِل آئي.

www.sindhsalamat.com

سويم پو ناٿ

پٽن درٻار ۾ فوٽوگرافي ڪندي هڪ زنجير اورانگهي، گهنٽيءَ جي ڀي پاسي واري عمارتن جا فوٽو ڪڍي جيئن ئي واپس آيس ته هڪ همراهه ڦري آيو ته ٽڪيٽ وٺان، مون ڪيس چيو ڇا جي ٽڪيٽ؟ اصل ۾ پٽن درٻار ۾ داخل ٿيڻ جي جڳهه اها هئي پر جيئن ته ٽيڪسي وارو مون کي ڀي پاسي کان ڇڏي ويو هو تنهنڪري مون کان ٽڪيٽ جي باري ۾ ڪنهن پڇيو ئي نه هو. ان همراهه کي به چيم ته مان ته ڀن ٽن ڪلاڪن کان اتي گهمان پيو هاڻي ته واپس پيو وڃان. هُن شريف ماڻهو به ضد نه ڪيو.

ٻاهر بيٺل ٽيڪسين کان مون سويم پو ناٿ تي هلڻ جو پڇيو. پر اهي ڳاتي پڳيون قيمتون ٻڌائي رهيا هيا. نيٺ هڪ نوجوان ٽيڪسي ڊرائيور جنهنکي انگريزي به چڱي پئي آئي ۽ ڪرايو به مناسب هيو. ان جي ٽيڪسي تي سويم بو ناٿ يا بندرن جي مندر (اتي پولڙا ڪافي تعداد ۾ آهن) طرف روانو ٿيس. ٽيڪسي شهر جي مختلف هنڌن تان گذرندي رهي، ڊرائيور پنهنجي مهارت ۽ مختلف سياحن کي گهمائڻ جي باري ۾ ٻڌائيندو رهيو ٻين لفظن ۾ مون کي هرڪائيندو رهيو ته ڪٺمنڊوءِ ڪٺمنڊو کان ٻاهر جيڏانهن به وڃان سندس ئي ٽيڪسي استعمال ڪيان. مان ڪيس هُون هان ۾ جواب ڏيندو رهيس. 20 منٽن جي سفر کان پوءِ اچي هُنَ ان هنڌ تي ڇڏيو. هُن مون کان پڇيو ته جي گهمڻ کان پوءِ منهنجي واپسيءَ جو ارادو آهي ته هو اتي انتظار ڪري. مون ڪيس چيو ته سندس مرضي آهي. هن ڪرايو ڪونه ورتو ۽ انتظار ڪرڻ لاءِ ٽيڪسي پارڪنگ ۾ بيهاري ڇڏي.

ان مندر تي وڃڻ جا به طريقا آهن هڪ ته ڏکڻ طرف کان ٽيڪسي کي مٿي

ليڪڪ سويم پو ناٿ جي ڏاڪڻين تي

ئي بيهارجي ۽ اتي گهمي وڃجي پيو وري هيٺين پاسي کان آهي جتان 365 ڏاڪا چڙهي مندر تائين پهچجي ٿو. گهڻا ياتري ڏاڪڻين واري پاسي کان اچن ٿا ڇو جو

ياتري 365 ڏاڪا چڙهي عبادت ڪرڻ وڃن ٿا

www.sindhsalamat.com

هنن جو عقيدو آهي تہ ڪشٽ ڪڍڻ جي ڪري سندن دعا جلد قبول ٿيندي. ڏاڪڻين جي شروعات مهل ٻئي ٻڌ جا ٻہ وڏا مجسما رکيل آهن. ان کان علاوه چوڏاري وڻ بہ آهن. ۽ ڏاڪن تي مختلف قسمن جا گهورڙيا وينل آهن ڪي پينٽنگس، تہ ڪي پٿر تي اکر، تي ڪي وري پرت، يا ڪي وري ٻڙا ۽ منڊيون کپائي رهيا هيا. ڊرائيور شايد مون کي بہ هندو سمجهيو جو مون کي ان طرف کان وٺي آيو. ايترا ڏاڪا ڏسي مون کي تہ ڏڪڻي وٺي وئي تہ ڪير چڙهندو پر وري بہ آهستي آهستي ڪري ٻہ حصا ڏاڪڻ جا چڙهي ويس پر پوءِ آخري حصو صفا اڀو هو جنهن تي چڙهڻ جي همت نہ پئي ٿي. تہ اتي وينل شين کپائڻ واري چيو تہ هڪ ٻيو بہ رستو آهي جيڪو ايترو اڀو ناهي. پوءِ هن مون کي وڻن جي وچ مان هڪ رستو ٻڌايو جيڪو ٿورو ڊگهو تہ هو پر هڪدم اڀو نہ هو. اتان چڙهي مندر تائين پهتس. حقيقت ۾ مٿي رڳو هڪ مندر نہ پر گهڻيون شيون آهن. جن ۾ اسٽوپا، ٻڌن جي موناسٽري، لائبرري آهي ۽ ٻيا ننڍا ننڍا مندر آهن، ان کان علاوه مختلف دڪان، اسٽال ۽ ريسٽورنٽ بہ آهن. مٿي پهچڻ سان پوري ڪٽمنڊو جو نظارو پسي سگهجي ٿو.

رشي مني مانجوشري

مٿي پهتس تہ اتي سياحن جي ٽولي کي نيپالي گائيڊ، تاريخ ۽ جاگرافي جي باري ۾ ٻڌائي رهيو هو، مان بہ سُري وڃي هنن سان بيٺس تہ گائيڊ ڪُرڙين اکين سان مون ڏانهن نهاريو تہ سندس خدمتن مان مفت مزو پيو وٺان. هو ٻڌائي رهيو هو تہ روايت آهي تہ ڪنهن زماني ۾ سڄو ڪٽمنڊو هڪ ڍنڍ جيان هو، اتان هڪ ڪنول پاڻ هُرتو پيدا ٿيو انڪان علاوه هن هنڌ هڪ پنهنجو پاڻ ٻرندڙ جوت بہ هئي جنهنجي مٿان پوءِ اهو اسٽوپا ٺاهيو ويو جنهنڪري ان کي سوامڀو يعني پاڻ هُرتو پيدا ٿيڻ سڏيو ويو. پراڻي زماني ۾ جڏهن هڪ رشي مني مانجوشري کي ان ڪنول جي باري ۾ جاڻ پئي تہ هو اتي عبادت ڪرڻ لاءِ پهتو ۽ هن جڏهن ڏٺو تہ اتي ٻين ياترين کي بہ پهچڻ گهرجي تہ هن هڪ هنڌ کٽ ڏئي ڍنڍ جو پاڻي وهائي ڇڏيو. ان ماٿري ۾ پوءِ ڪٽمنڊو

شهر آباد ٿيو ۽ جتي ڪنول جو گل هو اهو ٽڪريءَ جي صورت ۾ گل سوامپيونات جي شڪل وٺي ويو.

مون ڪائنٽس پولڙن، (جن کي پاڪ پولڙا بہ چيو ويندو آهي) جي باري ۾ پڇڻ پئي چاهيو تہ مون ڪٿي پڙهيو هيو تہ مانجوشري جي وڏن وارن ۾ جوئان پيدا ٿيون هيون جيڪي پوءِ پولڙن جي صورت ۾ تبديل ٿي ويون، جنهن ڪري اهي پولڙا مقدس ليکيا ويندا آهن. پر مان پنهنجي ان معلومات تي ئي اڪتفا ڪئي ڇو جو ايئن نہ تہ گائيڊ چنبڙ پٽي ها تہ تنهنجو ڪهڙو ڪم.

سويمڀوناٿ

اسٽوپا جو بنياد هڪ اڌ گول جيان يا ايئن چئجي تہ پيالو اونڌو ڪري رکيو ويو آهي جنهن تي وري هڪ چئن ڪنڊن وارو ٽاور ٺهيل آهي وري ان جي مٿان ڪُلفي جيان هڪ ٽاور آهي جنهن جا تيرنهن طبق آهن ۽ انهن سڀني جي مٿان نفيل ٺهيل آهي. ان چوڪور ٽاور تي بہ اکيون ۽ هڪ نڪ نما علامت ٺهيل آهي، جيڪا اصل ۾ نيپالي ٻڌيءَ جي علامت آهي. جڏهن تہ اکيون ٻڌا جي ڏاهپ جو مظهر آهن. انهن اکين جي مٿان ٽين اک بہ آهي ان مطابق اهو چوڻ آهي تہ جڏهن ٻڌ تبليغ ڪندو هو تہ ان اک مان ڪرڻا نڪرندا هيا تہ ڪائنات ۾ جيڪڏهن ڪي ٻيون قوتون ڪيس ٻڌڻ چاهن ٿيون تہ اهي ٻڌي سگهن. ان کان علاوه انهن ڪرڻن جي ذريعي ئي ماڻهن جا اهنج ۽ آزار بہ ختم ٿي ويندا هيا ۽ سڪون ماڻيندا هيا. ٽاور يا مناري جي مٿان جيڪي

www.sindhsalamat.com

تيرهن گول طبق آهن اهي عبادت يا رياضت جا تيرهن ڏاڪا آهن جن کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي ماڻهوءَ کي نرواڻ حاصل ٿئي ٿو.

اتي ئي پرسان پگوڊا به هو جنهن جي مرمت پئي هلي. ان کان علاوه گوتم ٻڌ جا بت به رکيل هيا جن جي آڏو ماڻهو ميڻ بتيون ٻاري پنهنجي من جي مراد پوري ڪرڻ لاءِ رکن پيا ته هن کي خراج به ڏين پيا. ان ڏينهن به ڪافي ياتري آيل هيا. جيڪي اچڻ سان پهرين ته هٿ سان مخلتف چڪرين کي گهمائي عبادت ڪري رهيا هيا. انهن چڪرين تي عبادت جا ڪجهه منتر وغيره لکيل هيا. انهن چڪرين کي ڏاهپ ۽ پنهنجن چڱن ڪرمن کي گڏ ڪري ناڪاري طاقتن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ گهمائبو آهي.

ان هنڌ تي مون کي سنڌ جي مختلف درگاهن جيان ڪجهه مستانا به نظر آيا پر اسان جي مستانن ۾ مستي هوندي آهي جڏهن ته اتان جا مستانا خاموش طبع ۽ منهن مونن ۾ هٽي وجهڻ وارا هيا.

هڪ مستاني

متاهين تان ڪٽمنڊو جو نظارو به ڏاڍو من موهيندڙ هو. ڪٽمنڊو جو ڳتيل شهر اتان هڪ نئين ڏِک ڏئي رهيو هو. ڪجهه ڏاڪڻيون لهڻ کان پوءِ هڪ هنڌ تي ڦوهارو هو جنهن جي وچ تي ٻڌ جو بت لڳل هوءِ هينان وري هڪ باڪس ٽائيپ هو جنهن ۾ ماڻهو سڪا ڦٽي پيا ڪن. جنهن جا سڪا ان باڪس ۾ پيا ته معني ته

دعا اگهامي. اسان جنهن وقت اتي پهتاسين ته شاگردن جو ڪو گروپ آيل هو ۽ اهي سڪا ڦٽي ڪري رهيا هيا. مان سمجهان ٿو ته سندن دعائون ڪي وڏيون نه هونديون. بس امتحان ۾ پاس ٿيڻ جون يا وري ساڪس گڏ آيل گرل يا بواءِ فرينڊ سان هميشه دوستي رکڻ جون. منهنجي خواهش هئي ته سندن سڪا لوٽي ۾ ئي ڪرن پر هڪ کان علاوه ٻين جا پاٽيءَ ۾ سڪا ڪريا. جيئن ئي فوٽو ڪڍي رهيو هيس ته ٻه ڇوڪريون سينه زوري ڪندي منهنجي ڪيميرا جي آڏو بيهي پوز هڻڻ لڳيون. مون کي سندن همت ۽ حرڪت تي کل آئي. مون سندن مختلف هنڌن تي فوٽو ڪڍيا. هنن پنهنجي ايميل ڏني ته فوٽو ان ايڊريس تي ڪين موڪليان. هنن ٻڌايو ته هو ڪمپيوٽر جون شاگرديا ڻيون آهن ۽ اڄ ڪجهه ڪلاس فري هجڻ ڪري هو ٽولو ناهي گهمڻ نڪتيون هيون. مون ڪائنٽ موڪلائڻ جي ڪئي پر هنن کي شايد پنهنجي انگريزي ڳالهائڻ جي پريڪٽس ڪرڻي هئي ان ڪري هو مون سان ڳالهائڻ پيون چاهن. ان وچ ۾ هڪ ڇوڪري پرسان واري اسٽال تان جوس به وٺي آئي پر مان پيئڻ کان انڪار ڪيو. مون ڪين ٻڌايو ته شاگردن کي خرچ نه ڪرائبو آهي پر انهن تي خرچ ڪبو آهي. پوءِ مون پنهنجي لاءِ هڪ منرل واٽر جي بوتل خريد ڪئي. اسان ڏاڪڻين تي ويهي ڪچهري ڪئي. هنن کي اها جستجو هئي ته پاڪستان ۽ انڊيا جي ڪلچر ۽ رهڻي ڪهڻي ۾ ڪيترو فرق آهي؟

ٻڌا ڦوهارو

مون ڪين ٻڌايو ته بنيادي طور تي ڪو گهڻو فرق ناهي پر مذهب جي ڪري ريتن ۽ رسمن ۾ فرق آهي. هنن مون کان هڪ عجيب سوال ڪيو ته سمنڊ ڪيترو وڏو ٿيندو آهي؟ پهريائين ته حيران ٿيس ته ڪهڙو عجيب سوال ڪري رهيون آهن. پر پوءِ اهو

www.sindhsalamat.com

سوچي تہ نيپال وٽ جيئن تہ سمنڊ ڪونهي ۽ لينڊ لاڪڊ ملڪ آهي انڪري سندن اهو سوال غير ضروري ناهي. پر مون کي بہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڪهڙو جواب ڏيان سواءِ ان جي تمام وڏو ٿيندو آهي ۽ ان جي حد جو ڇيهہ ئي ڪونهي. لڳو تہ هو مطمئن نہ ٿيون.

گرمي بہ وڌي وئي هئي ۽ ٿڪجي بہ پيو هيس. جنهنڪري مون ڪانئن موڪلايو. واپسيءَ ۾ وري اهو وڻن ٽڻن وارو رستو وٺي هيٺ لهڻ لڳس، وڻن جي وچ مان هيٺ ڦهليل ڪٺمنڊو شهر جو نظارو خوبصورت لڳي رهيو هو. انهن ئي وڻن جي پاڙن جي وچ ۾ ڪي پريمي بہ ويٺا هيا ۽ منظر کي هڪ معني بخشي رهيا هيا.

هيٺ پهتس تہ ڊرائيور انتظار ۾ هيو. هو مون کي قائل ڪرڻ لڳو تہ اڄ ئي ٻڌا ناٿ تي وڃان ۽ پيسا بہ ڪوڙ ٻڌائي رهيو هو. هڪ تہ گرميءَ نهوڙي وڌو هو ٻيو تہ مون کي ڪرايي جو بہ اندازو نہ پئي ٿيو ان ڪري ڪيس انڪار ڪيم، ۽ سوچيم تہ دوستن کان معلومات وٺي سڀاڻي ان طرف نڪرندس.

واپسيءَ ۾ اِندر لعل جي آفيس آيس، جتي ڪجهہ ٽائيم پنهنجي ايميل وغيره چيڪ ڪئي پوءِ گڏجي سندس گهر تي آياسين. وهنجي ڪجهہ دير آرم ڪرڻ لاءِ ليٽي پيس.

سويمڀو تي پگوڊا

ڪٺمنڊو جي شام

شام جو اڪيلي سر ٿامل ۽ ان جي آسپاس وارا هنڌ گهمڻ لاءِ نڪري پيس. رستي تي ڪجهہ سرڪاري بلڊنگس بہ نظر آيون، ان کان علاوه خوبصورت گيٽ سان هڪ محل بہ، جيڪو ڪنهن زماني ۾ بادشاهي محل هوندو هو، هاڻي ميوزيم آهي. ان محل کان ٿوري ئي پنڌ تي سارڪ ڪنٽريز جي سيڪريٽريٽ بہ هئي جنهن جي گيٽ ٻاهران فوٽو بہ لڳل هيا جن ۾ سيد يوسف رضا گيلاني، پرويز مشرف ۽ حنا ربانيءَ جا بہ فوٽو نظر آيا. ٿامل ۾ گهڻو وقت چڪر ڏيندو رهيس. ڪجهہ ٽائيم اينٽيڪس جي دڪانن تي گذاريو تہ ڪجهہ وري ڪتابن جي دڪان تي. ڀانت ڀانت جا سياح نظر آيا. مون هڪ ڳالهہ محسوس ڪئي آهي تہ ٻاهريان سياح جنهن بہ ملڪ وڃن ٿا اتان جي ڪلچر ۽ ثقافت کي ويجهو کان ڏسڻ چاهين ٿا. جنهنڪري هو اتان جي رنگ ۾ رڱجي ويندا آهن. اتان جي ڊريس پائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا، اتي جي کاڌن جو ذائقو چکيندا، گهڻو وقت، ديسي ماحول ۾ گذارڻ چاهيندا. جڏهن تہ اسان جهڙن ملڪن جا ماڻهو تبديليءَ ۽ نواڻ کي گهٽ پسند ڪن ٿا، اسان گهڻو ڪري ٻين جي ڪلچر يا شين کي پسند ڪرڻ يا انهن کي پنهنجو ڪرڻ کان لنوائيندا آهيون. ڳولهي ڳولهي پنهنجي اسٽائيل جو کاڌو کائڻ پسند ڪنداسين، ڊريس بہ اها پائبي ڇو جو اسان پاڻ کان وڏيڪ ٻين جو خيال رکندا آهيون تہ ٻيا ڇا چوندا! جڏهن تہ ٻيا سياح انهن ڳالهين کان بي نياز هوندا آهن جنهنڪري ڪوشش ڪندا تہ ڪنهن رواجي ريسٽورنٽ تي ويهي لوڪل کاڌو کائن، اتان جو ڊرنڪس پيئن ۽ گهڻو ڪري ڊريس بہ اتان جي پائڻ جي ڪوشش ڪندا، جنهن ڪري اسان وٽ يا

ٿامل جي هڪ شام

www.sindhsalamat.com

هندوستان ۾ شلوار قميص يا وري ڪرتي پائجامي ۾ نظر ايندا ته فار ايسٽ ۾ وري اتان جي پوشاڪ ۾ نظر ايندا ته آفريڪا ۾ وري انهن جي رنگ برنگي ڪپڙن ۾ گهمندي نظر ايندا. سو ٿامل ۾ به نيپالي ڊريس پاتل، چيڀين، جينز ۾ سياح گهمندي ڦرندي نظر آيا. اتي ڪجهه دير چڪر ڏيڻ کان پوءِ هڪ بي هنڌ تي آيس جتي ڪجهه فيشن ايبل دڪان به هيا ته ڪٽمنڊو جو ڪيسينو به هوءِ ڪجهه ويسٽرن اسٽائيل ريسٽورنٽ به هيا. ڪجهه دير ونڊو شاپنگ ڪرڻ کان پوءِ هڪ مارڪيٽ جي مٿان ٺهيل ريسٽورنٽ ۾ وينس جنهن جو ڪجهه حِصو ڪليل به هو ان کان علاوه ڍڪيل به هو. يوزف ۽ مان ملڻ جو ٽائيم به اتي ئي رکيو هو. مون پاسي واري ٽيبل چونڊي جو اتان رستي سميت، سامهون واري ڪيسينو جي گيٽ به نظر پئي آئي. جنهنڪري ماڻهن جي هلچل ڏسي پئي سگهجي. بيرو مخصوص نيپالي ڊريس ۾ مينو ڪڻي آيو مون کيس چيو ته ماني کائڻ جو في الحال خيال ناهي باقي گرمي آهي ان ڪري پهريائين ته پر پاسي ۾ هلندڙ ڪنهن پيڊسٽل فين جو منهن اسان طرف ڦيراءِ، پيو ته گرمي جي ڪري ڪا ٿڌي ڊرنڪ به کڻي اچ. ائين چوڻ سان مونکي ايئن لڳو ته مان سنڌ جي ڪنهن هوٽل ۾ وينو آهيان جتي گرميءَ جا ستيل همراهه اچڻ سان پهريان چوندا آهن ”ابا جلدي ڪري ٿڌو پاڻي کڻي آ، پکي کي به تيز ڪر. ڳاڻي جو آواز به ٿورو وڌاءِ“

ڪٽمنڊو جو ڪيسينو

مون اجان بيري طرفان آندل گلاس مان سِپ پري ئي هئي ته يوزف ۽ پيٽرا کي ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿيندي ڏٺو پيٽرا کي ڪاري شرٽ ۽ جينز پيل هئي جنهنڪري سندس ڳاڙهو مُک اجان وڌيڪ نمايان ٿي ويو هو. مون هٿ مٿي ڪري کين پاڻ وٽ سڏيو. هنن به پنهنجي لاءِ آرڊر ڏنو. هو پتن کان پوءِ بختاپور ويا هيا، جتان جي ڪاٺ تي ٿيل اُڪر جي ڏاڍي تعريف ڪري رهيا هيا. مون کين ٻڌايو ته منهنجو اجان وڃڻ نه ٿيو آهي، اڄ مان سويم ڀُوناٿ ويو هيس. هنن جو وري سياٽي، سويم ڀونات، ٻڌا نات ۽ پوءِ وري نگرڪوٽ وڃڻ جو ارادو هو جتي هنن کي رات جو رهي صبح جو

(جيڪڏهن قسمت سٺي رهين ته) مائونٽ ايورسٽ جو ديدار ڪرڻو هو. هو ٻئي ڄڻا چارلس يونيورسٽي ۾ فزيڪل جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهن پيا. گرمين جي موڪلن جي ڪري ٽوئر تي نڪتل هيا. مون ڪائنڻ پروفيسر زدنيڪ پاوليڪ جي باري ۾ پڇيو ته ڪيئن آهي ته هنن ٻڌايو ته هن کي رٽائر ٿي ته گهڻو وقت ٿيو پر اجان ٽائين پروفيسر ايميريٽس جي طور تي ڪم ڪري ٿو. پر هو ڊيموگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ آهي. مون کين ٻڌايو ته مان پي ايڇ ڊي ته سلوڪيا مان ڪئي آهي پر 1998ع ۾ چارلس يونيورسٽي پاران ڪرايل سمر اسڪول ۾ آيو هيس، جنهن تي هنن چيو ته پوءِ پاڻ يونيورسٽي فيلو به آهيون. اسان ڳالهيون به ڪندا رهياسين. هنن وڌيڪ ٻڌايو ته سندن پروگرام چيتاون، پوکرا ۽ لمبيني وڃڻ جو آهي. منهنجو به انهن طرف وڃڻ جو پروگرام هو پر مان ڪنهن ٽوئر خريد ڪرڻ بجاءِ پنهنجي سِر وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو هو. يوزف وارن کي گروپ سان ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ ڊنر لاءِ وڃڻو هو هنن موڪلايو ۽ بيري کي بِل آڻڻ لاءِ چيو ته مون کين منع ڪئي. اصل ۾ چيڪوسلوواڪيا ۾ مان اهو ڏٺو ته جي ٻه يا ٻن کان وڌيڪ دوست پاڻ ۾ ويٺا هوندا ته بل مهل بيرو پڇندو ته بل الڳ الڳ يا گڏيل ناهي، گهڻو ڪري هر ڪو الڳ الڳ بل ڏيندو آهي. مون يوزف کي چيو ته اسان وٽ اهو ڪلچر ناهي. هنن مرڪندي، موڪلائيندي چيو ته :”نيپال ننڍو آهي ڪٿي نه ڪٿي وري ملنداسين ته پوءِ تون نه پر اسان بل ڀريندا سين“. پيٽرا چيڪ اسٽائيل ۾ پنهنجو ڳل منهنجي ڳل سان ملائي موڪلايو.

آهستي آهستي ماڻهو ريسٽورنٽ مان وڃي رهيا هيا چو جو جيئن مان ڪٿي اڳ ذڪر ڪيو ته هتي دڪان ستين يا اٺين وڳي ۽ ريسٽورنٽ ڏهين يارهين وڳي بند ٿي وڃڻ ٿا. بيري کي جڏهن خلاصائي ٿي ۽ مون کي اڪيلو ويٺل ڏٺائين ته سُري اچي پرسان بيٺو. هو 40 سالن جو هو پر ڏسڻ ۾ بادي بلڊر ۽ جوان پئي نظر آيو. هن ڳالهين ڳالهين ۾ پڇيو ته ڪٿان جو آهيان، وري پڇيائين ته اڪيلو آهيان يا گروپ ۾، آخر ۾ اهو چيائين :

”صاحب اڪيلي ڪيون هو؟“

مون کيس چيو: ”بس آئي به اڪيلا اور جائي به اڪيلا“.

”ليڪن صاحب گهومني آيا هي، تفريح ڪي لي آيا هي تو اڪيلا اچا نهين هي“

مون سمجهي ورتو هو ته هن جو اصل مقصد ڇا آهي. مُرڪي کيس چيم :

”پر اب ڪيا ڪرون، ڪوئي ساٿ تو نهين لي آيا“

”صاحب ڦر ادهر ڪوئي ساٿي ڪرلو“

www.sindhsalamat.com

”ڪوئي واقف ئي نهين هي“
هُن پنهنجي سيني تي هٿ رکي چيو: ”هم خدمتگار هين نہ“
مان بہ مزو وٺي رهيو هيس. هن آفر ڪئي تہ جي چاهيان تہ هو منهنجي مدد ڪري سگهي ٿو. مون بہ دل لڳي ۾ ڪيس چيو تہ ٺيڪ آهي. هن سياٽي پنهنجي ڪنهن واقفڪار کي وٺي اچڻ جو چيو.

ريسٽورنٽ تان واپسي مهل هڪ ٻي رستي سان گهر لاءِ نڪري پيس پر اڳتي هلي منجهي پيس ان ڪري هڪ ٽيڪسي واري کي چيم تہ :”مونکي خبر آهي تہ پنهنجي گهر ڪان پري ناهيان پر نئون آهيان انڪري منجهي پيو آهيان، تنهنڪري مناسب ڪرايو ٻڌاءِ ۽ مونکي ڪمل هوٽل وٺ ڇڏ“. هن ڪرايي جا پنجاهہ روپيا چيا ۽ ٿوري ئي جهٽ ۾ اچي هوٽل تي ڇڏيائين، ان ئي هوٽل جي پويان اندر لعل وارن جي رهائش هئي.

نارائڻ هٽي پيليس ميوزيم

صبح جو مان نارايڻ هٽي پيليس ميوزيم ڏسڻ لاءِ نڪتس. اصل ۾ اهو محل هو جنهن ۾ نيپال جا بادشاهہ رهندا هيا. پر هاڻي ان کي ميوزيم ۾ تبديل ڪيو ويو

نارائڻ هٽي ميوزيم

آهي. نارايڻ، وشنو جو هڪ نالو آهي ۽ هٽي معنا پاڻيءَ جو ڦوهارو يا نيسارو. اصل ۾ وشنو جو مندر ۽ اهو ڦوهارو ان محل جي پر ۾ موجود آهن.

اها ميوزيم، ٿامل ويندي رستي تي آهي. مان بہ 10 منٽن جي پنڌ ڪانپوءِ اتي پهتس، مک گيٽ بند هئي هڪ ننڍي گيٽ تي قطار لڳل هئي. جن ۾ گهڻائي نيپالين جي هئي پر ٻين ملڪن جا سياح بہ هيا. ميوزيم جي في نيپالين لاءِ گهٽ هئي. عام

www.sindhsalamat.com

ذاڪر حسين اڃڻ اسحاق انصاري ۽
اندر لعل جو نگر ڪوٽ وٽ ورتل فوٽو

اسحاق انصاري نوجوان ٻُڌ بڪشوئن سان

نگرڪوٽ جو هڪ خوبصورت رستو

پشوپتي جي هڪ سيل موهن جي دڙي مان بہ ملي آهي

بختاپور جي شام

بختاپور جي هڪ محل تي ڪاٺ جي اُڪر جو
خوبصورت ڪم

بختاپور جي هڪ چوڪ جو منظر

بختاپور جي هڪ گهر تي ڪاٺ جي اُڪر جو ڪم ۽
اهو ريسٽورنٽ بہ آهي

نيپالي لاءِ 100 روپيا تہ وري شاگردن لاءِ 20 روپيا هئي جڏهن تہ چائنيز ۽ سارڪ ملڪن جي شهرين لاءِ 250 هئي، باقي ٻين سڀني سياحن لاءِ 500 روپيا هئي. واري اچڻ تي ٽڪيٽ ورتي تہ اڳيان وري هڪ ٻي دري هئي جنهن ۾ چيو ويو تہ پنهنجيون ڪيميرائون ۽ موبائيل وغيره اتي رکو. مون بہ پنهنجو سامان هڪ لاڪر ۾ رکيو جنهن جي چابي مون کي ڏني وئي. اڳيان سيڪيورٽي گيٽ لڳل هو جتي اسڪينر سان گڏ فوجي بہ تلاشي وٺي رهيا هيا، اندر داخل ٿيڻ کان پوءِ هڪ ميدان هيو. جيڪو ٽپي گيٽ مان اندر داخل ٿيس. هي ميوزيم هئي تہ رڳو بادشاهن جي پر منهنجي ذهن ۾ هڪ هڪ ڪمرو ٽپڻ سان نيپال جي تاريخ جا دور، ورق ورق تي منهنجي آڏو ايندا رهيا.

2500 سال اڳ ۾ هتان جا اصلي ماڻهو ڪراتي يا ڪرانتي هتي رهندا هيا. ٻين کان نوين صديءَ تائين هتي لڇوي يا لڇي سلطنت هئي. ان ئي خاندان جي حڪمران، مانا ديو جي دور ۾ ٻڌا ناٿ ۽ سويمبونات جا استوپا تعمير ٿيا. نائين صديءَ کان ٻارهين صديءَ تائين وري ٺاڪرن جي حڪومت رهي جنهن جو پايو وجهڻ وارو رگهو ديوا هو ۽ آخري حڪمران وجئيڪمار ديوا هو.

ٻارهين صديءَ ۾ مل يا مالا خاندن جي بادشاهت شروع ٿي جيڪا ارڙهين صديءَ تائين جاري رهي ۽ مغلن جيان هنن جو دور بہ نيپال ۾ تاريخي جاين جي تعمير جو دور هو. پر جيئن هر دور ۾ محلاتي ۽ خانداني سازشون شروع ٿينديون آهن جيڪي حڪومت تي انهن جي گرفت کي ڪمزور ڪري ڇڏينديون آهن. مل يا مالا خاندن سان بہ ايئن ٿيو ۽ آخر ۾ پرٿوي نارائڻ شاهہ جيڪو گورکن مان هيو ان حملو ڪري حڪومت تي قبضو ڪيو. ان کان اڳ ۾ نيپال جي رياست جڻ ڪٽمنڊو ۽ ان جي آسپاس تائين محدود هئي. پر ان ئي زماني ۾ انگريز بہ انڊيا ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ذريعي پنهنجا پير کوڙي رهيا هيا. انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي پرٿوي نارائڻ شاهہ اهو ضروري سمجهيو تہ نيپال جون ٻيون جيڪي ننڍيون ننڍيون رياستون يا علائقا آهن انهن کي ملائي هڪ وڏي ۽ مظبوط رياست جو بنياد وڌو وڃي ۽ ان ڪري هنن هٿيارن ۽ ڳالهين جي زور تي پنهنجي رياست کي وسعت ڏيڻ شروع ڪئي. هن نيپال کي هڪ مظبوط ملڪ بڻايو ۽ اهو ڄاڻندي تہ هن جو ملڪ ٻن پهاڙن (انڊيا ۽ چائنا) جي وچ ۾ ڪچالوءِ جهڙي حيثيت رکي ٿو هن پنهنجي ملڪ جي معاشي ۽ خارجہ پاليسي اهڙي ناهي تہ جيئن پاڙ بچائي هلي سگهجي. هن جي اها دورانديش پاليسي نيپال کي گهڻي وقت تائين ڪم ايندي رهي.



بادشاهہ بريندرا بير بڪرم شاهہ ۽ سندس ڪٽنب

هي محل بہ ان خاندان جي آخري بادشاهہ جي نشاني آهي جنهن کي ميوزيم ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. انهن جي آخري بادشاهہ بريندرا بير بڪرم شاهہ ديو جو محلات آهي. ان بادشاهہ کي تي اسان مان گهڻن اخبارن ۽ ٽي وي تي ڏٺو هوندو ڇو جو سارڪ ملڪن جي ايسوسيئشن جي سلسلي ۾ يا ايئن بہ هو پاڪستان آيو هو. هي بادشاهہ پڙهيل ڳڙهيل هيو. هن انڊيا، برطانيا ۽ آمريڪا جي هارورڊ يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪئي. ان کان علاوهہ کيس سياحت جو بہ ڪافي شوق هو ولي عهد هوندي بہ هن نيپال جي ڏورانهن علائقن جو سفر ڪيو ۽ سفر دوران اهو کاڌو يا پيتو جيڪو اتان جا عام ماڻهو کائيندا پيئندا هيا ۽ انهن جيان ئي رهندو هو.

ميوزيم ۾ مختلف هال ۽ ڪمرا سجايل هيا. جن ۾ ڪنهن ڪمري ۾ ٻاهرين حڪمرانن کي رهايو ويندو هو يا وري ڪنهن ڪمري ۾ ڪو معاهدو صحي ڪيو ويندو هو. ان کان علاوهہ بادشاهہ راڻي سان گڏ ٻارن جا بيڊ روم تہ وري اسٽڊي روم بہ هيو ان کان علاوهہ لائبرري بہ هئي. هتي رکيل ڪتابن مان گهڻو تعداد بين الاقوامي سياست تي هيو. انهن ڪمرن ۾ اهو فرنيچر رکيو ويو هو جيڪو استعمال ٿيندو هو.

ان ڏينهن سياح بہ ڪافي تعداد ۾ هيا. ڪمرن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪو پيڊسٽل فين هليو پئي نہ تہ بس تنهن ڪري بوسٽ بہ ٿيو پئي.

اصلي محل 1885ع ۾ ٺهرايو ويو پر وري 1943ع ۾ زلزلي اچڻ ڪري اهو ڊهي پيو جنهن ۾ بادشاهہ ترڀيون جون ٻئي ڏيئرون بہ وفات ڪري ويون هيون. ان کان

www.sindhsalamat.com

میوزیم جو هڪ هال

پوءِ وري نئين سر محل جي اڏاوت ڪئي وئي. ان کان علاوه جنهن بلڊنگ ۾ هاڻي اها میوزیم موجود آهي، محل جو اهو حصو 1963ع ۾ ٺهڻ شروع ٿيو ۽ 1969ع ۾ پورو ٿيو.

هن بلڊنگ کان ٻاهر نڪتاسين ته عمارت جي سائيڊ ۾ جيئن جڳهه ٺهرائڻ لاءِ پلنٽ وجهبي آهي ۽ ڪمرن جا نشان سرن جي ٻن يا ٽئن ٻارن جي صورت ۾ ظاهر ڪيا ويندا آهن. اهڙي قسم جا ڪجهه ڪمرا ۽ هال هيا. پرسان وچڻ ۽ بورڊ پڙهڻ تي معلوم ٿيو ته اهو حصو پراڻو محل هو جنهن کي 2001ع ۾ هڪ خوني ويڙهه يا ايئن چئجي ته خوني حملي کان پوءِ ڊاهيو ويو هو.

پهرين جون 2001 ع ۾ ان محل ۾ هڪ پارٽي هئي، ان پارٽي ۾ ولي عهد ديپيندرا ڊرنڪ ٿي هڪ مهمان سان بدتميزي ڪئي جنهن تي ان جي پيءُ بڪرم شاهه کيس پارٽيءَ مان نڪري وڃڻ جو چيو ۽ سندس ڀاءُ شهزادو نرنجن ۽ سوٽ پارس کيس ڪمري تي وٺي ويا. جتان وري هو ڪلاڪ کن کانپوءِ هٿيار ڪڍي محفل ۾ آيو ۽ اچڻ سان فائرنگ ڪري پنهنجي بادشاهه پيءُ، چاچيءَ ۽ چاچو (جيڪو هن کي روڪڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو هو) کي ماريو. جڏهن ته شهزادي پارس زخمي هجڻ باوجود ڪنهن به نموني صوفي کي اوٽ بڻائيندي ٽن ڄڻن جي زندگي بچائي ورتي. ان کان پوءِ شهزادو ديپيندرا ٻاهر باغ ۾ ويو جتي سندس ماءُ ۽ ڀائر موجود هيا ۽ مدد لاءِ واجهائي رهيا هيا انهن ٻنهي کي به اتي ختم ڪيائين پوءِ اڳتي وڌي باغ ۾ رئي ٺهيل هڪ پُل تي پاڻ کي

شاهي خاندان جو آخري رسمون پشوپتي مندر ۾ ادا ڪيو ويون هيون

شوٽ ڪيائين جنهن کان پوءِ به هو ٽي ڏينهن ڪوما ۾ رهيو ۽ پوءِ مري ويو.

ديويا راڻي

ڪن جو ته خيال آهي ته اها ڳالهه غلط آهي، هڪ فوجي آفيسر ته اهو به چيو ته بادشاهي ڪٽنب جي ٻين ڀاتين جي مرڻ کان اڳ هن ديپيندرا کي پنهنجي ڪمري ۾ مئل ڏٺو جنهن کي گوليون لڳل هيون. ڪي وري شاهه فيمليءَ جي پراڻن مخالفن راڻا فيملي کي ذميوار سمجهن ٿا. هڪ روايت اها به آهي ته ديپيندرا، راڻا فيملي جي هڪ ڇوڪري ديويا راڻيءَ کي پنهنجي زال پئي بڻائڻ چاهيو جنهن جي مخالفت سندس پيءُ ماءُ ڪري رهيا هيا.

www.sindhsalamat.com

تاريخي طور تي راڻا فيملي شاهي ڪٽنب سان دشمني ۾ رهندي آئي آهي، جڏهن ته اصل پاور انهن وٽ رهيو آهي ۽ گهڻو ڪري موروثي طور وزير اعظم راڻا فيملي مان ٿيندو آيو هو.

خير ذهن ۾ اهي سڀ واقعا تري آيا جنهن ۾ سازشون ڪري پنهنجن يا پراين حڪمرانن ۽ هنن جي خاندان کي ختم ڪيو ويو آهي پوءِ اهو شيخ مجيب هجي، ڀٽو هجي، اندرا هجي، شاه فيصل هجي، حواري بومدين هجي، قذافي هجي، انور سادات هجي، يا ڪوڙيا اهڙا حڪمران.

گرمي به گهڻي هئي. ماڻهو ڇانو وارا پاسا ڳولهي ڪجهه گهڙيون محل جي باغ ۾ آرام ڪري رهيا هيا مان به باغ ۾ لڳل بتن مان هڪ بت جي پرسان پيل بينچ تي ويٺم ۽ بوتل مان ڍڪ پري غور سان ڏسڻ شروع ڪيم ته اهو بت ڪهڙي ديويءَ جو آهي، ٿوري دير ۾ ديويءَ اکيون ڇنڀيون، نيپاليءَ ٻوليءَ ۾ ڪجهه چيو ته مان شرمسار ٿيس ته ڇا سوچيندي هوندي ته "مڙسالو ڪيئن نه ٿو هن عمر ۾ به عورتن کي گهوري ڏسي!" اصل ۾ اها ديوي، نيپال جي ٻريس پاتل زنده ديوي هئي.

ميوزيم مان نڪري، سامهون واري روڊ تي گهمڻ لاءِ نڪري ويس. مان جنهن به ملڪ ويندو آهيان ته اتان جي ليکڪن جا ڪتاب وٺي پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. هن دڪان ۾ ڪتابن جي گهڻائي ٽوئرسٽن کي اٽريڪٽ ڪرڻ لاءِ ٽوئرزم ۽ مائونٽيرنگ تي هئي. ڪجهه فڪشن جا ڪتاب به هيا، مون کي نيپالي ليکڪن جي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتابن جي تلاش هئي. نيپالي ليکڪن جا ٻه ٽي ڪتاب ورتم، هڪ ڪتاب جي موضوع مونکي پاڻ ڏانهن ڇڪيو " Arresting God in Khatmandu" اهو ڪتاب سمراٽ اپڌي جو لکيل آهي. مون کي اهو موضوع ڏسي جاڻڻ ڇن جو ڪلام ياد اچي ويو ته:

دم اسم جو ڏاڙو هڻي، اغوا ڪيم الله کي
فرمان مجيم فرقان جو، وٺي ويٺم ويساهه کي،
شريعت طريقت جي تڏي، هيئون حقيقت سان گڏي
معرفت جو گهر اڏي، ويهاريم الله کي
لک ڏئي ته به نه ڏيان، توڙي ڪروڙين ڪو ڏئي
جاڻڻ ڇن ڇئي جوش مان، ساريان انهيءَ صلاح کي،
دم اسم جو ڏاڙو هڻي، اغوا ڪيم الله کي

اهو ڪلام مانجهي فقير به ڳائيندو آهي. هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ اندازو ٿيو ته ليکڪ موضوع سان انصاف ڪيو آهي ۽ هي ڪتاب اصل ۾ نيپال جي تبديل ٿيندڙ سماج ۾ خواهشن ۽ روحانيت تي لکيل ڪهاڻين تي مشتمل آهي. مونکي سندس ڪهاڻين ۾ رواني نظر آئي ٻيو ته نيپال جي عام نفسيات کي سمجهڻ لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. بهرحال ڪتاب خريد ڪرڻ جو اصل مقصد ان جو موضوع هو جيڪو صوفياڻو لڳو هو.

ڪتاب خريد ڪرڻ کان پوءِ بازار ۾ گهمندو رهيس، ڪراچي جيان ويگنن جو رستي تي هلڻ، مختلف هنڌن تي پهچائڻ جا هوڪا ڏيڻ. گهمڻ ۽ گرميءَ ٿڪائي وڌو انڪري ٻن ٽن ڪلاڪن جي آرام لاءِ گهر آيس. گهر ۾ اندر لعل وارن وٽ هڪ نيپالي مائي ڪم ڪندي آهي، جيڪا گهر کي سليقي سان صاف رکي ٿي ۽ ماني به اها پچائيندي آهي. منهنجي پهچڻ تي هن ماني لاءِ پڇيو ته مون کيس چيو ته رهڻ ڏي. اندر لعل ۽ اڄڻ صاحب وارن کي هڪ شڪايت آهي ته مان ماني گهٽ ٿو کاوان. جڏهن ته مان پنهنجي حساب سان پوري ماني کاوان ٿو گهڻي وقت کان وٺي مون ماني گهٽائي ڇڏي آهي ۽ سبزيون ۽ مڇي ٿو کاوان جنهنڪري وزن ۾ ڪافي گهٽتائي آئي آهي. اندر کي ڳڻتي هوندي آهي ته مون کي ڪا مرغي وغيره کارائي، ڇوجو هو ٻئي ڇڙا سبزيون کائن ٿا. مون کيس چيو ته نه اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي مان پاڻ سبزين کي پسند ڪيان ٿو.

www.sindhsalamat.com

نگر ڪوٽ

آچر جي صبح جو دوستن بختاپور ۾ نگرڪوٽ گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو. ذاڪر حسين اڇڻ ۽ اندر لعل جو مشترڪ نيپالي دوست بشنو پنهنجي گاڏي کڻي آيو جيڪا اسان واري الٽو جهڙي هئي. بشنو ڊرائيونگ پئي ڪئي، ان سان گڏ معين صاحب وينو ۽ اسان ٽئي يعني مان، ذاڪر حسين اڇڻ ۽ اندر لعل پويان ويناسين. سڀ کان پهريائين پروگرام اهو بڻيو ته نگر ڪوٽ هلجي. اسانجي گاڏي، ڪٺمنڊو جي گوڙ کي چيڙيندي، شهر کان ٻاهر نڪري رهي هئي. ٿوري دير کان پوءِ اسان هڪ ويڪري ۽ ڊبل روڊ تي چڙهياسي، جنهنجي لاءِ دوستن ٻڌايو ته اهو هاءِ وي، چائنا وارن طرفان ٺاهيل آهي. ان کي فرينڊشپ هاءِ وي يا چائنا_ نيپال هاءِ وي سڏيو وڃي ٿو. اهو 800 ڪلوميٽر ڊگهو آهي ۽ تبت جي گادي جي شهر لاسا يا لهاسا کان، نيپال ۾ چائنا جي بارڊر تي، چائنا_نيپال فرينڊشپ پل تائين اچي ٿو جتي ٻنهي ملڪن جا شهر زانگموءِ ڪوڊاري آهن. جتان وري ڪٺمنڊو تائين جيڪو روڊ ٺهيل آهي ان کي آرنيڪو راجمرگ سڏين ٿا. منهنجي دل چاهيو ته ان هاءِ وي تي سفر ڪري تبت ۾ پوءِ چائنا تائين وڃجي ها. هاڻي ته چائنا وارن تبت کان ٽرين به شروع ڪئي آهي، جيڪا پنهنجي جڳهه ته هڪ عجوبو آهي. ڪٿي ٽريڪ جبل جي سرنگهن ۾ ٿو وڃي ته ڪٿي وري وڏا ٿنڀا اڏي ان تي پٽڙيون رکيو ويون آهن. جيئن اسان وٽ فلاءِ اورس ٺاهين ٿا. جيئن ته مٿاهون علائقو آهي ان ڪري ڪٿي ڪٿي اوچائي چئن پنجن هزارن ميٽرن تائين به وڃي ٿي. اهو اندازو ائين لڳايو ته مري ۾ ٿنيا گلي به 3000 ميٽرن کان گهٽ آهن. ايڏي مٿاهين تي سفر ڪرڻ ڪري گهڻن ماڻهن کي تڪليف به ٿئي ٿي. پر ان ٽرين ۾ هر مسافر لاءِ آڪسيجن جو به بندوبست آهي ان کان علاوه

بختاپور جي مشهور ڏهي

ٽرين ۾ ڊاڪٽر به موجود رهن ٿا. ٽڪيٽ سان گڏ هو صحت جو ڪارڊ به ڏين پر ان لاءِ مسافر کي لکي ڏيڻ ضروري آهي ته: ”پنهنجي صحت جي حفاظت جو ذميوار مسافر خود آهي“.

پر جيئن ته اڳ اهڙي معلومات ڪونه هئي انڪري نه ته ڪا اهڙي تياري ڪري آيو هيس نه ئي وري چين جي ويزا هئي. مون خيالن ئي خيالن ۾ پاڻ کي چين ۾ محسوس ڪيو ۽ 2007ع ۾ چين جي ٽوئر جا لمحا ياد اچڻ لڳا خاص ڪري هنگچو جي ويسٽ لينڊ ليڪ تي گذاريل شامون. گاڏي هڪ جهٽڪي سان بيٺي ته مان به پنهنجن خيالن مان واپس آيس. اسان هڪ دڪان تي اچي بيهاسين جتي دوستن ٻڌايو ته بختاپور جي ڏهي مشهور آهي. دڪان جي اندر ڏهيءَ جا پاٽوڙا ٽوتڙن ۾ رکيل هجن. مون ڪائنڻ پڇيو ته اهي ڇا جي ڪري آهي ته دڪان وارن ٻڌايو ته جي ان ۾ پاٽوڙا نه ٿا رکن ته ڏهي جمي نه ٿي، شايد گرمي گهٽ هجڻ (حالانڪ ان وقت ته گهٽي هئي يا وري ٻيو سبب مٿاهين به ٿي سگهي ٿو!) خير ڏهي جي ٽيسٽ رٻڙيءَ سان ملندڙ جلندڙ هئي شايد. پهريائين کير کي گهٽي دير ڪاڙهي گهاٽو ڪيو وڃي ٿو. دوستن اهو به ٻڌايو ته اها ڏهي رڳو بختاپور ۾ ئي ملي ٿي.

هڪ حيرت لڳي ته دڪان جي ٻاهريان هڪ 2 ضربيان 2 فوٽن جو زمين جو خالي حصو هو جنهن ۾ هنن سبزيون پوکي ڇڏيون هيون. مون نيپال ۾ اهو ڏٺو ته هو زمين جي ننڍي ۾ ننڍي حصي ۾ به ڪجهه نه ڪجهه پوکين ٿا ايستائين جو

www.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ٻن گهرن جي وچ ۾ ڪا ننڍي جڳهه آهي تہ اتي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ پوکيل هوندو آهي. اصل ۾ جنهن ماڻهو وٽ جنهن شي جي کوٽ هوندي آهي ان کي ئي انجي اصل اهميت جي خبر پئي ٿي، نيپال بہ گهٽ ڪري جابلو آهي انڪري سندن لاءِ زرخيز زمين وڏي اهميت رکي ٿي.

اسان هاڻي چڙهائي جي طرف وڃي رهيا هياسين، رستي تي ڪنهن پهاڙي اسٽيشن جيان خوبصورت نظارا هيا. اهي ئي لاهيون چاڙهيون، هوا بہ ٿڌي هئي، رستن تي اس بہ وڻن مان ڇڻي پئجي رهي هئي. رستو ڪشادو ڪونہ هو. بالڪل مري يا نٿيا

گليءَ جيان، ان ئي نموني فوجين جي ڇانوڻي. رستي جي پاسن ڪان ڪن ڪن هنڌن تي چانهن جا ريسٽورنٽ نهيل، دل چاهي پئي تہ انهن هنڌن تي ماڻهو ترسندو وڃي. اسان هڪ هنڌ پنهنجي گاڏي پارڪ ڪئي. ان هنڌ تي مٿي هڪ پليٽ فارم ٺهيل آهي جتان بيهي نظارو ڪري سگهجي ٿوءِ موسم صاف هجڻ جي صورت ۾ هماليا يا ايورسٽ جو بہ نظارو ڪري سگهجي ٿو. هن هنڌ جي مٿاهين 2195 ميٽر آهي تقريبا مريءِ نٿياگلي جيتري. جتي گاڏي بيهاري سي اتي ڪائڻ پيڻ جا اسٽال بہ ٺهيل هيا. هڪ اسٽال تي، هندوستاني فيملي بہ نظر آئي، جيڪا مون کي کٽمنڊو جي ڪرشن مندر ۾ نظر آئي هئي، مردن توڙي عورتن جي ڊريس مان هُو راجستاني پئي لڳا. خير نيپال ۾ جيئن تہ گهمڻ جا مخصوص هنڌ آهن جتي ٽوئرسٽ پيو گهمي ٿو. انڪري ڏسڻ سان بہ خبر پئجي وڃي ٿي تہ اهو ڇهرو ڪٿي ڏٺل آهي.

مٿي وڃڻ لاءِ وڏن وڻن جي وچ مان ڏاڪڻيون ٺهيل هيون، معين صاحب تہ اڏ

ٽاور جنهن تي چڙهي آسپاس جو نظارو ڪري سگهجي ٿو

رستي تي ئي ويهي رهيو باقي اسان سڀ مٿي وياسين. مٿي پليٽ فارم تي وري هڪ لوهي ٽاور ٺهيل هو جنهن تي ماڻهو چڙهي رهيا هيا ان تي وڃڻ لاءِ ڪا باقاعدي ڏاڪڻ نہ هئي پر مختلف پائپن تي پير رکي ماڻهو مٿي پئي چڙهيا. سڀ کان ڏکيو مرحلو پهريون هو جو ٽي يا ساڍا ٽي فوٽ مٿي پائيپ تي بغير ڪنهن سهاري جي پهچڻو هو پر

نگر ڪوٽ جو هڪ منظر

www.sindhsalamat.com

ماڻھو مڙسي ڪري چڙھي رهيا هيا. اسان مان رڳو ذاڪر حسين مٿي چڙھي ويو. هڪ مائي جنهن جو وزن بہ ماشاءَالله ٺيڪ هو ان بہ چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چڙھي ڦاٽي جو نہ هيٺ جي نہ مٿي جي، نيٺ ٻين همت ڪري ڪيس مٿي ونڻ پئي چاهيو پر ڪين انگريزي نہ پئي آئي جنهن ڪري سندن اها خواهش اڌوري رهي.

نگر ڪوٽ شهر

ان پليٽ فارم ڪان هيٺ وري هڪ ميدان ٽائيپ جڳهہ هئي جتي مختلف ٽولا پڪنڪ ملهائي رهيا هيا انهن جي هوڪرن، ميوزڪ ۽ ڪلڻ جو آواز مٿي تائين پهچي رهيو هو. اسان بہ وڻن جي جهڳٽي ۾ ويهي پاڻ سان آندل ڪولڊ ڊرنڪ ۽ بشنو جا آندل پڪوڙا کاڌا. مون معين صاحب جو فوٽو ڪڍيو تہ پس منظر ۾ اتان بہ ڇوڪريون مني اسڪرٽ ۾ گذري رهيو هيون، جنهن تي ساٿس سڀ مذاق ڪري رهيا هيا تہ سندس اهو فوٽو هن جي گهر وارن کي پوسٽ ڪيون ٿا پر معين صاحب پاڻ کلي رهيو هو ۽ چيو تہ سندس ٻارن کي جي اها خبر پوندي تہ هو خوش ٿيندا تہ بابا ڪجھ تہ ڪري رهيو آهي.

اسان پوءِ پنهنجي واپسيءَ جو سفر شروع ڪيو مختلف نظارا پسندا اسان هڪ هنڌ چانهن پيڻ جي لاءِ ويٺاسين، جتي اڳ ۾ بہ ٻيا سياح بہ ويٺا هيا جيڪي موٽر سائيڪلن تي اتي پهتا هيا ۽ بيئر پي رهيا هيا. ڪناري سان هيٺ دڪان واري ڪرسيون رکيون هيون جتان هيٺ ڪاهي هئي ۽ پريان پرتي وري ٻي پهاڙي، سڄو علائقو سر سبز هو. تمام خوبصورت نظارو هيو. دڪان واري ڪڪڙ بہ پاليا هيا ۽ ان ڪان علاوه هڪ ڪتو بہ موجود هو. سائي پس منظر ۾ ڳِري رنگ جو ڪتو مون کي سٺو لڳو جنهن جو فوٽو ڪڍيو. هتي مون محسوس ڪيو تہ ڪتا جيڪي عام طور تي گهٽين ۾ گهمي رهيا هيا اهي بہ ڪنهن ٻي نسل جا ۽ سهٽا لڳي رهيا هيا، مون دوستن ڪان بہ ان نسل جي باري ۾ پڇيو پر هو بہ مون جيان اڻڄاڻ هيا.

اهڙا خوبصورت منظر ڏسي، مون دل ۾ سوچيو تہ جيڪڏهن ٻي دفعي نيپال اچڻ ٿيو تہ هڪ رات نگر ڪوٽ جي ڪنهن هوٽل يا رزارٽ ۾ رهي سج لهڻ جي منظر

ڪان وٺي سج اڀرڻ جي منظر جو مزو وٺبو ۽ رات جو ڪمبلن ۾ لڪي، باهہ ٻاري، سرٻاٽين ۾ ڳالهيون ڪبيون ۽ ٻڌبيون.

بشنو ذاڪر حسين اچڻ ۽ اِندر لعل

www.sindhsalamat.com

بختاپور

ٽڏين هوائن مان اسان آهستي آهستي هيٺ لهي ڪوسين هوائن جي ساٿ ۾ آياسي تہ سائين بدر ابڙي جي سفرنامي ”نيپال، ڀڳوانن جي ڀونءِ“ ۾ پڙهيل اها ڳالهہ ياد آئي تہ بختاپور ضرور ڏسجي. هونئن بدر ابڙي صاحب ان هنڌ جو نالو ”ڀڳت پور“ لکيو آهي پر مان ”بختاپور“ نيپالي ماڻهن جي واتان نڪتل اچار آڌار لکيو آهي، ٻيو تہ اتي رهندڙ دوستن کان پڇا ڪرڻ کان پوءِ اهو نالو يعني ”بختاپور“ لکيو آهي نہ تہ انگريزي ۾ تہ جڻ ڀڪتاپور لکيل آهي.

بهرحال، نيپال اچڻ کان اڳ مون هتان جي گهمڻ جي جڳهن جي باري ۾ معلومات پئي ڪٺي ڪئي. ادا بدر ابڙي جو سفرنامو گهڻو اڳ پڙهيو هو پر پوءِ گهڻي ڪوشش جي باوجود ڪٿان نہ ملي سگهيو تہ ڪيس فون ڪئي جنهن تي هُن وراڻيو ”مون وٽ پنهنجي رڪارڊ جي ڪاپي پئي آهي جي پڙهي واپس ڪيو تہ اوهان کي ڏيان.“

مون واپس ڪرڻ جو واعدو ڪيو(اها ٻي ڳالهہ آهي تہ واپسيءَ کان پوءِ اجان ڪيس سندس ڪتاب موٽائي نہ ڏنو آهي، پر مون ڪيس فون ڪري اهو ضرور ٻڌايو تہ نيپال جي پنهنجي رڪارڊ ڪيل وڊيو کي ايڊٽ ڪرڻ کانپوءِ ڊي وي ڊي سميت ڪتاب واپس ڪبو). سو مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ بدر ابڙي جي سفرنامي ۾ بختاپور جو جهڙي سهڻي ۽ من موهيندڙ طريقي سان ذڪر ٿيل آهي ان مونکي وڌيڪ بختاپور جو ديوانو ڪري وڌو. پر نہ رڳو بختاپور پر نيپال جي باري ۾ بدر ابڙي صاحب جو لکيل ڪتاب تمام دلچسپ ۽ معلوماتي آهي.

بختاپور ۾ داخل ٿيڻ جا مختلف هنڌ آهن، اسان ذري گهٽ بختاپور جو طواف ڪرڻ کانپوءِ هڪ هنڌ گهٽيءَ ۾ گاڏي پارڪ ڪئي جتان بختاپور جي دربار اسڪوائر ۾ داخل ٿيڻ جي گيٽ ٺهيل هئي. سچ اهو آهي تہ جڏهن اسان اتي گهمي

بختاپور جي گيٽ

رهيا هياسين تہ مونکي ڪجهہ لمحن لاءِ اهو محسوس ٿيو تہ روهڙي يا شڪارپور ۾ آهيان. ان ئي نموني سرن جون ٺهيل ماڙيون، انهن ۾ لڳل ڪاٺ جي اڪر جون دريون، دروازا، ڇاپرا، گهٽين جڳهن ۾ تہ اجان تائين ماڻهو رهن ٿا. سڀ کان سٺي ڳالهہ اها لڳي تہ دڪان بہ پراڻي نموني وارا هيا. انهن جو دروازو ڪو فوٽ ڏيڍ جي ويڪر ۽ 7 يا اٺن فوٽن جي اٺن ڏهن تاڪن تي مشتمل هيو جيڪي، واري واري سان چانئٺ ۾ ڦبائي لڳايا پيا وڃن. اسان وٽ، اهڙن درن وارا دڪان بہ اٽلپ ٿي ويا آهن وري بہ ننگرپارڪر جي بازار ۾ ڪجهہ اهڙا دڪان آهن. مونکي محسوس ٿيو تہ ڪجهہ گهڙين لاءِ وقت ڄمي ويو آهي ۽ مان پراڻي سنڌ پيو گهمان.

ان وقت ٽپهريءَ جي نماز جو وقت ٿي ويو هو ۽ اتي ڪا مسجد بہ ويجهي هئي جن جي دوستن کي اڳ ڄاڻ هئي انڪري بہ ٽي دوست تہ اوڏانهن هليا ويا باقي، مان، ذاڪر حسين ۽ بشنو ٽڪيٽون ورتيون. ٽڪيٽ گهر جي دري ۽ ان جي چوڏاري لڳل ڪاٺ تي اُڪر جو ڪم ئي سهڻو لڳي رهيو هو ۽ مون سوچيو تہ هونئن اهڙن هنڌن تي جيڪي بہ جڳهون، اسٽال يا ريسٽورنٽ ٺاهيا وڃن تہ اهي اهڙي نموني هجن

www.sindhsalamat.com

تہ جيئن ان هنڌ جي تهذيب جو حصو لڳن نہ ڪي اوپرا اوپرا لڳن. مثال طور موهن جي دڙي تي نهيل هينڊي ڪرافٽس جا دڪان، ميوزيم جو ٽڪيٽ گهر يا ڪائڻ پيڻ جا اسٽال بہ جهونپڙي يا لانڍ جيان نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ موهن جي دڙي ۾ استعمال ٿيل سرن جهڙا تہ ٺهيل هجن تہ ڪيڏا نہ سٺا لڳن. نہ ڪي هاڻي وانگر سيمينٽ مان ٺهيل هجن. وري بہ ميوزيم سرن جي ٺهيل هجڻ ڪري خوبصورت لڳي ٿي. ٻيو تہ چڏيو ٿائليند جي هڪ ٻيٽ ڪوهہ سموئي جي ايئرپورٽ تي ارائيول ۽ ڊپارچر لائونج بہ لانڍي جيان ٺهيل آهن ۽ سياح ان ٻيٽ تي لهڻ سان ئي سحر ۾ جڪڙجي وڃي ٿو.

ٽڪيٽون وٺي اسان گيٽ کان اندر داخل ٿياسين. گيٽ بہ ڪاٺ جي ٺهيل هئي جنهن تي هندو ديوتائن جا نقش بہ اڪريل هيا. هي هڪ ڪشادو پڌر يا چونڪ هو جنهن کي دربار اسڪوائر يا لائيڪو بہ چيو وڃي ٿو. هن جي ٻنهي طرفن ۾ ڪجهہ وچ تي پراڻيون عمارتون ٺهيل هيون. چون ٿا تہ اهو اڳ ۾ وڏيڪ ڳتيل هوندو هو پر 1934 ع جي زلزلي جي ڪري ڪجهہ عمارتون ڊهي پيون. هي چونڪ جتامترا ملَ

<u>بختاپور جو ٽڪيٽ گهر</u>

جي دور ۾ ٺهيل آهي.

مون تفصيل سان هڪ هڪ مندر، بت، گيلري ڏٺي، ڇو جو ڪنهن بہ ماڻهو جو روز روز تہ هن طرف اچڻ نہ ٿو ٿئي. گيٽ مان اندر داخل ٿيڻ سان ڪابي طرف پهريائين شينهن جا بہ وڏا پٿر جا بت نظر اچن ٿا ۽ ٿوري ئي فاصلي تي نيشنل آرٽ گيلري آهي جنهن ۾ خاص طور تي هندو مذهب سان لاڳاپيل تصويرون يا ايئن چئجي

<u>بختاپور دربار اسڪوائر ذاڪر اچڻ ۽ بشنو</u>

تہ ديوين ۽ ديوتائن جون تصويرون آهن جن کي ڏسي يا انهن جي باري ۾ پڙهي ماڻهو وڏي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي ٿو پر حقيقت اها آهي تہ مان سرسري طور تي انهن جو جائزو ورتو ڇو جو ٽائيم گهٽ ۽ مقابلو سخت هو. مان اڃان اهو ڏسي ئي رهيو هيس تہ بشنو ۽ اڄڻ جيڪي اڳتي نڪري ويا هيا موٽي مون وٽ آيا ۽ چيائون تہ:

”اهو سڀ ڪجهہ پوءِ ٿا ڏسون پهريائين هلي محلات ڏسي وٺون جو اهو پنجين وڳي بند ٿيڻ وارو آهي ماڻهن جو وڃڻ هاڻي ئي بند ڪري ڇڏيو اٿائون پر اسان بيٺل پهريدارن کان اجازت ورتي آهي تہ پري کان آيا آهيون انڪري ڏسي وٺون سو پهريائين اهو هلي ڏسون پوءِ باقي رهيل هنڌ گهمون ٿا.“

ان محلات کي پنجونجاهہ درين وارو محلات سڏيو وڃي ٿو جيڪو 1769 ع تائين محلات طور ڪتب ايندو هو. اها عمارت بادشاهہ يڪشي مالا 1427 ع ۾ ٺهرائي ۽ سترهين صديءَ ۾ بادشاهہ ڀپيندرا ان جي مرمت ڪرائي. محل جي اڏاوت فن جو هڪ لازوال مثال آهي، سڄو محل پڪين سرن جو ٺهيل آهي ۽ ان تي وري درين ۽ گيلريون ڪاٺ جون آهن پر اهي بہ شاندار اڪر واريون، جن کي ڏسي ڪجهہ گهڙين لاءِ تہ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي وساري ويهي ٿو. هر هڪ دريءَ کي ٻانهيون آهن جن تي اڪر ٿيل آهي ۽ دريءَ جي مٿان ونگ آهن جن تي وري ڪجهہ مذهبي تصويرون ٺهيل آهن باقي وچ تي ڪن درين ۾ اٺ ڪنڊا ستارا تہ ڪن ۾ وري چوڪور ٺهيل هيا. هتي

www.sindhsalamat.com

بختاپور جي ڪاٺ جي اُڪر مشهور آهي

مون هڪ ڳالهہ محسوس ڪئي تہ هنن جي پراڻن ماڻھن يا سڪن تي اٺ ڪنڊو ستارو ٺهيل آهي جنهنکي ڊيوڊ اسٽار سڏيو ويندو آهي ۽ هن وقت اسرائيل جي جهنڊي ۾ بہ ٺهيل آهي. مونکي ان جي باري ۾ ڄاڻ نہ ملي تہ ان جو مقصد ڇا آهي. ايئن ٿي نٿي

هڪ ريڊيو ڊرامي جي رڪارڊنگ

هوندي هڪ دفعي حيران ٿيو هيس، جڏهن پاڙي جي هڪ پوڙهي هندوءَ جي وِيڄڻي تي سواستيڪا جو نشان جيڪو هٽلر استعمال ڪندو هو اهو ٺهيل ڏٺو هو. مون سمجهيو هو تہ ڪنهن ٻار شرارت ڪري ان جي ويڄڻي تي ٺاهيو آهي نہ تہ ڪٿي هي پُرامن پوڙهو هندو، ڪٿي هٽلر جو نشان. پر پوءِ مون کي خبر پئي تہ اهو تہ هندن جو پراڻو نشان آهي ۽ موهن جي دڙي جي هڪ مهر تي بہ ٺهيل آهي. اهو نشان پوءِ هٽلر آرين جي نشاني طور استعمال ڪيو هو. جڏهن تہ هندو مذهب ۾ شڪتي کي اپارڻ لاءِ اها علامت استعمال ٿيندي آهي يا وري ٻيي معنا مٿانهون هجڻ بہ اٿس. هڪ نظر ۾ درين تي ٺهيل ڪاٺ جو ڪم ڪڏهن ڪڏهن اجرڪ ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ٺپي جهڙو لڳو جنهن تي بہ ڪاٺ مان اهڙيون ڊزائنون ٺهيل هونديون آهن.

محل وٽ هڪ ڪراڙي مائي ۽ ان سان گڏ هڪ نوجوان ڇوڪرو پاڻ ۾ ڊائلاگ هڻي رهيا هيا ۽ هڪ همراهہ مائيڪ کڻي انهن کي رڪارڊ ڪري رهيو هو. اسان کي تہ گفتگو سمجهہ ۾ نہ آئي پوءِ ٻشنوءَ ٻڌايو تہ اها ڊرامي جي رڪارڊنگ هڪ ريڊيو اسٽيشن وارا ڪري رهيا هيا. ان محلات ۾ هڪ تلاءُ بہ هو جنهن کي ناگا پوکري يا نانگ وارو تلاءُ سڏيو پئي ويو. تلاءَ جي ٻنهي پاسن کان ڌاتوءَ جا ٺهيل بہ وڏا ڪاريهر نانگ هيا جن مان پاڻي نڪرندو آهي. ان کان علاوه تالاب جي چوڌاري ڪناري سان پٿر مان نانگ ٺهيل آهي جيڪو سڄي تلاءَ کي وڪوڙي ويٺو هو. تلاءِ جي اندر چوڌاري ڏاڪا بہ هيا.

ناگا پوکري يا نانگن جو تلاءُ

www.sindhsalamat.com



گولڊن گيٽ

محل ۾ وڃڻ لاءِ هڪ گولڊن گيٽ آهي جنهن کي سن ڊوڪا بہ چيو وڃي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ مان غلط بہ هجان پر ڊوڪا نيپاليءَ ۾ گيٽ کي چيو وڃي ٿو. جيئن تہ اسان بند ٿيڻ جي خوف کان پهريائين اندر هليا وياسين ان کري واپس اچي پوءِ ان گيٽ کي تفصيل سان ڏٺو. اها گيٽ پتل جي آهي جنهن تي ڏاڍو نفيس ڪم ٿيل آهي ۽ نانگ ۽ مختلف ڏند ڪٿائي ڪردار اڪريل آهن. اها گيٽ بادشاه رنجيت مالا ٺهرائي هئي. گيٽ جي مٿان وشنو جي سواري طور ڪم ايندڙ گرڙپکي ٺهيل آهي (مون عوامي آواز ۾ ڇپجندڙ پنهنجي سفرنامي جي ٽين قسط ۾ ڪراچيءَ جي هندو دوستن کان پڇي، ان پکيءَ جو نالو "گرور" لکيو هو. اردوءَ ۾ ان کي گرودا لکن ٿا. پر جيئن ئي قسط ڇپي تہ ٿر مان مانواري نند لعل ايس ايم ايس ڪيو تہ اهو گُرڙپکي آهي، انکري هاڻي انکي گرڙ ٿو لکان. نند لعل صاحب جي مهرباني). هونئن تہ گرڙپکيءَ کي هڪ سختگير ۽ مضبوط پکي ڏيکاريو ويندو آهي، پر هن گيٽ تي ٺهيل اهو پکي ڪنهن حد تائين ڪيوٽس جهڙو نظر اچي رهيو هو. ان کان پوءِ مرڪز تي تاليجو ديويءَ جي تصوير آهي جنهن جي ٻنهي پاسن کان مون کي لڳو تہ جمنا ۽ گنگا جي تصويرون

گولڊن گيٽ تي تاليجو ديوي

اڪريل آهن ۽ تاليجو جي بالڪل پيرن ۾ هڪ پاسي تي گرڙپکي نظر آيو باقي ٻي جي باري ۾ خبر نہ پئي. وري ان جي چوڏاري ٻانهين تي گڻيش ۽ ڪالي ماتا ٺهيل آهن. ان کان علاوه سنتي سنئوڻ ۽ خوشقسمتيءَ لاءِ گلدستا بہ ٺهيل آهن. اهڙا ئي گلدستا وري ان گيٽ جي ٻنهي پاسي جي سرن

واري پٿين تي بہ ٺهيل آهن. پٽ تي ان گلدستن جي مٿان وري هڪ تختِي وانگر ٺهيل آهي جنهن تي ڪو اسڪرپٽ لکيل آهي ڇا جي باري ۾ آهي ان جي باري ۾ ڪا خبر نہ پئي.

پوئنڪڻ وارو گهنڊ

مون اڳ بہ ذڪر ڪيو آهي تہ هنن هنڌن جو مزو تڏهن ٿو اچي جڏهن انهن هنڌن يا ان هنڌ تي ٺهيل تصويرن يا بتن جي ٿوري ڄاڻ هجي ٿي نہ تہ ماڻهو لَس گهمي وڃي ٿو. مون کي وري اهڙن هنڌن تي ٿوري دير لڳندي آهي. ڪوشش ڪندو آهيان تہ اڳ ٿوري ڄاڻ هجي نہ تہ وري اتان جي ملندڙ بروشر يا گائيڊ يا دوستن کان معلومات وٺندو آهيان. پر ان هوندي بہ ڪي ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن جن جي معلومات نہ ملي سگهندي آهي جيئن ان گولڊن گيٽ جي ٻنهي پاسن کان لڳل تختي تي لکيل عبارت جي خبر نہ پئجي سگهي.

گيٽ مان نڪرڻ سان سامهون هڪ وڏو ٿنڀو نظر اچي ٿو جنهن جي مٿان بادشاه ڀپندرا جو مجسمو لڳل آهي اهو 1699 ۾ ٺاهيو ويو هو. جنهنجون نظرون گولڊن گيٽ تي لڳل آهن. اهو بادشاه تعميرات جو وڏو شوقين هو. سندس ٺهرايل ڪافي جڳهون آهن جيڪي کٽمنڊو پٽن ۽ ڀختاپور ۾ ملن ٿيون. اهڙي قسم جو مجسمو پٽن واري علائقي ۾ بہ ٺهيل آهي. ان ٿنڀي جي پرسان وري هڪ وڏو گهنڊ لڳل آهي. جنهنکي پوئنڪڻ وارو گهنڊ بہ سڏيو ويندو آهي هاڻي ان کي صبح جو تاليجو ديويءَ جي عبادت وقت وڄايو ويندو آهي. اصل ۾ ان تي اهو نالو انکري پيو جڏهن اهو گهنڊ وڄندو هو تہ آسپاس جا ڪتا بہ ان سان گڏ پوئنڪڻ

ٻيتالا مندر

www.sindhsalamat.com

لڳندا هيا جنهنڪري هڪ روايت مطابق ان تي اهو نالو پيو. اهو گهنڊ رنجيت مالا 1737ع ۾ ٺهرايو.

گهنڊ سان لڳو لڳ هڪ مندر ٺهيل هو جنهن کي ڏسي مون کي لڳو ته شايد ڪرشن جو مندر آهي ڇو جو اهڙي قسم جو مندر پٽن ۾ به هو ان جو آرڪيٽيڪچر به اهڙو آهي پر جڏهن ان تي اڪريل تصويرون ڏٺيون ته دُرگا ديوي جون هيون جيڪا ڪاوڙ واري منهن سان بيٺل نظر آئي. ان مندر کي هتي وشتالا يا ٻيتالا مندر چون ٿا جيڪو درگا جوئي نالو آهي. هي مندر به سيڱ استون مان ٺهيل آهي ۽ ان جا به ٿي پرت يا ٽي پلنٿس آهن. مٿيون حصو ڪيلاش پربت کي علامتي طور تي ظاهر ڪري ٿو.

بختاپور گهمندي مون کي اهو شدت سان احساس ٿيو ته مون وٽ ٽائيم گهٽ آهي ۽ ڏسڻ جي لاءِ جڳهون ڪوڙ آهن. انڪري مان ڪجهه ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ فوٽو به ڪيڻ شروع ڪيا جو سج لهڻ وارو هو.

پاروتي يا پاربتي

سِج لهڻ وارو هو، ٽائيم به گهٽ هو ۽ مون کي فوٽو به ڪيڻا هيا پر بختاپور جي ان مندر تي ٺهيل درگا ديويءَ جي تصوير ڏسي مون کي محسوس ٿيو ته هوءَ ڪنهن زنده انسان جيان مرڪي رهي آهي ۽ ان مُرڪ جي پويان، فخر، محبت ۽ ميناج به نظر آيو. جڏهن مون چوڌاري نظر ڊوڙائي ته گهمندڙ ديويون جيڪي خوبصورتيءَ ۾ ڪنهن به طرح گهٽ نه هيون پر سندن مُرڪ ۾ اها ڳالهه نه هئي. شايد ان مرڪ کي حاصل ڪرڻ ۾ جيڪو وقت يا رياضت گهربل آهي، اهو هر هڪ جو ڪم ناهي. انڪري ئي مونکي درگا جي باري ۾ هندو ميٿالاجي ۾ پڙهيل ڳالهيون ياد اچي ويون.

جيئن عيسائيت ۾ ٽمورتي آهي، پيءُ، پٽ ۽ پاڪ روح، جيڪي اصل ۾ جدا جدا هوندي به گڏ آهن. اهڙي ريت هندو مذهب ۾ به ٽمورتي آهي جيڪا، برهما، وشنو ۽ شوا تي مشتمل آهي. جنهن ۾ برهما تخليقڪار، ته وشنو وري محافظ ۽ شوا وري تباه

شوا، وشنو ۽ برهما

ڪندڙ يا تبديل ڪندڙ (پُنر جنمڏيندڙ) آهي. شوا جي گهر واري پاروتي يا پاربتي آهي. پاروتي پنهنجي مڙس سان هميشه گڏ رهڻ واري هڪ زال طور نظر اچي ٿي، ڪٿي اهي پنهنجو پاڻ ۾ محبت ڪندي نظر اچن ٿا ته وري ڪڏهن ڪيلاش پربت تي ويهي بحث ڪندي نظر اچن ٿا ته وري ڪڏهن انهن ۾ جهيڙو ٿيندي نظر اچي ٿو. هڪ دفعي شِوهن کي ڪاري رنگ هجڻ جي ڪر "ڪاري" سڏيو ته هوءَ ڪاوڙجي جهنگلن ۾ هلي وئي جتي وڃي هن گهڻيون رياضتون ڪيون ته برهما ظاهر ٿي هن کي فيض عطا ڪيو. جنهن سان هن جو رنگ سونهري ٿي ويو. انڪري ڪيس ڪڏهن ڪڏهن "گوريءَ" جي نالي سان به ياد ڪيو ويندو آهي. هڪ پُراڻ ۾ وري هن جي وجود جي باري ۾ لکيل آهي ته ڪيلاش پربت تي برهما، شوا سان ملڻ ويو ته هُن ڪائنس پڇيو ته "جلدي ٻڌاءِ ته تون هتي ڇو آيو آهين" جنهن تي برهما جواب ڏنس ته "هڪ وڏي اونداهيءَ، ديوتائن کي سخت پريشان ڪيو آهي، هاڻي مان انهن جي شڪايت ٻڌي تو وٽ آيو آهيان" برهما غور سان شوا کي ڏٺو، شوا وري پنهنجي خيال جي طاقت سان وشنوءَ کي به گهرائي ورتو. ٽئي ديوتا هڪٻئي کي نهاريندا رهيا سندن چمڪندڙن اکين جي شعاعن جي ميلاپ مان هڪ خوبصورت نيري آسماني

شوا ۽ پاروتي

www.sindhsalamat.com

رنگ واري عورت جي پياري پياري صورت جنم ورتو. جنهن کي قيمتي موتين وارا هار پهريل هيا. هوءَ شرميلي انداز ۾ جهڪي برهما، شوا ۽ وشنو کي پُرنام ڪري، حيا کان ڳاڙهي ٿي پاسو وٺي هڪ طرف بيهي رهي. پڇيو ويو ته تون ڪير آهين؟ ۽ تون سفيد، ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ سان ڇو پنهنجو پاڻ کي سينگاريو آهي؟ ته هن جواب ڏنو ته توهانجي تيز نظرن جي ئي پيداوار آهيان ڇا توهان پنهنجن طاقتن کان بي خبر آهيو؟ ان تي برهما، هن جي تعريف ڪندي چيو ته تون ٽنهي زمانن، ماضي، حال ۽ مستقبل جي ديوي ٿيندينءَ. ڪائنات کي قائم ۽ محفوظ رکڻ واري ٿيندينءَ. ماڻهو مختلف نالن سان تنهنجي پوڄا ڪندا ۽ تون پوڄارين جي خواهشن جي پورائي جو سبب بڻجندينءَ. پر اي ديوي! جن رنگن جي ڪري تون ٻين کان ممتاز ٿي آهين انهن جي مطابق تون ٽن حصن ۾ ورهائجي وڃ. هن ائين ئي ڪيو. هن جو سفيد حصو سرسوتي ٿي ويو. پياري من موهڻي صورت واري، جنهن جو برهما جي تخليق ۾ به هڪجيترو حصو آهي. ڳاڙهو حصو لڪشميءَ جو. جيڪا وشنوءَ جي محبوبا آهي ۽ هن سان ملي ڪائنات جي حفاظت ڪري ٿي. هن جو ٽيون ۽ ڪارو حصو پاروتي بڻجي ويو جنهنکي شوا جي قوت به حاصل هئي. ان جو ڪارو حصو سونهري ڪيئن بڻجي ويو اهو اڳ ۾ به ذڪر ڪيل آهي.

ڪن ٻين هنڌن تي اهو به ذڪر ٿيل آهي ته شوا جي پهرين گهر واري اوما هئي. پاروتي ان جو ٻيون جنم آهي. روايت آهي ته اوما جي پيءُ، هڪ ڀيري ديوتائن لاءِ هڪ قرباني جي دعوت جو اهتمام ڪيو پر هن پنهنجي ناٺي شوا کي نه ٻڌايو. اها خبر جڏهن اوما کي پئي ته هو ناراض ٿي ۽ پاڻ کي باهه ۾ ساڙي ڇڏيو. انڪري ڪيس ستي به چيو ويندو آهي. اها خبر جڏهن شوا کي پئي ته هو ديوانو ٿي ويو. هن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون هُن پنهنجي محبوبا کي مخاطب ٿي چيو:

”اٺ، اٺ منهنجي محبوبه ستي، اُٿ مان آهيان تنهنجو شنڪر، تنهنجو پنهنجو شنڪر، تنهنجو مڙس! تون مون سان گڏ آهين ته مان قادر مطلق به آهيان، شين جو خالق به آهيان، ۽ هر طرح جي خوشين ورهائڻ وارو به آهيان. اي منهنجي طاقت، منهنجي شان و شوڪت! هاڻي تون مون کي ڇڏي وئين آهين ته مان هڪ بي روح لاش آهيان، بي حس و حرڪت، بي طاقت ۽ بي قوت. مان ڪجهه به ته نه ٿو ڪري سگهان منهنجي جان!. تون مون کي ڇو ڇڏي وئينءَ. انهن مسڪرائيندڙ چپن سان ڪجهه ته چئه، ان پيار وارين نظرن سان مٺي امرت جا ڪجهه ڳوڙها ئي ڇلڪاءِ. ڳالهاءِ منهنجي روح جا آواز ڳالهاءِ! پنهنجن پيار وارن لفظن جي برسات سان منهنجي سڪل سڙيل

دل جي ڪجهه ته اڄ لاهه. غم ۾ ٻڏل روح تنهنجين پيار ڀرين ڳالهين جي بارش جو منتظر آهي. پهريان جڏهن تون مونکي پري کان ايندو ڏسندي هئينءَ ته تنهنجو ڪوئل جهڙو آواز منهنجو آڌرياءُ ڪندو هو پر اڄ مان تنهنجي ايترو ويجهو آهيان ته تون ڳالهائين به نه ٿي! تون ڇو پنهنجي دلبر، پنهنجي چاهڻ واري کان ناراض ٿي وئين آهين؟ ڏس مان ڪيترو روئان ٿو ڪيترو بيحال آهيان تنهنجي غم ۾! اي منهنجي دل ۽ جان جي مالڪ، اٿ اي ڪائنات جي ماءُ، اٿ اي حسينا، تون ته مري ئي نه ٿي سگهين. اي منهنجي وفادار زال، هاڻي تون منهنجو احترام ڇو نه ٿي ڪرين؟ منهنجي راهن ۾ پنهنجيون اکيون ڇو نه ٿي وڇائين؟ ڳالهاءِ، ڳالهاءِ، شاديءَ رات جيڪو تون مون سان ساٿ ڏيڻ جو قسم کنيو هو، انکي تون ڇو ٽوڙي ڇڏيو؟“.

بهرحال شوا پنهنجا حال برا ڪري ڇڏيا، لاش کي پنهنجي جسم سان ڇهتائي دنيا آسمان هڪ ڪري ڇڏيائين. جڏهن ديوتائن اها حالت ڏٺي ته هو وشنو کي وٺي آيا جنهن بي هوش شوا جي مٿي کي پنهنجي جهوليءَ ۾ رکيو ۽ هن جي اها حالت ڏسي زار و قطار روئڻ لڳو. پوءِ هن چيو: ”او شِوا هوش ۾ اچو ٻڌو مان توهان کي ڇا چئي رهيو آهيان، توهانکي پنهنجي ستي ضرور واپس ملندي ڇو جو شوا ۽ ستي هڪ ٻئي کان الڳ ٿي نه ٿا سگهن بالڪل ان طرح جيئن پاڻي کان ٿڌاڻ، باهه کان گرمي، زمين کان خوشبو جيئن سج کان چمڪ الڳ ٿي نه ٿي سگهي.“

اهو ٻڌي شوا آهستي آهستي اکيون کوليون. اکين ۾ ڳوڙها چمڪي رهيا هيا، هن ڏکندڙ آواز ۾ پڇيو ته توهان ڪير آهيو توهانجا ساٿي ڪير آهن؟ مان ڪير آهيان، منهنجا ساٿي ڪٿي آهن؟. اهڙين بي ربط ڳالهين تي وشنو به روئي پيو. شوا ته روئيندو ئي رهيو، گهڻي دير کان پوءِ وشنوءَ، شوا کي خاموش ڪرايو ۽ هو ان جي واعدي سان خوش ٿي ويو. هن خيالن ئي خيالن ۾ ڏٺو ته ان جي ستي هڪ رٿ ۾ ويٺي آهي جنهن جي خدمت ۾ ڪوڙ خدمتگار حاضر آهن، هوءَ زيور ۽ شاهي لباس پهريل آهي ۽ هن جي منهن تي معصوم مرڪ آهي. شوا جي جدائي جو غم ڪنهن حد تائين گهٽجي ويو. پوءِ جڏهن ستيءَ هن سان ڳالهايو ته هو باغ و بهار ٿي پيو. ستيءَ چيس:”ثابت قدم رهو. اي مها ديو، منهنجي روح جا آقا ۽ مالڪ! مان وجود جي جنهن به روپ ۾ هونديس توکان ڪڏهن به جدا نه ٿينديس. هاڻي مان هماوت جي ڌيءُ بڻجي پيدا ٿي آهيان ته جيئن تنهنجي زال بڻجي سگهان. تنهنڪري منهنجي جدائي جو غم هرگز نه ڪريو“. اهو چئي ستي غائب ٿي وئي.

ستي هماوت ۽ مينا جي گهر جنم ورتو. هوءَ گهڻي خوبصورت هئي. آهستي

www.sindhsalamat.com

پاروتي، دُرگاديويءَ جي روپ ۾

آهستي جوانيءَ طرف وڌڻ لڳي تہ ڪيس آسمانن مان آواز آيو تہ هوءَ شوا ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ رياضت ڪري پر هن ان گهمنڊ ۾ تہ منهنجي اڳلي جنم ۾ جيڪو مرڻ وقت ديوانو ٿي ويو هو اهو مون ڪي پنهنجو ڪيئن نہ ڪندو! انڪري ان حڪم ڪي ٽاري ڇڏيائين ۽ پوءِ ايئن ئي ٿيو ڪيس ڪافي تڪليفون آيون جنهنڪان پوءِ وري بہ ڪيس رياضتون ڪرڻيون پيون.

پاروتي ڪي هڪ خوبصورت عورت جي شڪل ۾ ڏيکاريو ويندو آهي، هن جا ڪي وڌيڪ هٿ يا ٻيا عضوا ناهن پر جڏهن اها درگا يا ڪاليءَ جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿي تہ پوءِ ڪيس واڌو عضوا نظر اچن ٿا. ان ڪان علاوه درگا ڪي وري 14 مختلف شڪلين ۽ نالن سان بہ ياد ڪيو وڃي ٿو.



منهنجن خيالن جو سلسلو تڏهن ٽٽو جڏهن هڪ پوڙهي نيپالي عورت جنهن ڪي ساڙهي نما ڊريس پاتل هئي ۽ سندس ڪلهن مٿان چادر رڪيل هئي. وار اڇيا ۽ چهري تي گهنجن

جو انبار ڪنيو پنهنجي جوان جماڻ ڏوهٽيءَ يا پوٽيءَ سان ڏاڪا چڙهي رهي هئي تہ منهنجي نظر درگا جي خوبصورت چهري ۽ ان پوڙهي جي چهري جي وچ ۾ ڦري گهري رهي هئي. مون سوچيو تہ سونهن ڪاڏي وڃي ٿي؟ سونهن ڪي بقا ڇو ڪونهي؟ ڇا سونهن ڪي فنا ٿيڻ کان بچڻ لاءِ ديوي ٿيڻ لازمي آهي! پر اهڙو امرت ملي تہ ڪٿان ملي؟ اهڙو ڏس ملي تہ ڪٿان ملي؟هڪ عجيب احساسَ منهنجي من اندر ۾ گهر ڪري ويا. مان پوڙهي جي چهري تان نظرون هٽائي لهندڙ سج ڪي ڏسڻ لڳس!

منهنجو من الائي ڇو بي سبب بيقرار ٿي ويو. مان ڳورن قدمن سان ٻين

نوجوان ۽ نوجوانڻيون ڪچهري ڪندي

مندرن ڪي ڏسڻ کان اڳ هڪ مندر جي ٿلهي تي ويهي پنهنجي آڏو گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهن ڪي ڏسڻ لڳس، جن ۾ گهڻائي نيپالي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي هئي جيڪي پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ لاءِ اهڙن هنڌن تي اچن ٿا. اڪثر ڪري اهي سڀ پينٽ شرٽ پاتل هيا، انهن مان ڪنهن ڪي بہ نيپالي ڊريس پاتل نظر نہ آئي، نيپالي ڊريس گهٽو ڪري اڌڙوٽ مرد ۽ عورتون پائن ٿيون. مان جڏهن اها پيٽ سنڌي نوجوانن سان ڪئي تہ مون ڪي لڳو تہ اسان پنهنجي ڊريس سان وڌيڪ محبت ڪيون ٿا ۽ سٿڻ قميص کان وٺي ٽوپي يا اجرڪ پهريون ٿا. نوڪرين وارا بہ گهڻا دوست پلي آفيس ٽائيم ۾ ڊريس ڪوڊ واري پينٽ شرٽ پائيندا هجن پر شام جو يا تقريبن ۾ هو شلوار قميص پائڻ ڪي ترجيح ڏين ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪجھ سالن کان اسان

www.sindhsalamat.com

وٽ ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ ڪري، ماڻهن ۾ خاص ڪري نوجوانن ۾ جيڪي وڏن شهرن جهڙوڪ ڪراچي يا حيدرآباد ۾ رهن ٿا، انهن ڪي پنهنجي ثقافت تي ناز ڪرڻ ۾ انهن ڪي پنهنجو ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. اڳ ۾ جيڪي جوان پينٽ شرٽ پائڻ ۾ فخر ۾ سنڌي ڊريس پائڻ کان گهٻرائيندا هيا، هاڻي انهن ڏهاڙن جي ڪري فخر سان پنهنجي ڊريس پائڻ ٿا.

لڪشمي مندر

بختاپور جي دربار اسڪوائر ۾ ٻيا بہ اهڃاڻ، مندر ۽ عمارتون هيون پر اسان وارا دوست رڳو منهنجي انتظار ۾ بينا هيا انڪري ڪين وڌيڪ تڪليف ڏيڻ مناسب نہ سمجهيم. لڪشمي ديوي ۽ شوا جي مندرن کي پري کان پُرنام ڪيم. چون ٿا تہ هن هنڌ ٺهيل شوا جو مندر، اصل ۾ ٻاگمتي نديءَ تي ٺهيل مندر جو نقل آهي. پشوپتي، جانورن جو خدا آهي ۽ اهو شوا جوئي هڪ نالو آهي. اصلي مندر، ڪٺمنڊو ايئرپورٽ جي ويجهو آهي، ڪنهن بہ طرف ايندي ويندي اهو مندر نظر ايندو آهي پر ان طرف وڃي نہ سگهيس ڇو جو ان مندر ۾ رڳو هندن کي داخل ٿيڻ جي اجازت آهي. مون نہ پئي چاهيو تہ دوکو ڪري اندر داخل ٿيان. اهو مندر، هندن جي متبرڪ تيرٿن مان هڪ آهي، جنهن تي دنيا مان ۽ خاص طور تي هندوستان جا هندو حاضري ڀرين ٿا. هونئن پشوپتي جي شڪل واري مهر موهن جي دڙي مان بہ ملي آهي.

Pashupati seal, 2700 BC
Mohenjodaro

پر هاڻي اسان وٽ پشوپتي جهڙي خاصيت رکڻ وارا يا جانورن جي حفاظت وارا ڪٿي ٿا ملن. ها اسلام ڪوٽ ٿر ۾ سنت نيٺون مل جو آشرم جانورن جي لاءِ آهي. جتي مون ڏٺو تہ جهڙي ريت انسانن کي ڪاڌو پئي ڪارايو ويو اهڙي ريت پکين ۽ جانورن جي سار سنڀال بہ لڏي پئي وئي. مان انهن ئي خيالن ۾ دوستن وٽ آيس ۽ بختاپور جي سحرانگيز ماحول مان نڪري روڊ تي پهتاسين تہ اندازو ٿيو تہ زندگي ڪيڏي نہ ڇتڪتائي واري آهي.

گهر ۾ ٿوري دير آرام ڪرڻ کانپوءِ وري مان ويجهي علائقي ۾ گهمڻ نڪري

ويس ۽ شام جو وري پنهنجي مخصوص ريسٽورنٽ تي وينس تہ بيرو مون کي ڏسي ذري گهٽ ڊوڙندو مون وٽ آيو. چيائين: "صاحب آپ ڪل نهين آيا"

"هان مين ڪهين گهومني گيا هوا ٿا"

پوءِ هيڏي هوڏي نهاري چيائين: "صاحب وه آيا ٿا"

"ڪون"

"لڙڪي، جس ڪي ليي هم ني بولا ٿا"

"اڇا"

"مين نہ اسي بٺائي رکا، پر آپ نهين آيا تو واپس ڀيج ديا"

"اوه معاف ڪيجئي گا، آپ ڪو زحمت هوئي"

"صاحب ڪل بلائون؟"

"نهين جي صبح ڪو مين ڪٺمنڊو سي باهر جا رها هون، واپس آجائون تو ڦر ديکين گي"

"اڇا سر" هن ٿورو مايوس ٿيندي چيو.

اسان جي بابا جي طرف کان هڪڙي مائٽياڻي هوندي هئي جنهنکي ماسي حسنا سڏيندا هياسين. هوءَ رنگ جي صاف ۽ ڪنهن حد تائين سندس وار سونهري يا ڀورا هوندا هيا. جڏهن هو سگريٽ پيئندي هئي تہ الائي ڇو اسان ننڍا ٻار اسڪول ۾ پڙهيل نظم جي آڌار تي هن کي وليم ورڊس ورٿ چوندا هياسين شايد انڪري جو ڏسڻ ۾ يوروپين لڳندي هئي. اها هڪڙي ڀيري مون وٽ آئي، ان وقت مان لاڙڪاڻي ۾ لطيف يونيورسٽي طرفان امتحانن ۾ ايڪسٽرنل ايگزمينر ٿي آيو هيس. ماسيءَ جو ننڍو پٽ بہ امتحان ڏئي رهيو هو. مان جيئن رائونڊ تي ويس تہ ٻين سان گڏ هن کان بہ ڪاپيءِ وارو ڀنويا عرف عام ۾ ڪارتوس پڪڙيو تہ رات جو ماسي حسنا اچي نڪتي ۽ شڪايت ڪرڻ لڳي تہ مون پنهنجي مائٽ جو خيال ڇو نہ رکيو. مون کيس وضاحت ڏيندي چيو تہ مون لاءِ اهو ممڪن نہ هو تہ مان ٻين کي پڪڙيان ۽ هن کي ڇڏي ڏيان ٻيو کهڙو مون کيس ڪاپي ڪيس ڪيو آهي. تہ ماسيءَ چيو: "پر ننيڙو تہ مائوس (مايوس) ٿي ويو نہ جو مائٽ هوندي هو ڪاپي نہ ٿو ڪري سگهي." مونکي مائوس وارو لفظ وڻيو هو.

سو اڄ مون کي بيرو مايوس کان وڌيڪ مائوس لڳو.

مون کيس آرڊر ڏنو. ڪافي دير اتي ويٺو رهيس پرسان واري ٽيبل تي بہ نيپالي اسٽوڊنٽس پاڻ ۾ بحث ڪري رهيا مون کي سندن زبان تہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي

www.sindhsalamat.com

پر جيئن تہ هر هر پارليامينٽ يا
ڪميونسٽ جو لفظ ٻڌڻ ۾ پئي آيو ٻيو تہ
هو جنهن گرمجوشيءَ سان بحث ڪري
رهيا هيا ان مان اندازو لڳائي پيو
سگهجي تہ هو سياست تي بحث ڪري
رهيا هيا. مونکي 70 ۽ 80 واري ڏهاڪي
جا بحث ياد اچي ويا جيڪي اڪثر
ڪري اسان جا جوان ڪندا هيا. جن ۾
سياست بہ هوندي هئي، ڪتاب تي بہ
بحث تہ وري عالمي مامرن تي بہ بحث
شامل هوندو هو. مون، ڪانئن سندن ٽيبل
تي ويهڻ جي اجازت ورتي جيڪا هنن
خوشي سان ڏني. هڪٻئي جو تعارف ڪرايوسين. هو يونيورسٽيءَ جا شاگرد هيا. مون
جڏهن ڪانئن سندن بحث جي باري ۾ پڇيو تہ هنن ٻڌايو تہ هو سياست تي بحث
ڪري رهيا هيا، هنن مان هڪ ڇڙو ڪميونسٽ پارٽي جو هيو تہ ٻيو وري ڪانگريس
جو هو. سندن بحث جو موضوع وزير اعظم بابورام ڀٽاري هو. جيڪو ڪميونسٽ
پارٽيءَ جو ميمبر هو. ڪانگريس واري کي هن جي وزير اعظم ٿيڻ تي اعتراض هو تہ
هو روين ۾ جمهوري ناهي، انڪري ڪميونسٽ پارٽي کي جيڪڏهن ڪو وزير اعظم
ڪرڻو ئي هو تہ ڪنهن ٻي کي ڪن ها. پر ڪميونسٽ جو چوڻ هو تہ هو جمهوري
طريقي سان چونڊيل وزير اعظم آهي، انڪري اهو اعتراض اجايو آهي. هنن اهو بہ
ٻڌايو تہ هي پارليامينٽ، آئين ٺاهڻ لاءِ چونڊي وئي هئي پر مقرر وقت تي آئين ناهي نہ
سگهي. جنهنڪري وزير اعظم ڀٽاري، پارليمينٽ ڊاهي ڇڏي، پاڻ نگران حڪومت
جو بہ وزير اعظم رهيو. ان مثال جي ڪري ڪانگريس وارو چوڪرو پنهنجي نقطي تي
وڌيڪ زور ڏئي رهيو هو. مون ڪانئن وڌيڪ معلومات وٺڻ چاهي. هنن ٻڌايو تہ پهرين
جمهوري حڪومت 1991ع ۾ ٿي جنهن ۾ ڪانگريس پارٽي کٽي آئي ۽ وزير اعظم
ڪوئرالا ٿيو پر 1994ع ۾ عدم اعتماد جي تحريڪ جي ڪري ڪيس اقتدار ڇڏڻو پيو
جنهن کان پوءِ ڪميونسٽ حڪومت ۾ آيا پر اهي بہ ڪجهہ مهينا ئي حڪومت ۾
رهيا. ڪميونسٽن 1996ع کان بغاوت شروع ڪئي جن ۾ سندن خاص مطالبا هيا تہ
ٻاهرين مداخلت، ٻاهريون پيسو بند ڪيو وڃي، ان کان علاوہ ٻين ملڪن سان ٿيل

بابو رام ڀٽاري

معاهدا جيڪي نيپالي مفادن
جي خلاف آهن انهنکي ٽوڙيو
وڃي ۽ زمين جي ورهاست
ڪئي وڃي. اهڙا 40 ڪن
مطالبا هيا. گوريلا جنگ جي
اڳواڻي پراچندا ڪري رهيو
هو. هن وقت وارو وزير اعظم
ڀٽاري بہ ساڳي پارٽي ۾ هو. پر
هنن ٻنهي جو پاڻ ۾ اختلاف بہ
رهيو. هونئن ڀٽاري بنيادي طور
تي آرڪيٽيڪچر آهي، هن
يونيورسٽي تائين پنهنجي تعليم انڊيا مان حاصل ڪئي ۽ اتائين پي ايچ ڊي بہ
ڪيائين. 2006ع ۾ ڪميونسٽن امن ناهہ ڪيو. نيپال مان بادشاهت 2007ع ۾
ختم ٿي. ڪميونسٽن گڏيل حڪومت ٺاهي جنهنجو وزير اعظم پراچندا هو. ان وچہ
بہ ٿي وزير اعظم تبديل ٿيا آخر ۾ ڀٽاري ٿيو. جنهن کي نيون اليڪشن ڪرائڻيون
آهن. مون ڪميونسٽ دوست سريش کان سامهون نظر اينڊڙ ڪيسينو جي باري ۾
پڇيو تہ ڇا نيپال جهڙي غريب ملڪ لاءِ اهو هجڻ صحيح آهي. جنهن تي هن وراڻيو تہ
اهو نيپال ۾ ضرور آهي پر
نيپالين لاءِ ناهي. ڪو بہ
نيپالي اندر نہ ٿو وڃي سگهي
اهو ڪنهن بئي نہ پر
حڪومت پاڻ ڪيو آهي. اتي
رڳو ٻاهريان ماڻهو وڃي سگهن
ٿا. هونئن بہ هتي ٻين ڳالهين ۾
بہ نيپالين کي اهو سهولتون
حاصل ناهن جيڪي سياحن
کي آهن. شايد انڪري جو هو
هتان جي ماڻهن جون عادتون
خراب ڪرڻ نہ ٿا چاهن. هنن

پراچندا ڪميونسٽ اڳواڻ

ڪميونسٽ جدوجهد

www.sindhsalamat.com

مون کان پڇيو تہ ڇو توهان وٽ ايئن ناهي ڇا؟ مون چيو نہ اسان وٽ رجسٽرڊ ڪيسينو يا جوا گهر ڪونهي پر هونئن الائي ڪيترا آهن. ڪنهن زماني ۾ هڪڙو ٺهيو هو جيڪو شروع ئي نہ ٿي سگهيو۽ هاڻي تہ اها بلڊنگ بہ ڊاهي وئي آهي. جنهن تي ڪانگريس واري همراهہ چيو تہ جيڪڏهن هڪ هنڌ رهي ها تہ حڪومت کي گهٽ ۾ گهٽ ٽيڪس تہ ملي ها. مون مرڪي ماٺ ڪئي. مونکي خبر آهي تہ اسان وٽ رڳو صحي نموني جي ٽيڪس صرف نوڪري وارو ماڻهوئي ڏي ٿو جنهنجي پگهار مان ڪٽي وجي ٿي. باقي نہ تہ ڪارخانيدار هجن يا واپاري يا وري سياستدان اهي تہ اهڙا ڪم ڪن ئي ڪونہ. بيروماني ڪٺي آيو مون هنن کي صلاح ڪئي پر هنن انڪار ڪيو انڪري مون هنن لاءِ بيئر گهرايو. مونکان حال احوال وٺڻ لڳا تہ ڪڏهن آيو آهيان، ڪيترا ڏينهن اجان اتي آهيان، ڪهڙا ڪهڙا هنڌ گهميا اٿم ۽ ڪٿي اجان وڃڻو آهي. ڪين پنهنجا گهميل هنڌ ٻڌايا. اهو بہ ٻڌايم تہ سڀاڻي پوکرا تياري آهي جتان وري پوءِ چتاون جي جنگهل ۾ هڪ بہ ڏينهن رهبو۽ اتان وري لمبيني جتي پراڻو ڪپل وستو موجود آهي اهو ضرور ڏسڻو آهي تہ انهن گهٽين انهن هنڌن تي گوتم ٻڌ گهميو هوندو. اتان ئي هن جي خيالن ۾ تبديل آئي هوندي، اهو هنڌ اهو ماڳ، اهو شهر ڏسڻ ضروري آهي. اتي اشوڪا جو ٺهرايل ٿنڀو بہ موجود آهي. هنن مائونٽ ايورسٽ جي بيس ڪئمپ تي وڃڻ جو پڇيو جنهن تي مون ڪين جواب ڏنو تہ نہ هن ڀيري اتي وڃڻ جو پروگرام ڪونهي. ماني کائي، هنن کان موڪلايو جو صبح جو منهنجي تياري پوکرا ڏانهن هئي.

ڪميونسٽ جدوجهد

www.sindhsalamat.com

پوڪرا

پوڪرا جي باري ۾ مون ڪتابن ۽ انٽرنيٽ تي ڪافي تعريف پڙهي هئي. خاص طور تي اتان جي مشهور ڍنڍ "ڦيوا" جي باري ۾ ڪافي ٻڌو هو. هتي به جڏهن ٽريول ايجنٽن سان ڳالهه ٻولهه ٿي هئي ته هنن اتي وڃڻ جو زور ڀريو هو. انڪري مون بس ۾ بڪنگ ڪرائي هئي جيڪا صبح جو ستين وڳي وڃڻي هئي. منهنجو هتان هوٽل بوڪ ڪرائڻ جو به ارادو هو پر فيصلو ڪرڻ مشڪل هو ته اهو شهر جي ڪهڙي هنڌ آهي ۽ انجي حالت ڇا آهي. انڪري دوستن سميت منهنجو اهو فيصلو بيٺو ته اتي وڃي ڳولهي پنهنجي پسند جو هوٽل وٺجي. ڇو جو منهنجي خواهش اها هئي ته هوٽل ان ڍنڍ جي ڪناري تي هجي جي نه هجي ته به دريءَ مان اها نظر ضرور اچي. مونکي ڏاڍو سٺو لڳندو آهي ته ماڻهو دريءَ جا پردا هٽائي ته ٻاهريان قدرتي منظر نظر اچي. مون کي ياد آهي ته گهڻن هنڌن تي ايئن ٿيو آهي. جيئن سلوواڪيا ۾ اتان جي هل اسٽيشن تي جهنگ ۾ اندر ڪاٺ جي ٺهيل جهوپڙي نما گهر ۾ رهيو هيس جنهن جي اڳيان هڪ سر سبز وادي هئي ته وري ان جي پويان چيل جي وڻن وارو گهاٽو ٻيلو ۽ رات جو ٻاهر بار بي ڪيو جو مزو ورتو هو. صبح سان دري کولڻ سان وري آسمان کي ڇهندڙ وڻ نظر آيا ته مان سرشار ٿي ويو هيس. اهڙي ئي ٻي ياد وري هانگ ڪانگ جي رينيسنس هوٽل واري ڪمري جي آهي جنهن جي به هڪ پٽ جيڪا شيشي جي هئي، ان تان پردو هٽايو هئو ته سمنڊ ۾ ترندڙ ٻيڙا نظر آيا هيا. چين ۾ به هنگ ڇو واري ويسٽ ليڪ تي به مون انٽرنيٽ تان ڳولهي ڳولهي اهڙو هوٽل هٿ ڪيو هو جنهن جي دري جي پردي هٽائڻ سان ڍنڍ پنهنجي خوبصورتيءَ سان پئي نظر آئي. انڪري هتي به منهنجي اها ڪوشش هئي ته هوٽل ڍنڍ جي ڀر سان هجي.

صبح جو اِندر لعل مون کي بس تائين ڇڏڻ آيو. بسن جي هڪ ڊگهي قطار هئي مختلف ڪمپنين جون بسون هيون، ڪي، اي سي واريون ته ڪي نان اي سي، اسان به گولڊن بس سروس جي بسن وٽ پهچي ڪين پنهنجي ٽڪيٽ ڏيکاري. هنن هڪ پريان بيٺل بس ڏانهن اشارو ڪيو. مون پنهنجو سامان همراهه کي ڏنو جنهن بس ۾ رکيو. مون اندر لعل کان موڪلايو پر هن چيو ته بس جي وڃڻ تائين هو انتظار ڪندو.

بس ۾ آهستي آهستي ماڻهو ويهندا ويا، مونکي دريءَ جي ڀر واري سيٽ هئي.

پوڪرا لاءِ کٽمنڊو شهر جو آخري اسٽاپ

مون سان هڪ نوجوان همراه اچي ويٺو جيڪو موبائيل تي ڪنن ۾ ايئر فون وجهي گانا ٻڌي رهيو هو. مون دريءَ مان اِندر لعل کان موڪلايو. بس آهستي آهستي چرڻ شروع ڪيو. شهر جي مختلف علائقن مان گذرندي 20 منٽن کان پوءِ هڪ هنڌ تي بس بيٺي، جتان ڪيس ڪي مسافر ڪٽڻا هيا ۽ لڳي پيو ته اهو شهر جو آخري اسٽاپ آهي. ايئن ئي هيو ٿوري دير کان پوءِ بس شهر مان نڪتي ته منظر ئي تبديل ٿي ويا ۽ مون هڪ ڊگهو ساهه کنيو.

شهر کان نڪتاسين ته اسان جي بس رڳو هيٺاهين ڏانهن سفر ڪري رهي هئي ۽ رستو جابلو هجڻ ڪري ورن وڪڙن وارو هو. رستو ڪو ايڏو ڪشادو ڪونه هو رڳو ٻن گاڏين جي هلڻ جيترو ئي هو جنهن تي ٽريفڪ ٻنهي پاسن کان هلي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com

هڪ هنڌ ٽرڪ خراب ٿي پئي ته گاڏين کي گهڻي دير انتظار ڪرڻو پيو ۽ نيٺ ڪنهن نه ڪنهن طرح ان خراب ٽرڪ کي اهڙي هنڌ بيهاريائون ته جيئن ٻي ٽريفڪ روان دوان ٿي سگهي. صبح جو ٽائيم هو. گرمي ته هئي پر پهاڙن ۽ وڻن تي لائيٽ شيڊ جي ڪري، اس پلي لڳي رهي هئي. بس وارن هر مسافر کي

ڪٺمنڊو کان پوکرا رستو

اخبار ۽ پاڻيءَ جي هڪ ننڍي بوتل ڏني هئي. منهنجي پر واري جوان، بس هلڻ سان چپس جو چاٻو شروع ڪري ڏنو هو جيڪو آخر تائين ختم نه ٿيو ۽ هن ڪنن ۾ موبائيل جو هيڊ فون وجهي ڇڏيو هو.

رستي تي رش گهڻي هئي اها به ٽرڪن جي، بسون يا ڪارون گهٽ هيون. مون پاسي واري همراهه کان پڇيو ته ايڏيون ٽرڪون هن رستي سان ڇو آهن؟ هن پنهنجي ڪنن مان ايئرفون ڪڍي، آڱر ڪنن ۾ وجهي، ڪنن کي ڌوڏيو ۽ انهن کي ٻڌڻ جي لائق بڻائي پوءِ مون کان پڇيو ته ڇا پيو پڇان. مون پنهنجو سوال ورجايو. جنهن تي هن ٻڌايو ته هي رستو ترائي واري پاسي وڃي ٿو جتان وري انڊيا سان ملي ٿو ۽ هي ٽرڪون سڀ اتان سامان کڻي ڪٺمنڊو پهچائين ٿيون ۽ هن ٻڌايو ته اهو سلسلو چوويهه ڪلاڪ هلندو رهي ٿو. هن وري پنهنجي ڪنن کي هيڊفون سان پُر ڪري ڇڏيو. مون وري ٿوري دير کان پوءِ هن کان پڇيو ته هن روڊ جو نالو ڇا آهي؟ پنهنجي ڪنن مان ايئرفون ڪڍي، آڱر ڪنن ۾ وجهي، ڪنن کي ڌوڏيو ۽ انهن کي ٻڌڻ جي لائق بڻائي پوءِ مون کان پڇيو ته ڇا پيو پڇان. مون کي هن جي اها حرڪت مزو ڏئي رهي هئي. هن ٻڌايو ته ان هاءِ وي جو نالو پرٿوي هاءِ وي آهي جيڪو بادشاهه پرٿوي نارائڻ جي نالي سان منسوب آهي. هونئن هي روڊ چائنا جي مدد سان 1974ع ۾ ٺهي راس ٿيو. ان ٻڌائڻ کان پوءِ گهڻي دير تائين هن پنهنجي ڪنن ۾ فون نه وڌا ته متان مان ڪو وري سوال ڪري سندس ميوزڪ جي مزي ۾ مخل ٿيان. ان وقت منهنجي ذهن ۾ ڪو سوال به ڪو نه هو. انڪري مرڪي هن ڏانهن ڏٺم ته جڻ ڪيس سگنل ملي ويو هن وات ۾ چپس وجهندي ڪنن ۾ ايئر فون وڌا. ٿوري دير کان پوءِ مونکي آنڌ مانڌ ٿي ته يار بارڊر ملي ٿو انڊيا سان ۽ وري ٺهرائي ڏي ٿو چائنا. جيڪي هڪٻئي کي ڏٺي نه

وڻن! مون، هن کي وڏيڪ تنگ نه پئي ڪرڻ چاهيو. نيٺ مون کان رهيو نه ٿيو. مون هن ڏانهن منهن ڪري رڳو وات چوريو. ڇو جو خبر هئي ته هو آواز ته هونئن ئي نه ٿو ٻڌي، پيهر ته ضرور پڇندو. سو ايئن ئي ٿيو پنهنجي ڪنن مان ايئرفون ڪڍي، اڱر ڪنن ۾ وجهي، ڪنن کي ڌوڏيو ۽ انهن کي ٻڌڻ جي لائق بڻائي پوءِ مون کان پڇيو ته ڇا پيو پڇان. مون ڪانئنس پڇيو ته انڊيا سان ملائڻ وارو رستو چائنا ڇو ٺهرائي ڏيندو؟ هن ڪنهن ماهر انٽرويو ڏيندڙ جيان ڇيو ڳڊ ڪوسئڇن. پوءِ ٻڌاياِئين ته اڳتي هڪ هنڌ هي رستو مڙي وڃي ٿو ۽ پوکرا، ترائي ۽ انڊيا تائين ٻيو رستو مهيندرا هاءِ وي آهي. ڳوٺ پڄڻ تي مون خوش ٿي ساڻس هٿ ملايو ۽ هن وڏو ساهه کڻي ڪنن ۾ ايئر فون وڌا ۽ مان دري ڏي منهن ڪري مرڪندو رهيس. اصل ۾ مون کي هڪ ڳالهه ياد اچي وئي ته اسانجي آفيس ۾ هڪ ٻوڙي همراهه ٻڌڻ واري مشين ورتي. هن سان سندس ڪليگ ۽ دوست هن جي نه ٻڌڻ ڪري مذاق ڪندا هيا ۽ گار گند به ڪڍندا هيا. هڪ ڏينهن جيئن هو آفيس آيو ۽ جيئن ئي هنن ڪيس گار ڏني ته هن هڪل ڪري هنن کي موٽائي گار ڏني ۽ ڪن ۾ وڌل مشين ڏانهن اشارو ڪري چيائين:

“هي ڏسو... جو.... وٺي آيو آهيان”

سيئي چپ ٿي ويا پر ڪين مزو نه پئي آيو جو هن سان مذاق نه پئي ڪري سگهيا. هڪ ٻه ڏينهن گذريو ته سندس دوستن هڪ ٽل سوچي. جيئن ئي اهو همراه سندن ڪچهري ۾ آيو ته هو سڀ بي آواز رڳو چپ چوري پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا. هن همراهه ڏٺو ته سندس دوست ڳالهائين ته پيا پر ڪيس آواز نه ٿو اچي ته هن ڪن مان، ايئرفون ڪڍي، مون سان گڏ ويٺل همراه جيان پهريان ته ڪنن ۾ اڱر وجهي ڪن صاف ڪيا جڏهن اجان به ڪيس آواز ٻڌاڻ ۾ نه آيو ته هن مشين کي هٿ سان ڌڪ هڻي وري ڪن ۾ وڌائين ته نتيجو تڏهن به ٻُڙي. جنهن تي دوستن اشاري ۾ پڇيس ته ڇا آهي؟ جواب ۾ ڪاوڙ ۾ چيائين مشين خراب ٿي پئي آهي آواز ئي نه ٿو اچي، وڏيڪ ڊاڪٽر تي ڇُوهه ڇنڊڻ لڳو:

”حراميءَ کي چيم به ته چائنا واري مشين نه ڏي، شام ٽيڻ ڏيو ته وڃي منهن تي ٿو هڻانس. ”دوست اندر ئي اندر ۾ کلندي هن سان سُر ملائيندا رهيا.

رستي ۾ بس جي هڪ پاسي تي ته جبل هيا ٻي پاسي کاهي هئي، اسان جي بس کاٻي پاسي يعني جبلن واري پاسي هئي (هتي به ٽريفڪ جو نظام پاڪستان جيان آهي، کاٻي تي هلڻ وارو) ۽ جيڪي بسون هيٺاهين کان مٿي پيون آيون انهن جي پاسي کاهي هئي ۽ ٻي پاسي گاڏيون. انڪري به هيٺ وڃڻ وارا مسافر ڪنهن حد

www.sindhsalamat.com

رستي جو هڪ اسٽاپ

تائين مطمئن هيا. ڪلاڪ، ڏيڍ جي اپي لاهي ڪان پوءِ هڪ هنڌ بس بيهاري وئي جتي پيون بہ بسون بيٺيون هيون. اتي هرڪو لٽو جن همراهن يا ماين بس ۾ ورن وڪڙن جي ڪري ٿيلهي ۾ الٽي ڪئي هئي انهن بہ اتي ٻاهر وڃي انهن کي ڦتو ڪيو. اتي ٽين جي پتين ۾ چٽين وارو ٽوائلٽ بہ هيو هڪ مردن لاءِ ٻيو عورتن لاءِ. ٻاهرين حالت ٺي هن جي اندرين حالت جو احوال ٻڌائي رهي هئي، تنهنڪري مون تہ ڪنهن وڻ جي اوٽ ورتي. پاسي ۾ ڪجهہ جوس، بوتلن، بيئر ۽ چپس وغيره جا دڪان هيا جتان ماڻهو خريداري ڪري رهيا هيا. پندرهن منٽن جي وقفي ڪان پوءِ بس وري پنهنجو سفر جاري رکيو. مونسان گڏ وينل همراهہ پنهنجو سامان کڻي پوئين خالي سيٽ تي وڃي وينو شايد سمهڻ ۽ آرام ڪرڻ جي خيال ڪان يا وري الائي مون ڪان تنگ ٿي. بهرحال مون کي بہ خلاصي سيٽ ملي وئي.

هتان ڪان رستو اپڏو اپي لاهي وارو نہ هو جيئن اڳ هو مونکي لڳو تہ ان هنڌ تي ڊرائيور رڳو ڦيرين يا ٻي گيئر ۾ ٿي گاڏي هلائي سگهندا هوندا. صبح جي ڪري اڳ ۾ اي سي ڪم ڪري رهي هئي پر هاڻي جيئن سج چڙهيو تہ اي سي بہ جواب ڏيڻ شروع ڪيو ساڳوئي حال لاڙڪاڻي واري روٽ تي هلندڙن بسن وارو. رڳو پيو فين هلي نيٺ ماڻهو چئي چئي ٿڪجي پيا جنهن ڪري مجبورن دريون کولڻيون پيون جتان هوا تہ آئي پئي پر ڪا خاص ٿڌي ڪو نہ هئي انڪري گرمي لڳي رهي هئي. ڪنهن ڪنهن وقت سفر ۾ اک بہ لڳي پئي وئي. اسان واري بس ۾ گهٽائي نيپالي

مسافرن جي هئي رڳو هڪ جوڙو ڪوريورويين، هڪ جپاني ڇوڪرو ۽ ٻيو مان ٻاهريون هيس.

ترشولي ندي

هاڻي اسان سان گڏ سفر ۾ ندي بہ هئي جنهنجي پاڻي جو رنگ اسان جي ندين جي پاڻيءَ کان مختلف هو ۽ ان جو رنگ ٿاڌل (باداميں واري) جهڙو هو. منظر تبديل ٿي ويا هيا. هاڻي ڪنهن حد تائين منظر سوات ۽ ڪاغان جهڙا هيا. ٿڌ اوتري نہ هئي. پر چڱي خاصي گرمي هئي. چاڪاڻ جو اسان هاڻي هيٺاهين طرف وڃي رهيا هياسين ۽ پوکرا ڪٽمنڊو کان هيٺ آهي. ٿوري دير لاءِ ننڊ اچي وئي تقريبن يارهين وڳي اسانجي بس اچي هڪ هنڌ بيٺي. جتي اسان کي ٻڌايو ويو تہ 30 منٽن جو اسٽاپ آهي ناشتو وغيره ڪري وٺو. اتي رڳو هڪ ريسٽورنٽ هيو پر هيو خوبصورت جڳهہ تي، بالڪل نديءَ جي ڪناري سان وڻن جي وچ ۾، ٻاهر وڻن هيٺان بہ ويهڻ جو بندوبست هو تہ اندر بہ، پر گهڻن ماڻهن ٻاهر ويهڻ کي ترجيح پئي ڏني. مان بہ اندر ويس تہ جيئن ڪائنٽ لاءِ ڪجهہ وٺي سگهجي. اتي ڪافي ڪاڌا ٺهيل هيا، جن ۾ چانور، ڀاڄيون، ڪڪڙ، دال وغيره هئي. اهڙن هنڌن تي ماڻهو گهڻين مشڪلاتن ڪان آزاد ٿيو پئي جو ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ نالن مان ڪاڌي جي ٻاري ۾ ڏکو لڳائڻ ڏکيو آهي. سو سامهون پيل ڪاڌن مان، مون دال ۽ ماني ورتي تہ جنهن سان گڏ هنن ٿوري سبزي بہ ڏني. مان ٻاهر اچي ڪا ويهڻ لاءِ جڳهہ ڏسڻ لڳس تہ هڪ هنڌ مونکي خالي ڪرسي نظر آئي. اتي ٻيا نوجوان ٻڪشو بہ پنهنجي مخصوص ڊريس ۾ ويٺا هيا. ساڻن هڪ

www.sindhsalamat.com

چوڪري به هئي شايد ڪنهن هڪ جوان جي دوست هئي. هنن مون کي جو ڏٺو ته هي پنهنجي لاءِ رڳو دال ماني وٺي آيو آهي ته هنن پنهنجي مختلف کاڌن مان کائڻ جي آفر ڪئي جيڪا مون مهربانيءَ سان موٽائي. هنن مونکان انڊيا ۾ رهڻ واري هنڌ جي باري ۾ پڇيو ته مون کين ٻڌايو ته مان پاڪستان جو آهيان. کائڻ پڇڻ تي معلوم ٿيو ته هو ٻڌمت جي تعليم انڊيا جي شهر ديرادون ۾ پڙهائي رهيا آهن. هاڻي هو ويڪيشن تي پنهنجي گهر آيا آهن. سندن گهر پوکرا جي پاسي ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ هو. هنن مونکي چيو ته پوکرا جي پرسان به ٻڌن جي تعليم گاهه آهي جيڪا ضرور گهمڻ وڃان. اسان جي پريان ويٺل ٽيبل تي جپاني چوڪري سان هڪ نيپالي چوڪري ويٺي هئي. جيڪا کيس ٻڌائي رهي هئي ته هن نديءَ جو نالو ترِشُولي ندي آهي. پر مونکي لڳو ته جپاني چوڪرو کيس نظر انداز ڪري پنهنجي فوٽوگرافي ۾ لڳل هو. مونکي افسوس ٿيو ته اهڙي حسين هنڌ تي حُسن جي توهين ٿي رهي آهي. ته مون اتان ويٺي ويٺي ان چوڪريءَ کان پڇيو ته "ان نديءَ جو نالو وهان ڇا ٻڌايو؟"

رستي جو هڪ خوبصورت ريسٽورنٽ

ته هن وراڻيو "ترشولي".

مون چيو مطلب، جنهن تي هُن آڱوٺي ۽ آڱرين جي مدد سان ڪجهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي سمجهه ۾ نه آيو ته ٻڌ ڀڪشن پڇيو ته مان هندو آهيان يا مسلمان؟ مسلمان. مون کين ٻڌايو ته ان تي چوڻ لڳا پوءِ توکي خبر نه هوندي. اها چوڪري اٿي مون وٽ آئي ۽ پنهنجي هٿ ۾ منهنجو هٿ ۾ وٺي ريسٽورنٽ اندر وٺي وئي ۽ شوا جي لڳل فوٽوءَ ۾ هن کي هٿ ۾ پڪڙيل ترشول جي باري ۾ چيائين ته :

"هماليا ۾ ويهي جڏهن شوا ترشول زمين ۾ هنيو ته اتان ٽي چشما نڪتا جن مان هي ندي آهي "تِرشُولي".

مون کيس داد ڏيندي چيو :"ايئن سمجهاءِ نه فقيرياڻي!".

مونکان پڇيائين: "توکي شوا جي باري ۾ خبر آهي؟ "مون کيس وراڻيو ته ٿوري ٿوري. جنهن تي هن چيو:

"ته پوءِ تون ان وقت چونه سمجهيو جڏهن مون توکي نالو ٻڌايو ترشُولي". جنهن تي مون کيس چيو ته اسان ترشول چوندا آهيان (پيش کان بغير). سو انڪري نه سمجهي سگهيس.

مون مرڪي کيس چيو ته "بيو جيستائين مون کي ڪوئي سختيءَ سان نه سمجهائيندو آهي ته سمجهه ۾ نه ايندو آهي جيئن هاڻي تون کاوڙ ۾ منهنجو هٿ پڪڙي هن تصوير جي آڏو آڻي مونکي باتصوير سمجهايو."

هن مرڪي چيو "کاوڙ ۾ ڪٿي هيس"

"الائي سٽڪو ته منهنجي ٻانهن کي ايئن ڏنئي جيئن ماسترياڻي پنهنجي شاگرد کي بورڊ آڏو آڻي سمجهائيندي آهي"

"يو آر وِٽي"

"نه نه مان صحيح ٿو چوان"

هن کلندي ۽ ريسٽورنٽ کان ٻاهر نڪرندي چيو ته: "توهان صحيح سڃاتو مان ماسترياڻي آهيان. موڪل تي گهر پوکرا پئي وڃان"

"صدقو" منهنجي وات مان بي اختيار نڪتو.

ڪنهن به خوبصورت شئي کي ڏسڻ، ڪنهن خوبصورت آواز يا شاعري کي ٻڌڻ سان يا وري ڪو خوبصورت منظر ڏسڻ سان منهنجي اندران امالڪ اهو آواز نڪرندو آهي "صدقو". ان تي منهنجي هڪ سنگتياڻي به کاوڙجي پئي هئي جڏهن هن ڪنهن خوبصورت چوڪريءَ جو نالو ڪنيو هو ته مونکان اوچتو نڪري ويو هو "صدقو"

جنهن تي هن خار ۾ چيو هو "هر ڏائڻ تان صدقو وڃڻ صحيح ناهي. صدقي جي معنا جي خبر تي، تون چوتين ان بلا تان صدقي"

ريسٽورنٽ مان نڪري، پسمنظر ۾ ندي ۽ پهاڙ نظر ايندڙ وڻ هيٺيان ويهي هُن پڇيو:

"وات يو سي"

"نٿنگ جسٽ آءِ واز ايڪسٽائيڊ"

"ايڪسٽائيڊ اباؤٽ وات"

"اباؤٽ پوکرا"

www.sindhsalamat.com

مان ڳالھ لنوائي ويس. پر هن جي مرڪ مان لڳو ته هوءَ ”صدقو“ جو مطلب سمجهي چڪي هئي. منهنجي من اندر ۾ چٽنگايون تيليون ٻرڻ لڳيون هيون.

رستي جو هڪ خوبصورت منظر

بس ۾ ويهڻ وقت مون دعا گهري
”ميري خدا، مجهي اتنا تو معتبر ڪر دي
مين جس مڪان مين رهتا هون اس ڪو گهر ڪردي“.

سڀ مسافر بس ۾ ويٺا، مون سمجهو ته هاڻي منهنجو پاسو ٻه پريل هوندو پر ايئن نه ٿيو هوءَ وڃي ساڳي هنڌ تي ويٺي. بس، زندگيءَ جيان ڪڏهن آهستي، ڪڏهن تيز هلندي رهي. مان ٻه ڪڏهن گهيرٽ ۾ ته ڪڏهن سجاڳ، ڪڏهن گرمي پئي جاڳايو ته ڪڏهن جهاڪن. هتي مون کي نديءَ جي ڪناري سان مختلف هنڌن تي پاڪستاني ٻولي ۾ بجري يا واري لاءِ ٺهيل ”ڊِڪا“ نظر آيا، جيڪي نديءَ مان پٿر ڪڍي ان کي ڪريش ڪري رهيا هيا ته وري ڪٿي نديءَ مان واري، عمارتن ٺاهڻ لاءِ ڪڍي پئي وئي. مون کي نديءَ مان پٿر يا واري ڪڍي ان کي ڪرش ڪري ڪم آڻڻ وارو ڪم بنسبت ٽڪرين يا پهاڙين کي ڪٽي کوري، ڊائناميٽ سان اڏائي، پٿر ڪڍي پور پور ڪري انهن کي عمارتي ڪم ۾ ڪتب آڻڻ کان بهتر لڳو. ڇو جو نديءَ جي کوٽائي خود نديءَ لاءِ بهتر آهي. اونهي ٿيندي ته ٻوڏ گهٽ ايندي. هونئن ان نديءَ ۾ ڪجھ وقت اڳ پاڻي وڏي وڇڻ ڪري، نيپال ۾ ٻوڏ ٻه آئي هئي ۽ ڪيترا ماڻهو بي

گهر ٿيا هيا، مئا هئا. پر مونکي ڪٿي سنڌ جيان ٻوڏ متاثرين جي ڪا ٻه ڪيمپ نظر نه آئي.

هڪ ڳالھ مون محسوس ڪئي ته مسافر پاڻ ۾ ڳالهائي گهٽ رهيا هيا، نه ته جيئن اسان وٽ ٻه ڄڻا ويجهو ويٺي ٻه پاڻ ۾ ايتري وڏي آواز سان ڳالهائيندا آهن جو پوءِ سندن سڄي بڪواس پوري بس کي ٻڌڻي پوندي آهي. مصيبت اها آهي ته جي چئه ته چوندا ته اسان پنهنجي سيٽ تي ويهي پاڻ ۾ ٿا ڳالهايون توکي ڇا آهي. بهرحال بس ۾ خاموشي هئي. جيڪڏهن ڪنهن کي ميوزڪ ٻڌڻي هئي ته پنهنجي ڪن ۾ هيڊ فون وجهي موبائل تان يا ايم پي 4 تان گانا ٻڌي رهيا هيا. خير ڪڏهن ان شور ۾ بس ۾ گانن جو مزو ٻه پنهنجو آهي ۽ خاص طور تي جڏهن رات جو سفر هجي. مونکي ياد آهي ته تفتان ۽ ڪوئيٽا جي وچ ۾ بس ۾ سفر ڪري رهيو هيس. تفتان، مان سلوواڪيا مان ٽرين ذريعي ۽ بس وسيلي سفر ڪندي، هنگري، رومانيا، بلغاريا، ترڪي ۽ ايران ڪراس ڪري پهتو هيس. اهو 1990ع جو زمانو هو. ان وقت هاڻي جيان اي سي بسون نه هلنديون هيون. رڳو فورڊ جون ڪُمي ٽائيپ بسون ۽ هفتي ۾ ٻه دفعا پاڪستان ريلوي جي ٽرين هلندي هئي. سو جنهن ڏينهن مان پهتو هيس ته ان ڏينهن ٽرين ڪونه هئي. مون بس ۾ سفر ئي شروع ڪيو باربر تي مونکي ٻه سوئزرليند جا ٽوئرسٽ ٻه مليا هيا، جيڪي ڪوئيٽا گهمڻ ڪانپوءِ مون وٽ لاڙڪاڻي، موهن جو دڙو ۽ ڪوٽ ڏجي ٻه گهمڻ آيا هيا.(هاڻي ته ٻاهريان سياح پاڪستان ۾ ڳولهيو نه ٿا لڀن). سو بس ۾ پهريان ته اسان ٽئي ڄڻا مٿي وڃي ويٺا هياسين اهڙي نموني سفر

www.sindhsalamat.com

ڪرڻ ڪري هنن کي تہ ڏاڍو مزو اچي رهيو هو پر بريٽ، بيابان مان هلندي مون کي بہ ڏاڍو مزو اچي رهيو هو. رات جو هيٺ لهي اچي بس ۾ اندر ويناسين جيڪا ستي پئي هئي سيٽن جي وچ ۾ بہ ماڻهو ويٺا هيا ۽ انهن سان گڏ ٻڪريون بہ هيون. سو مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ چاندوڪي هجي چوطرف ڪجھہ بہ نظر نہ پئي آيو رڳو اسان جي بس سفر ڪري رهي هئي ۽ ان وقت بس ۾ لتا جا گانا تمام گهڻو لطف ڏئي رهيا هيا. تنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن گوڙ شور بہ ضروري آهي.

ڪلاڪ ڏيڍ جي سفر کان پوءِ وري اچي بس هڪ ريسٽورنٽ تي بيٺي جنهني کي هاءِ وي ريسٽورنٽ پئي سڏيو ويو ۽ بورڊ تي جڳهہ جو نالو گونادي يا گوناري لکيل هو انگريزي ۾ تہ ٻي لکيل هئي انڪري پڪ نہ هئي تہ د آهي يا ر. بهرحال اهو ريسٽورنٽ سنوءِ وڏو نهيل هو. هيٺ نيپالي ڪاڌو پئي مليو تہ مٿي وري انڊين ۽ ڪانٽينينٽل. مون کي بک ڪو نہ هئي جو ڪجھہ وقت اڳ ۾ تہ ماني ڪاڌي هئي. انڪري مان پنهنجو وقت فوٽوگرافيءَ ۾ گذارڻ لڳس ۽ ٽنگون بہ ساهڻ لڳس. اتي هڪ تلاءَ ۾ ڪنول جي گل جو فوٽو ڪڍي رهيو هيس تہ پويان آواز آيو:

”دو يو لائيڪ ڪمل“

”ييس ويري مچ“

مون مڙي ڏٺو تہ ”صدقو“ بيٺو هو.

”اسين هن کي پسند ڪرڻ سان گڏ مانُ بہ ڏيندا آهيون جو اسان جي هندو مذهب ۾ ديوتائن سان ڪنهن نہ ڪنهن نموني اهو گل جڙيل رهي ٿو. ڀڳوت گيتا ۾ آهي تہ

ماڻهوءَ کي بہ ڪنول جيان ٿيڻ کپي، جيئن ڪنول گندي پاڻي کان مٿاهون هوندو آهي ۽ پاڻي کي نہ ڇهندو آهي اهڙي ريت انسان کي بہ گناهن جي ڇهاءَ کان پري رهڻ کپي“

”اسان وٽ بہ ڪنول خوبصورتي جي علامت آهي ۽ اسان جي شاعري ۾ بہ ان جو ذڪر گهڻو ملي ٿو. پر اسانجي هڪ شاعر ٻي نموني ان کي پيش ڪيو آهي تہ

”هن سَر جي گدلي سينور ۾ هي نيل ڪنول بہ تہ ڌوهي آهي“ يا وري اسان جي عظيم شاعر چيو آهي ”ڪنول پاڙون پاتار ۾....“ انکان علاوه بہ اسان جي شاعري ۽ ادب جي ٻين صنفن ۾ ان کي وڏيڪ اهميت آهي“

”نيپالي ادب ۾ بہ ايئن آهي. پر اتفاق سان مون کي هن وقت ڪو حوالو ياد نہ ٿو اچي“

”ڪا ڳالهہ ناهي، باقي اسان ڪنول جي گل، پتي کان وٺي ان جي پاڙ بہ کائيندا آهيون“

”اسان وٽ بہ ڪنهن حد تائين ايئن آهي“پوءِ هن ٻڌايو تہ هو ٻِهہ بہ کائن ٿا.

مون پنهنجو نالو کيس ٻڌايو تہ هن هٿ ملائيندي چيو ”الپنا“

مون جواب ۾ کيس چيو تہ ”ماڻٽن نالو چونڊي رکيو اٿو“

”توهان کي الپنا جي معنا جي ڄاڻ آهي؟“

”منهنجي حساب سان تہ ان جي معنا ”خوبصورت“ ٿيندي“ هن جي مک تي مرڪ تري آئي.

”جي بالڪل“

بس هارن ڏيڻ شروع ڪيو. مسافر بس ۾ ويهڻ شروع ٿي ويا هيا. مان بہ بس ۾ وڃي ويٺس. بس ۾ پنهنجي سيٽ تي ويٺس تہ ٿوري دير ۾ الپنا اتان گذري جنهن چيو تہ هو پنهنجو سامان کڻي مون وٽ اچي ٿي، مون پنهنجي دعا مڪان سي گهر بنادي واري جي ايتري جلدي قبوليت ڏسي پنهنجو پاڻ کي ڀهتل محسوس ڪرڻ لڳس.

الپنا، منهنجي سيٽ تي اچي ويٺي لڳو تہ چڻ پاروتي ديوي ڪيلاش پربت تان هلي اچي پاڻ سان اتان جي جابلو گلن، پهاڙي جهرڻن، چوٽين جي عظمت کڻي مون سان ويٺي آهي. ٻاهر جا منظر بہ چڻ هڪدم بدلجي ويا. مون الپنا کان پڇيو تہ :

”توهان جو جپاني دوست تہ ناراض نہ ٿيندو.“

تنهن تي هن چيو ”ڪهڙو دوست هو تہ مون سان رڳو بس ۾ ويٺو هو. اڪيلو سمجھي مان کيس هتان جي باري ۾ ٻڌائي رهي هيس پر لڳي ٿو تہ هن جي دلچسپي انسانن کان وڌيڪ پهاڙن ۾ آهي. يا اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ مان هن سان ڳالهيون ڪري کيس ڪنهن ڏچي ۾ نہ وجهان. انڪري لنوائيندو هجي“

”ٿي سگهي ٿو“

www.sindhsalamat.com

”پر توهان هتان جي هر ڳالهہ ۾ دلچسپي ورتو ٿا“
”خاص ڪري زنده ۽ خوبصورت انسانن ۾“ مون ٺهڪ ڏيندي چيو تہ هن بہ کلي ڏنو.

الپنا، مون کان پڇيو تہ پوکرا ۾ ڪٿي رهندس جنهن تي مون چيو تہ مون کي ڪا خبر ناهي اتي وڃي جاچ ڪندس ڇو جو مون کي ليڪ جي ڀرسان رهڻو آهي جنهن تي هن وراڻيو تہ ليڪ جي ڀرسان تہ ڪوڙ هوٽل آهن. پنهنجي لاءِ ٻڌايائين تہ هو پوکرا شهر کان ٿورو ٻاهر ويٺل آهي. وري پڇيائين تہ مون ڪنهن کي گائيڊ لاءِ چيو آهي تہ مون ننهنڪر ڪئي جنهن تي بہ ان چيو تہ نئين ماڻهو کي گائيڊ ڪرڻ ضروري آهي جو ٿوري وقت ۾ ڇڱيون جڳهون گهمي سگهي ٿو. چيائين تہ سندس هڪ سهيلي آهي جيڪا گائيڊ طور تي بہ ڪم ڪندي آهي، ان جو نمبر هن وقت ساڻ ڪونهي گهر وڃي اتان ڳالهائي ٻڌائيندس. مون کيس چيو تہ توکي گائيڊ ٿيڻ ۾ ڪهڙو اعتراض آهي؟

”مان ڪا پروفيشنل گائيڊ ناهيان، انڪري انهن جڳهن جي باري ۾ تفصيل سان نہ ٻڌائي سگهنديس“

”مان بہ ڪو پروفيشنل ٽوئرسٽ ناهيان“ انتي هوءَ کلي ويٺي تہ سندس ڊمپل وڌيڪ گهرا ٿي ويا. مون کيس چيو تہ:

”اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي“

”ڇڱو اتي پهچي توکي ٻڌايان ٿي“

ڳالهين ڳالهين ۾ هن ٻڌايو تہ هتان جي ماڻهن جي آمدني ٿوري آهي هتي وچون طبقو تمام گهٽ آهي يا تہ ماڻهو امير آهن يا وري غريب. انڪري هتان جا گهڻا مرد ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڪرڻ وڃن ٿا جتي بہ اهي ٻين کان گهٽ پگهار تي ڪم ڪن ٿا. تنهنڪري هتي اهڙيون ڪوڙ ڪمپنيون آهن جيڪي ٻاهرين ملڪن ڏانهن ماڻهن کي موڪلن ٿيون. مونکي پي آءِ اي جي جهاز ۾ ايتري تعداد ۾ نيپالين جو نظر اچڻ جو مطلب سمجهہ ۾ اچي ويو. پي آءِ اي جي دوستن بہ ٻڌايو تہ هتي اسان جي ڪمپني مقابلي ۾ ٻين کان بهتر آهي. ڪرايو بہ گهٽ اٿس ۽ هن جا گلف جي ملڪن سان ڪراچي مان فلائيٽس بہ آهن جنهنڪري گهڻو ڪري فلائٽس فل ملن ٿيون.

رستي ۾ ننڍا ننڍا واها نظر آيا جن جو پاڻي بہ جوهي جي دلن جهڙي مٽيءَ جهڙو هو. مون الپنا کان پڇيو تہ هي نالا ترشولي نديءَ مان نڪتل آهن. هن جواب ۾ وراڻيو نہ اهي سيتي ندي مان آهن، سيتي جو مطلب آهي سفيد، پاڻي جي رنگ ڪري ان کي ان نالي سان سڏيو ويندو آهي. هاڻي آثارن مان لڳي پيو تہ منزل جي ويجهو

آهيون. الپنا ٻڌايو تہ هوءَ اينڊڙ اسٽاپ تي لهي ويندي، جو اتان سندس ڳوٺ لاءِ بس ملندي، 20 منٽن کان پوءِ پوکرا جو بس اسٽاپ بہ اچي ويندو.
هوءَ موڪلائڻ لڳي تہ مون کيس چيو تہ:
”ڪو نان پروفيشنل گائيڊ هجي تہ منهنجي لاءِ هٿ ڪجان“
هن کلي مون کي ڀاڪر پاتو.

بس پوکرا جي اڏي تي پهتي، اڏو هڪ ميدان ٽائيپ هو ۽ ان هنڌ تي مختلف هوٽلن وارا پنهنجا نالن ۽ ڪي وري مسافرن جي نالي وارا پلي ڪارڊ کڻي بيٺا هيا مون انهن طرف نهاريو ئي ڪونہ جو مون کي خبر هئي تہ منهنجي انتظار ۾ ڪوئي نہ هوندو. بس مان سامان اجان ڪڍان ئي پيو تہ هڪ جوان منهنجي ڀرسان آيو ۽ پڇيائين تہ:
”توهان کي هوٽل جي ضرورت آهي؟“
مون چيو ”آهي تہ سهي پر، مونکي ليڪ تي رهڻو آهي ۽ مان پاڻ وڃي ڏسي ڳولهي پوءِ هوٽل پسند ڪندس“
”هن چيو تہ ليڪ جي ڪناري سان صرف هڪ فائيو اسٽار هوٽل آهي، باقي ٻيا هوٽل ڪناري سان ٿهيل روڊ ڪراس ڪرڻ کان پوءِ ئي آهن. اسانجو هوٽل بہ اهڙي هنڌ تي آهي، اوهان مون سان منهنجي گاڏي ۾ هلو، جي هوٽل پسند هجي تہ رهجو نہ تہ ٽيڪسي سمجهي اسان کي ڪرايو ڏجو“

مون کي هن جي اها راءِ سٺي لڳي. ساڻس گڏ گاڏي ۾ ويهي رهيس. ٿوري

www.sindhsalamat.com

جهڙ ڪان پوءِ روڊ شروع ٿيو ان جي ڪابي پاسي ڦيوا ليڪ ۽ ساڄي پاسي دڪان، رسٽورنٽ ۽ هوٽل هيا. ڏهن منٽن جي پنڌ ڪان پوءِ ديپڪ وارن جي هوٽل تي لٿاسين. روڊ ڪراس ڪرڻ سان ليڪ هئي سپ ڪان پهريائين هوٽل جو ننڍو باغيچو ۽ ريسٽورنٽ هيو. ننڍي بلڊنگ ٺهيل هئي ٻه ماڙ جنهن جي هر ماڙ تي چار ڪمرا هيا. مونکي ٻي ماڙ تي ڪمرو ڏيکاريائون جنهن جي اڳيان ٻاهر ويهڻ لاءِ آڳر هيو ڪمرو ۽ باٿ روم ٻه صاف سٿرو ۽ ان ۾ اسپلٽ لڳل هو. مون کي وڻيو. قيمت پڇا ڪيم 1500 روپيا ٻڌايائين، مون پڪائي ڪئي ته 300 گهٽ ڪيائين. مون اهو ڪمرو ورتو. ڇو جو ٽيرس ۾ ويهڻ سان هڪ طرف ليڪ پئي نظر آئي ته ٻي پر وري پهاڙ نظر اچي رهيا هيا. ڪمري ۾ ٻنهي طرفن ڪان وڏيون شيشي جون دريون ۽ انهن مٿان اڇا ريشمي پردا هيا. مطلب ته صفائي، لوڪيشن ۽ سجاوٽ ۾ مون کي وڻيو ٿوري دير ۾ هڪ ٻيرو اچي ڪمري جي سامهون واري پٽ تي ويٺو.

سپ ڪان پهريائين ته وهنجي سهنجي آرام ڪيو پر ٿڪ هوندي ٻه ننڊ نه پئي آئي. مون نيپال ۾ اچي هڪ ڳالهه محسوس ڪئي ته مونکي ننڊ گهٽ پئي آئي. هڪ ته جڳهه تبديل ٿيڻ جي ڪري ٻيو وري هتي صبح جي روشني جلدي پکڙجي وڃي ٿي، ان ڪري ٻه جاڳ ٿيو پئي. تنهن ڪري ٿڪ ته چڙ لهي ئي نه ٿو. ڪلاڪ ڏيڍ جي رليڪس ٿيڻ ڪان پوءِ ڪيميرا واري بيگ ڪلهي ۾ وجهي، پاسپورٽ ۽ ٻيون

ڦيوا ڍنڍ جو شام جو هڪ ڏيک

شيون ڪمري ۾ رکيل سيف ڊپازٽ ۾ رکي ٻاهر نڪري پيس. سپ ڪان پهريان ته ڍنڍ تي هليو ويس، جنهنجو پاڻي ڏاڍو سانت، ڪناري تي گهاٽا ساوا وڻ، چوڏاريون پهاڙيون ٻه وڻن ڪري ساوا، انهن جا پاڻيءَ ۾ پونڊڙ عڪس گهڻو دل لڀائيندڙ هيا. ليڪ جو ڪنارو وٺي اڳتي وڌندو ويس هڪ هنڌ پٿڙ تي ٻيڙيون بيٺل هيون جيڪي سياحن لاءِ هونديون پر شام ٿي وڃڻ ڪري بند ڪيون ويون هيون انهن جا رکوالا صفائي وغيره ڪري رهيا هيا.

ڦيوا ڍنڍ جو هڪ منظر

اڳتي ڍنڍ جي وچ تي ننڍو ٻيٽ نظر اچي رهيو هو جنهن تي ريسٽورنٽ ٺهيل هو ۽ ڪناري تي بيٺل ٻيڙي گراهڪن کي اتي ڇڏي ۽ ڪٽي پئي آئي. واڪ وارو رستو ٻه ڪناري سان ٺهيل هو جنهن جي پر ۾ پيل بينچن يا وڻن هيٺيان رکيل بينچن تي پريمي پيار ڪري رهيا هيا. بهرحال هڪ خوبصورت منظر هو جيستائين اونده نه ٿي اتي موجود هيس. اتان اٿي پنڌ ئي فوٽ پاٿ وٺي اڳتي نڪري ويس، ڇو جو مون کي محسوس ٿيو ته اسان وارو هوٽل يا ته شروعات ۾ هو يا پڇاڙي ۾ هو. اڳتي مختلف دڪان ۽ ريسٽورنٽ هيا. مونکي سٺو لڳي رهيو هو. آسمان تي ڪارا ڪارا ڪڪر ٿهي آيا هيا ۽ ڪنهن ٻه وقت برسات پوڻ جو امڪان هو انڪري هڪ ريسٽورنٽ جي ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويهي رهيس جتان ريسٽورنٽ ٻه نظر پئي آيو ته پريان ليڪ ۽ پهاڙ ٻه پئي نظر آيا. ٿوري دير ۾ تيز برسات شروع ٿي وئي. ماڻهن دڪانن جي ڇپرن ۾ پناهه وٺڻ شروع ڪئي. منهنجي سرشاري کي اڃان سرور ملي ويو. ان ئي وقت موبائيل جي

www.sindhsalamat.com

گهنٽي وڳي، ڪنيم تہ الپنا هئي. پڇا ڪيائين تہ ڪٿي آهين، مون ڪيس ٻڌايو تہ هنڌ تہ الائي ڪهڙو آهي پر منظر خوبصورت آهي ڪيس پوري منظرڪشي ڪري ٻڌائي تہ چيائين: ”پوکرا جي مان بہ آهيان پر اهڙو منظر تہ مون ڪٿي ڏٺوئي ناهي.“

مون چيو تہ ان ۾ ڪجھ موسم، ڪجھ ڪيف ۽ ڪجھ تنهنجي خوشبوءِ جو آهي جيڪا مون سان ڇُهتي پئي آهي. ٻئي طرف وري ڪِل وسيلي جهرٽن جي موسيقي شروع ٿي وئي. چيائين تہ هوءَ مون وٽ صبحاڻي صبح جو پهچندي تہ پوءِ گڏجي اتان جا ٻيا هنڌ گهمنداسين. مان پرجوش نموني ڪيس چيو تہ ضرور ۽ هن کي پنهنجي هوٽل جي لوڪيشن ٻڌائي.

لوڪ ناچ هڪ منظر

اونداهي ٿيڻ شروع ٿي وئي هئي، برسات ڪنهن وقت زور گهٽايو پئي تہ وري ڪنهن وقت وڌايو پئي. ٿوري دير کان پوءِ پريان ميوزڪ جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو مون بيري کان پڇيو تہ اهو ڇا جوءِ ڪٿي آواز آهي؟ جنهن تي هن وراڻيو تہ اهو پريان نديءَ جي ڀرسان ريسٽورنٽ آهي جتي ڪلچرل ڊانس وغيره ٿيندي آهي. ٿوري دير کانپوءِ منهنجا قدم ان ريسٽورنٽ ڏانهن کڄي رهيا هيا. ريسٽورنٽ نديءَ جي ڪناري تي باغيچي جي وچ ۾ هو. ان کان اڳ ۾ لانڊي نما هال ۾ ٽيبلون ۽ ڪرسيون رکيل هيون برسات جي ڪري ماڻهو اتي ويٺا هيا، ڪي گهڻا ماڻهو ڪونہ هيا. مان بہ ان ڇاپري جي ٻاهران واري پاسي کان ٿي ويٺس، سامهون هڪ ننڍي اسٽيج ٺهيل هئي جنهن ۾ فنڪارن جو ٽولو نيپالي ڊريس ۾ هو. هڪ همراهہ مائيڪ کڻي تعارف ڪرايو تہ ڪهڙو گيت ڳايو ويندو سچ اهو آهي تہ اها نيپالي لهجي واري انگريزي ٽپ سمجھ ۾ نہ آئي. پر جڏهن بہ نيپالي ڇوڪريون اسٽيج تہ اچي ڊانس ڪرڻ لڳيون تہ سمجھ ۾ اچي ويو. سندن ڊريس بہ ڪنهن حد تائين ٿرين جهڙي هئي ۽ جيڪو لوڪ گيت ڳايو پئي ويو تہ ان جي ڌن بہ اوپري نہ پئي لڳي. تمام سٺي ڊانس هئي. مزو اچي ويو. ان کان پوءِ وري هڪڙي ڇوڪري جنهن کي ڪرتوءِ چوڙي دار پاجامو پيل هو ان غزل ٻڌايو. آواز ان جو ايڏو سٺو ڪونہ هو. هارمونيم تي جيڪو همراهہ هو اهو سيني

جو استاد لڳي پيو. ڪيس اڇي پينٽ شرٽ پاتل هئي ۽ ڪلين شيو هو. مونکي ڪنهن حد تائين پراڻي بنگالي اداڪار رحمان جهڙو لڳو. شايد شبنم جي پهرين فلم ۾ هيرو بہ اهو هو. ان فلم جو نالو شايد درشن هو. اسٽيج جي ڀرسان هڪ دٻو رکيل هو جنهن تي ٽِپ لکيل هو مطلب هو تہ جيڪڏهن فنڪارن کي ڪو داد پيسن ذريعي ڏيڻ چاهي تہ ان دٻي ۾ وجهي. مون بہ بيري کي سڏي ڪيس ان دٻي ۾ وجهڻ لاءِ پيسا ڏنا. پهرين ٻوهٽي ئي شايد مون ڪرائي.

لوڪ ناچ هڪ منظر

انجو اندازو اهو ٿيو جو هو مون ڏانهن ڏسي رهيا هيا. وري سي ڊي تي ڪو لوڪ گيت هلايائون جنهن تي پڻ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن ڊانس ڪئي. ان مان هڪ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جا اسٽيپس سٺا هيا. باقي ٻيا شامل باجا هيا. جڏهن رحمان واندو ٿيو تہ مون بيري کي چيو تہ ان کي مون ڏانهن موڪلي. هو مون وٽ آيو مون ڪيس ڪجھ پيڻ جي صلاح ڪئي هن پهريائين تہ نهڪر ڪئي پر منهنجي زور ڀرڻ تي وهسڪي لاءِ چيو. مون ڪانئنس معلومات ورتي تہ اها ڪهڙا گيت آهن، گهڻ ۾ گهٽ انهن جو تعارف تہ انگريزيءَ ۾ ٻڌائن جنهن تي هن چيو تہ سندس اصل ڪمپيئر اڄ نہ آيو آهي ۽ ٻين جي انگريزي ٺڙئي پوري ساري آهي. انکري کين اها مشڪلات پيش اچي رهي آهي. گانو پورو ٿيڻ وارو هو هن مون کان موڪلايو. اهڙي ريت مختلف گانا ۽ ڊانس تمام ڀرپور ۽ جاندار نموني پيش ڪيون ويون، هنن هڪ بہ هندي غزل ۽ گيت بہ ڳايا. هر 15 منٽن کان پوءِ منهنجي طرفان بيرو ٽپ باڪس ۾ ٽپ وجهي رهيو هو. وچ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر مون وٽ اداڪار رحمان آيو، مون هن لاءِ وهسڪي جو آرڊر ڏنو. مون کان پڇڻ لڳو تہ شو

www.sindhsalamat.com

ڪيئن آهي مون تعريف ڪئي. هن کي مون چيو ته مون کي معنا سمجهائي يا وري پروگرام پوري ٿيڻ کان پوءِ مون کي ٽائيم ڏي جنهن تي هن حامي ڀري ته پروگرام پوري ٿيڻ کان پوءِ گڏجي ويهون ٿا. مون کي پنهنجي پويان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جو آواز آيو مون ڏٺو ته هڪ ٿلهو همراه پنهنجي گهر واري سان گڏ هو. مون کي اهي کٽمنڊو به نظر آيا هيا. هو پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هيا ته هي صحيح پروگرام آهي نه. جنهن ۾ فيملي انجواءِ ڪري سگهي ٿي نه ته بيا پروگرام ته الائي ڇا آهن. مون هنن ڏانهن ڏسڻ کان بغير پنيرو ئي پڇيو ته سائين ڪٿان جا؟ مون سمجهيو ته چوندا انڊيا جا. ڇو جو سنڌن لهجو هندو پاٿرن جهڙو هو. همراهه ٻڌايو ته "شهدادڪوٽ".

هن وري مونکان پڇيو "توهان ڪٿان جا؟"

"لاڙڪاڻو"

"سائين ڇا ڪندا آهيو؟"

"انجنيئر آهيان آن فارم واٽر مينيجمينٽ ۾"

الائي ڇو مون کي ياد اچي ويو ته اسانجي دوستن جو هڪ دوست به ان ڊپارٽمينٽ ۾ آهي. مون ڪائنس پڇيو:

"سائين بي اِي ڪٿان؟"

"مهراڻ مان" مونکي پڪ ٿي ته هي اهو ساڳو شخص آهي.

"سائين سر سيد هاسٽل ۾ رهندا هيا؟"

"جي"

"سائين ٿارومل ته ناهيو؟"

هن کان دانهن نڪري وئي. هن جي شريمتي جي چهري تي به فخر جون ريکائون نظر آيون ته منهنجو مڙس ملڪان ملڪ مشهور آهي. مون ڪيس ٻڌايو ته اسانجو دوست نديم گل عباسي به ان هاسٽل ۾ رهندو هوءِ توهان سان هن جي گهڻي حجت هوندي هئي. ٿارومل پنهنجي ذهن تي گهڻو زور ڏنو پر ڏسن پتن باوجود. مونکي سڃاڻي نه سگهيو. ٿوري دير کان پوءِ هو به روانا ٿي ويا ڇو جو پروگرام ختم ٿي ويو هو.

هتي به يارهين وڳي ريسٽورنٽ بند ڪيا پئي ويا. آهستي آهستي ماڻهو روانا ٿي ويا. مون بيري کي سڏي پڇيو ته "ڇا وڃڻ ضروري آهي ڇا؟". ته هن چيو :

"توهان کي جيڪي شيون کپن ته اهي وٺو ڇو جو پوءِ اسان ٻاهريون در بند ڪنداسين اوهان ڍنڍ ڪناري باغيچي ۾ ويهي سگهو ٿا".

مون رحمان کي سڏيو ته هنن سيني کي جيڪو کپي تي ٻڌائي ته جيئن وٺي ڇڏيو. هن چيو ته بس هڪ وهسڪيءَ جي بوتل وٺو سپ پيئندا. مون به گهرايون. سڄو ثقافتي ٽولو ءِ مان وچي ليڪ ڪناري رکيل ڪرسين تي هڪ گول جي صورت ۾ ويناسين. رحمان هارمونيم ڪڍي پنهنجي آڏو رکي. هر هڪ سپ پريو پوءِ سنگيت جي شروعات ٿي. هنن سيني گڏجي هڪ لوڪ گيت ٻڌايو. مون کي ترانسليٽ ڪري ٻڌائڻ واري هڪ ڇوڪري هئي جيڪا ڊانس ۾ سڀني هئي مون سندس ڊانس جي تعريف ڪئي ته هو شرم ٻوٽي ٿجي وئي. هن مون کي اهو ضرور چيو ته لوڪ گيتن جو هڪ پس منظر ٿيندو آهي. لفظن جي پويان هڪ گهرو مطلب هوندو آهي پر ترجمي ڪرڻ سان اهو روح مري پوي. هن پوءِ ان جو ترجمو ٻڌايو

Kukura lai kuti kuti biralo lai suri

(ڪتي لاءِ ڳُلر، ڳُلر لاءِ ٻلي، ميائون، ميائون
اسانجو پيار ڇوواٽي تي انتظار تو ڪري)

Resham phi_ri_ri, Resham phi_ri_ri,
Udera jau ki dan_dama_bhanjyang Resham phi_ri_ri.

(جيئن ريشمي رومال هوا ۾ آزاديءَ سان اڏامي ٿو
تيئن مان به پهاڙين جي مٿان اڏامڻ چاهيان ٿي)

Ek nale bunduk, dui nale bunduk, mirga lai take ko.
Mirga lai mailey take ko hoeina maya lai dau key ko.

(هڪ نالي بندوق، ٻه نالي بندوق هرڻ جي نشاني تي
اها هرڻ تي نه پر منهنجي پيار جي نشاني تي آهي)

Resham phi_ri_ri, Resham phi_ri_ri,
Udera jau ki dan_dama_bhanjyang Resham phi_ri_ri
Resham phi_ri_ri, Resham phi_ri_ri,
Udera jau ki dan_dama_bhanjyang Resham phi_ri_ri.
Sano ma sano gaiko bachho bhirai ma, Ram, Ram

www.sindhsalamat.com

Chodreh jauna sakena mailey, baru maya songhai jaum

(وڇڙي منهنجي ڀهاڙي اپي چوٽيءَ تي خطري ۾
مان انکي اتي ڇڏي نہ ٿي سگهان. هل تہ منهنجا سڄڻ گڏ هلون)

Resham phi_ri_ri, Resham phi_ri_ri,
Udera jau ki dan_dama_bhanjyang Resham phi_ri_ri.
Resham firiri Udera......resham firiri
Kukura lai....suri
timro hamro.....kuri

هوءَ هر هر چوندي رهي تہ ان جو مطلب اهو لفظي نہ ڪجهہ ٿيو آهي. مون ڪيس چيو تہ دنيا ۾ اهو هر ٻوليءَ جو الميو آهي تہ ان کي ان روح سان ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو نہ ٿو ڪري سگهجي پر تون وري بہ گهٽي ڪوشش ڪئي. مون ڪيس اهو بہ چيو تہ هونئن گاني ٻڌڻ وقت لفظ سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن پر جڏهن انهن کي تحت اللفظ پڙهجي ٿو تہ پوءِ ڪافي لفظ سمجهہ ۾ اچن ٿا. جيئن ڪتي، اديرا، اک نالي، دونالي بندوق، چڏر جاتون، سڪينا وغيره.

نيپالي گانن کان پوءِ هنن هندي گيت ڳائڻ شروع ڪيا. پهريائين تہ هنن جگجيت جو غزل ڳايو:

تم ڪو ديکا تو يي خيال آيا
زندگي ڌوپ تم گهنا سايا

پوءِ رڳو ڪشور ڪمار ۽ مڪيش جا گانن جا دور بہ هلندا رهيا. انهن ۾ ڪي جلد ئي مست ٿي سن باٿ لاءِ رکيل پلاسٽڪ جي لائونجن تي سمهي پيا.

منهنجي ترجمي واري دوست پنهنجو نالو پاگيشري ٻڌايو جنهن تي مون کانئس پڇيو اهو نالو اٿس يا ڳائڻ ۽ ڊانس جي شوق جي ڪري پاڻ تي اهو نالو رکيو اٿائين. چو جو اهو تہ راڳ جو نالو آهي. جواب ۾ هن چيو تہ منهنجي پيءُ ماءُ اهو نالو رکيو آهي.

"پاڳيشري راڳ خبر ٿي ڪڏهن ڳائبو آهي؟" مون هن کان پڇيو تہ چيائين
"رات جو دير سان. جيئن هاڻي رات جو پهر آهي"
"پلا، انجو روح يا مقصد چا آهي؟"
"ها، عورت جي جذبن جي نمائندگي ڪري ٿو جيڪا پنهنجي محبوب سان وصل جي لاءِ بيتاب آهي"

"توکي ان راڳ ۾ ڪجهہ ڳائڻ ايندو آهي؟"
"نہ نہ. مونکي ڪو راڳ نہ ايندو آهي. باقي ڪجهہ جهونگاريندي آهيان"
"فقيرياڻي پوءِ خدا جي ڏني مان اسان کي بہ ڪجهہ ٻڌاءِ"
هن گهٽي ننهن ننهن ڪئي، نيٺ هن هڪ غزل ٻڌايو

وه عشق جو هم سي روٺ گيا
اب اس ڪا حال بتائين ڪيا
وه عشق جو هم سي روٺ گيا
اب اس ڪا حال بتائين ڪيا
ڪوئي مهر نهين، ڪوئي قهر نهين
ڦر سچا شعر سنائين ڪيا
وه عشق جو هم سي روٺ گيا
اب اس ڪا حال بتائين ڪيا

هوءَ غزل ڳائي رهي هئي ۽ سندس نظرون مون سان ملي رهيون هيون تہ ڪڏهن وري ڦيوا جي پاٽيءَ ڏانهن نهاري رهي هئي. هن مونکان پڇيو تہ اهو هندي غزل مون ٻڌو آهي تہ مون وراڻيو:

" اهو هندي نہ پر اردو غزل آهي مون کي فريده خانم جي آواز ۾ وڻندو آهي پر ان کان وڌيڪ مونکي پنهنجي هڪ سهيليءَ جي آواز ۾ گهڻو وڻندو هو ٻيو وري اڄ تون بہ سٺو ڳايو آهي. باقي مونکي راڳ جي خبر نہ پوندي آهي پر لڳي ٿو تہ اهو راڳ پيروي ۾ آهي"

هن جي نيڻن ۾ هڪ چمڪ، هڪ احساس يا ايئن چئجي تہ احساسن جا آبي پکي هيا جيڪي هن جي اکين جي ڍنڍ تي تري رهيا هيا. مون سندس نيڻن ۾ نهاريو تہ الائي چو شمشير ياد اچي ويو

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو
چڻ تہ سنڌو جي ٻي ڪناري ويو

ان وقت مونکي لڳو تہ اتي شمشير سنڌوءَ کي استعاري طور ڪم آندو آهي نہ تہ ٻي پر، ڪجهہ ٻيو آهي. هونئن اهي تير، اهي پالا جيڪي نظرن جا هجن يا نخرن جا اهي ئي منزلون طئي ڪرائن ٿا. منزل بہ اها جيڪا ٻي منزل جو ڏس ڏي ٿي. پوءِ آهي سفر ۽ رڳو سفر. پاڪ سنڌوءَ مانسرور ڍنڍ کان نڪري، لداخ مان ٿيندي ايڏو سفر طئي ڪري جڏهن سمنڊ سان جنگ جوٽي سمنڊ ۾ گم ٿي پنهنجي سفر جي پڄاڻي

www.sindhsalamat.com

<u>ليڪڪ ۾ ڦيوا ڊنڊ</u>

ڪري ٿو. هتي ذڪر ان سنڌوءَ جو آهي. اهي سنڌو هر ماڻهوءَ جي زندگي ۾ آهن.

مون کي لڳو تہ ڦيوا ليڪ بہ هڪ دريا آهي جيڪو پاڻ سان الائي ڪيترا دريا گڏ ڪٺي هلي ٿو ڪي يادن جي دريا ڪي پيار جا دريا ۽ ڪي وري محبت ڪنڌڙ جي چڏيل داستانن جا دريا. پاڳيشري ۾ مان بہ ان ڏينهن گهڻن داستان جو گواهہ ڦيوا ڪي بڻايو. صبح جو ٻين وڳي اتان واپس ڪمري تي آيس.

ٻن ٽن ڪلاڪن جي ننڊ ڪانپوءِ وري جاڳ ٿي وئي، هوٽل مان نڪري ڦيوا تي آيس اتي ڪي ماڻهو واڪ لاءِ اچي رهيا هيا تہ ڪي وري عبادت ڪري رهيا ۽ ڪي جوان فشنگ ڪري رهيا هيا. هڪ ننڍي ٻتيلي ۾ چپوءَ سان هڪليندي هڪ فارينر نظر آئي جيڪا ايڪسرسائيز جي خيال کان ٻوٽنگ(روئنگ) ڪري رهي هئي. مان مٿي ۾ گهڻو سور ۽ لوندڙيون ڏنوندي محسوس ڪري رهيو هيس، سوچيم تہ گهٽ ننڊ جي ڪري آهي. پر ٿوري دير کان پوءِ نڪ تي هٿ لڳائڻ سان احساس ٿيو تہ نڪهير بہ اچي رهي آهي. ان ڳالهہ مون کي پريشان ڪيو تہ اهو سڀ ڪجهہ هاءِ بلڊ پريشر جي ڪري تہ ناهي. ڪجهہ وقت کان مون کي اها شڪايت رهي ٿي اصل ۾ مون کي ڪا بہ شڪايت نہ رهي پر ڪڏهن ڪنهن سبب ڪري بلڊ پريشر چيڪ

ڪرائيندو هيس تہ اهو هاءَ هوندو هو. انڪري مون هوميوپيٿي جو ڪجهہ دوائون شروع ڪيون هيون.

ڪمري تي اچي تياري ڪرڻ لڳس اڄ مون هڪ ٽيڪسي ڪرائي تي ڪئي هئي جنهن تي مون کي پوکرا جا مشهور هنڌ ڏسڻا هيا. ٿوري دير ۾ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي، در کليو تہ حسن جي ديوي اچي ڊريس ۾ هٿ ۾ چمپا جا گل کنيو بيٺي هئي. مون پنهنجون ٻانهون کوليون تہ ٻانهون هٻڪارجي ويون.

”ويلڪم ماءِ گائيڊ“ مون الپنا کي پليڪار ڪندي چيو

”نو نو ڊونٽ سي لائيڪ دس، سي ويلڪم ماءِ فرينڊ“

”اوڪي ويلڪم ماءِ فرينڊ“

ايتري دير ۾ ديپڪ بہ آيو جنهن ٻڌايو تہ گاڏي اچي وئي آهي. اسان ٻئي گاڏي ۾ ويٺاسين تہ ڊرائيور چيو تہ ڪٿي هلڻو آهي مون کيس چيو:

”هوٽل واري اڳ ۾ توهان کي ٻڌايو آهي تہ ڪٿي ڪٿي هلڻو آهي انڪري توهان پاڻ طئي ڪيو تہ پهريان ڪٿي ۽ آخر ۾ ڪٿي؟“

”ييس سر“ گاڏي پوکرا جي رستن تي هلڻ لڳي.

اسانجي گاڏي هڪ مندر جي آڏو بيٺي. ڊرائيور چيو تہ اوهان ٿي اچو.

مندر مٿي هو اسان ڏاڪا چڙهندا وڃي رهيا هياسين مان پنهنجو پاڻ کي پوئتي رکيو جو هندن جي ريتن رسمن جي مون کي ڪا گهڻي خبر نہ هئي. الپنا، اڳتي هلي رهي هئي. اتي ئي گيندي جا گل، ڪي وري ٿهيل ٽڪيل ٿالهيون وڪڻي رهيا هيا، جن ۾ عبادت ۾ استعمال ٿيندڙ گهڻيون شيون پيل هيون. هڪ عورت اهڙي ٿالهي الپنا جي طرف وڌائي تہ هن مون ڏانهن ڏٺو. مون کيس ڪنڌ جي هلڪي اشاري سان هاڪار ڪئي. مندر ۾ اندر الپنا آرتي وارا سڀ انگ پورا ڪيا. پوءِ منهنجي آڏو اچي هن ٿالهي ۾ رکيل سيندور/رنگ مان آڱر ٻوڙي منهنجي پيشانيءَ تي لڳائي ۽ هڪ پتاشو منهنجي وات ۾ وڌو. خبر ناهي ڇو اهو سڀ ڪجهہ سٺو لڳي رهيو هو ۽ هن جي چهري تي بہ انڊ لٺ جا رنگ لهي چڙهي رهيا هيا. هونئن ان نشان جي ڪري منهنجي عجيب ڪيفيت ٿي وئي ڇو جو لڳو تہ اها جڳهہ روشني ڏئي رهي آهي. مونکي احساس ٿيو تہ واقعي بہ پيشانيءَ جي ان نقطي تي ڪجهہ آهي. ڇو جو ٽين اک بہ اتي ڏيکاري ويندي آهي، ٻيو اسان جون مائرون بہ ٻارن جي پيشانيءَ تي سُرمي سان ٽڪو ضرور ڪڍنديون هيون.

ٻاهر نڪرڻ سان وري مونکي نڪهير آئي. جنهن تي الپنا پريشان ٿي وئي.

www.sindhsalamat.com

مون کيس چيو تہ گرميءَ جي ڪري آهي. پر حقيقت ۾ مان بہ پريشان ٿي ويس. مان زندگي ۾ گهٽ بيمار ٿيندو آهيان. جڏهن پاڪستان ۾ ويدن اهو ٻڌايو تہ مونکي هاءِ بلڊ پريشر آهي تہ پريشاني بہ ٿي تہ هن جوانيءَ (51 سالن ۾) مون کي بيماري ٿي آهي. خير، هن کي دلاسو تہ ڏنم پر مونکي پاڻ پريشاني ٿي. مندر تان هيٺ لهي اِلپنا ڊرائيور کي چيو تہ ڪنهن ڊاڪٽر وٽ هلي، هو اتان ئي هڪ گهٽيءَ ۾ اسان جي محلي جي ننڍين ڪلينڪن جيان تي هليو. جتي هڪ ڪمپائونڊر ويٺل هو جنهن ٻڌايو تہ ڊاڪٽر ڪونهي. مون کيس پنهنجو عارضو ٻڌايو هن بلڊ پريشر چيڪ ڪيو تہ 190 ۽ 110 هو. هن چيو تہ ڊاڪٽر ڪونهي هو مونکي رڳو اهڙي دوا ڏئي سگهي ٿو جيڪا پيشاب آڻي تہ جيئن پريشر گهٽجي. جڏهن مون کيس نکهير جو ٻڌايو تہ هن چيو تہ ڪنهن اسپتال وڃو. ان وچ ۾ مان هوميوپيٿي جي دوا جيڪا منهنجي

ڪيميرا واري بيگ ۾ رکيل هئي اها پيئندو رهيس. هڪ اسپتال پهتاسين اها بہ خانگي هئي بلڊ پريشر وغيره چيڪ ڪيو ويو تہ ٿورو گهٽ هو پر هنن چيو تہ هنن وٽ بہ ڊاڪٽر دير سان ايندو. تہ ٽيڪسي وارو وري هڪ ٻي ڪلينڪ تي وٺي هليو اها ايريا، حيدرآباد جي صدر جهڙي هئي جتي ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل اسٽورن جي جمعا بازار لڳل هئي. هڪ ميڊيڪل اسٽور تي وياسين هنن ڪنهن کي فون ڪئي ۽ ٻڌايائون تہ ڊاڪٽر 15 منٽن ۾ ايندو. جيڪو 20منٽن کان پوءِ آيو. هن منهنجو بلڊپريشر چيڪ ڪيو جيڪو 180 ۽ 100 ڌائين اچي چڪو هو. هن مون کي ٻڌايو تہ اهو ٽڪ جي ڪري، اوچائي جي ڪري يا گرميءَ جي ڪري بہ ٿي سگهي ٿو.

هن وڌيڪ چيو تہ: ”اهو فزيڪل ريزن جي ڪري نہ ٿو لڳي. انڪري مان توهان جي اِي سِي جِي بہ نہ ٿو ڪيان.“

ڊاڪٽر نوجوان هو. هن ٻڌايو تہ هو آمريڪا ۾ پڙهي آيو آهي ۽ سندس ڪافي دوست پاڪستاني آهن. اِلپنا هن کان پڇيو تہ ”هي پنهنجي ٽوئر تہ برقرار رکي سگهي ٿو نہ؟“ جنهن تي ڊاڪٽر چيو:

”بلڊ پريشر جون دوائون کائيندو رهي بس ڪو مسئلو ناهي سجي دنيا ائين ٿي هلي“

سيتي رور گورج

هن کان موڪلائي، دوا وٺي ٻاهر نڪتاسين. ڊرائيور پڇيو: ”سر هوٽل“ مون چيو نہ پروگرام تحت اڳتي هلو. اسان اتان ٿي هڪ هنڌ آياسين جنهن جي گيٽ تي لکيل هو ”سيتي رور گورج، ڪي آءِ سنگهہ پول“. سچي ڳالهہ اها آهي تہ گورج جي مون کي خبر نہ هئي پوءِ مون موبائيل واري ڊڪشنري ۾ ڏٺو تہ انجي معنا هئي تہ ٻن جبلن جي وچ ۾ سوڙهي ماٿري ۾ وهندڙ چشمو. هتي بہ ائين هو اسان کي هيٺ جبلن جي وچ مان پاڻي ڪرڻ جو آواز پئي آيو پر ڪٿي ڪٿي نظر پئي آيو. اتي هڪ تنيل مان پاڻي

گورکا ميوزيم

پئي آيو جيڪو ڪجهہ مفاصلو طئي ڪري، وري تنيل ۾ پئي ويو. پاڻي اهو ئي جوهي جهڙو جنهن ڪري ان کي سيتي يا سفيد سڏيو پئي ويو. گهمڻ لاءِ لوهي پل ٺهيل هئي اتي هندوستان جا ڪجهہ سياح بہ نظر آيا.

اتان نڪرڻ سان ڊرائيور ٻڌايو تہ سامهون ئي گورکا ميوزيم آهي اها ڏسي

www.sindhsalamat.com

پهاڙي ميوزيم جو هڪ خوبصورت ڏيک

وٺو. اسان ٻئي ان طرف وڌياسين. ميوزيم اندر گورکن جي زندگي جي باري ۾ خاص طور تي انهن جي انگريزن جي فوج ۾ ڪيل خدمتن تي فوٽوءَ هٿيار پيل هيا. انگريزن ۽ گورکن جي وچ ۾ 1814ع ۾ جنگ لڳي جنهن ۾ هو ڏاڍي جوانمردي سان وڙهيا، سندن نعرو هوندو هو ”جي مها ڪالي، آيو گورڪالي“، هنن جي ان بهادري سان وڙهڻ انگريزن کي متاثر ڪيو ۽ پوءِ هنن انڊين آرميءَ ۾ گورکن کي ڀرتي ڪيو جيڪي پوءِ هر محاذ تي وڙهندا رهيا. ايستائين جو جنرل ڊائر جي حڪم تي جليانوالا باغ ۾ عام شهرين تي گوليون هلايون، اها ٻي ڳالهه آهي ته ان ۾ سک، پٺاڻ، بلوچ ۽ سنڌ رائفلز جا جوان به شريڪ هيا.

ٽيڪسي ڊرائيور جيڪو پاڻ به گورکو هو ان ٻڌايو ته هن وقت به هتان جا ماڻهو انگريزن جي فوج ۾ شامل آهن ۽ اتي انهن کي شهريت به ڏني ويجي ٿي. اسانجي ٽيڪسي هاڻي پوکرا شهر جي جي ايئرپورٽ واري پاسي وڃي رهي هئي جتي پهاڙي ميوزيم آهي. ميوزيم خوبصورت ۽ هڪ ڪشادي هنڌ تي هئي. چوڌاري ساوڪ ۾ گهريل هئي ۽ ان کان علاوه ميوزيم جي بلڊنگ به سٺي ٺهيل هئي. ان ميوزيم ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پهاڙي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي جي باري ۾ معلومات هئي. ان کان علاوه نيپال جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، جبل تي چڙهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ اوزار، مختلف چوٽين جا فوٽو لڳل هيا. ان ميوزم جي ٻاهران ٺهيل ريسٽورٽ به ڏاڍو سٺو

ٺهيل هو جنهن ۾ ڪافي پيڻ جو پنهنجو هڪ مزو هو. الپنا مون کان اڳتي جو پروگرام پڇيو، مون کيس چيو ته:

”هونئن ته منهنجو پروگرام هتان چتاون جنگل ۽ پوءِ لُبيني وڃڻو هو جو اتي گوتم ٻڌ جو شهر ڪپل وستو ڏسڻو هو. پر صبح ئي هوٽل واري ٻڌايو ته ان طرف زوردار برساتون پئجي رهيون آهن، انڪري اوڏانهن وڃڻ جو پروگرام ڪينسل ٿو ڪيان“

”ته ڇا توهان هتان وڃڻ ٿا چاهيو ڇا؟“ سندس منهن لهي ويو هو.

”ها، هتي جي لاءِ به اڍائي ڏينهن ڪوڙ هيا“

”يا ڪو ٻيو سبب آهي؟ توهان بلڊ پريشر جي ڪري ته پريشان نه ٿي آهيو؟“

”ها ڪجهه ايئن به آهي“

”پريشان ڇو ٿا ٿيو مان توهان سان گڏ آهيان؟“

”مهرباني، پر هتان پاڪستان لاءِ به فلائٽون آهن، هڪڙي پرينهن وينديءَ، ٻي وري ٽن ڏينهن کان پوءِ، انڪري مان پرينهن واري ۾ واپس وڃڻ چاهيان ٿو“

”توهان جي مرضي“ ائين چئي هوءَ خاموش ٿي وئي.

ٽيڪسي واري اسان کي هوٽل تي ڇڏيو. مون ديپڪ کي چيو ته هو سڀاڻي ڪٺمنڊو وڃڻ جي لاءِ ڪا فلائيٽ بوڪ ڪرائي“

اسان ڪمري تي آياسين تڏهن به الپنا خاموش ئي رهي. مون ڪائنس پڇيو ته ناراض آهين ڇا؟ جنهن تي هن وراڻيو ناراض ته نه پر اداس ضرور آهيان.

ٻاهر تيز برسات شروع ٿي چڪي هئي دري جي سنهن پردن مان شيشن تي بارش جا ڦڙا نظرا چي رهيا هيا.

ديپڪ ٿوري دير ۾ اچي ٻڌايو ته رڳو هڪ سيٽ ملي رهي آهي، ان ڪري بوڪ ڪرائڻ هاڻي ضروري آهي نه ته پوءِ اها به نه ملندي. مون کيس بوڪ ڪرائڻ لاءِ چيو.

الپنا اٿي بيٺي، چيائين ته :

”مان وڃان ٿي“

”ڇو؟“

”پوءِ ڳوٺ جي بس نه ملندي“

”تون رڳو ايتري ٽائيم لاءِ آئي هئينءَ ڇا؟“

”نه، پر تو وٽ به ٽائيم ڪونهي، ته پوءِ رهي ڇا ڪيان؟“ سندس اکين ۾ ميگهه مهار شروع ٿي چڪو هو.

www.sindhsalamat.com

مون ڪيس پرچائيندي چيو: ”سمجھڻ جي ڪوشش ڪر، باقي اڄ شام تہ مان آهيان هتي، شام جو گڏجي ڊنر ڪيون پوءِ سڀاڻي تون وڃجان“

هو ڪجھہ دير خاموش رهي ۽ دريءَ کان ٻاهر برسات ڏسندي رهي.

برسات جي ڍري ٿيڻ سان الپنا چيو: ”اڄ تہ ڦيوا تي هلون“

اسان ٻئي ڇٽا هوٽل مان نڪري روڊ ڪراس ڪري، ڦيوا جو ڪنارو ڏئي واڪ ڪري رهيا هياسين تہ هُن پڇيو

”تنهنجو جُوڻ بدلجڻ واري ڳالھہ ۾ ڪيترو يقين آهي؟“

”ڪو گھڻو نہ پر، سائنس جو شاگرد هجڻ جي ناتي مادي جي تبديل ٿيڻ واري نظرئي تہ مادو نہ ڪڏهن پيدا ڪري سگھجي نہ ان کي ختم ڪري سگھجي ٿو پر ان جي شڪل کي تبديل ڪري سگھجي ٿو ۾ يقين آهي“

”ڀلا، ان ۾ ڪيترو يقين اٿي تہ ڪي ماڻهو پهرين نظر ۾ سٺا ۽ پنهنجا لڳندا آهن، ڪي وري پهرين نظر ۾ زهر لڳندا آهن“

”ها ايئن تہ هر ڪنهن سان ٿئي ٿو ڇو جو هر ماڻهو جي پنهنجي هڪ ميگنيٽڪ فيلڊ ٿئي ٿي، جنهن مان نڪرندڙ ڪرڻا جي اڳلي سان ميچ ڪن ٿا تہ هو

گوتم ٻڌ جو جنم جو هنڌ

هڪٻئي لاءِ مثبت سوچ رکن ٿا نہ تہ ان جي ابتڙ آهي“

هوءَ اوچتو ريلنگ جي سهاري بيهي رهي، سندس پس منظر ۾ پاڻي ۽ وچ ۾ بيٺ جي وڻن جا عڪس پاڻي ۾ پئجي رهيا هيا. مون ڏانهن منهن ڪري، منهنجين اکين ۾ گھوريندي هن چيو:

”ڪنهن زماني ۾ مونکي انهن ڳالهين ۾ گھڻي دلچسپي هوندي هئي، مان رياضتون ڪندي هيس، منهنجي خيالن ۾ ڪوڙ واقعا ۽ لقاءَ جنم وٺندا هيا. هڪ ڏينهن مان لمبيني وئي هيس، توکي تہ خبر آهي تہ اتي جي گھٽين ۾ هڪ عجيب احساس جنم وٺندا آهن. مونکي لڳو هو تہ ان هنڌ تي

لمبيني ۾ ٻوڏي وڻ

مان اڪيلي نہ آهيان مونسان گڏ ٻيو بہ هڪ همسفر آهي پر جيڪو نظر نہ اچي رهيو هو. اتي اشوڪا جي نهرايل ٿنڀي وٽ تہ مون کي پنهنجي ڪيارڙي تي هن جي ساهن جو احساس بہ ٿيو مڙي ڏٺم تہ ڪوئي ڪو نہ هو. اتي مون کي هڪ ساڌو مليو جنهن جون جٽائون پاڙ ۾ ملي ويو هيون اهي وار گھٽ وگ يا ٽوپي وڏيڪ لڳي رهيا هيا. مون سندس چرڻ ڇهيا تہ هن پنهنجون اکيون کوليون. سندس اکيون ڳاڙهيون لعل هجن پر انهن ۾ هڪ عجيب چمڪ، هڪ زندگي هئي. هن مون کان پڇيو ”ڏسندينءَ ڇا؟“

مان تہ ڀهرياٽين ڏجي ويس ۽ خبر نہ پئي تہ هو ڇا جي باري ۾ پيو پڇي. پوءِ وري هن پڇيو:

”ڏسندينءَ؟“ مون وري حيراني مان هن ڏٺو تہ هن پنهنجي سوال کي واضح ڪندي چيو

”ان کي ڏسندينءَ ڇا جيڪو توسان گڏ گڏ هلي رهيو آهي؟“

منهنجي جسم مان جڻ ساهہ ڇڏائجي پيو هجي. هن مونکي هٿ سان سڏيو مان ڏجندي ڏجندي هن وٽ ويس تہ هن پنهنجي ڳچيءَ مان هڪ مالها لاهي، ان جي پٽلي ۾ ڏسڻ لاءِ چيو. ان ۾ مون ڏٺو تہ ڪجھہ نظر نہ آيو هن پڇيو تہ نظر آيو تہ مون انڪار ڪيو تہ هن منهنجي مٿي تي هٿ رکي چيو تہ :

www.sindhsalamat.com



براهي مندر ڦيوا ليڪ

”هاڻي ڏس!“ مون ڏٺو تہ هن پيري مون کي اتي هڪ ڏنڏلي تصوير نظر آئي جيڪا پوءِ چٽي ٿيندي وئي، هڪ ٻڪشو نظر آيو مخصوص ڊريس ۾ ڏاڙهي، مٿو ڪوڙيل، منهن تي هڪ مُرڪ. مون پنهنجي ذهن تي زور ڏنو تہ ڇا ڪڏهن اهڙي شڪل واري ماڻهو سان ملي آهيان؟ مونکي ڪو بہ جواب نہ سجهيو. ان ڏينهن کان پوءِ اهو ٻڪشو منهنجي خيالن ۾ نظر ايندو هو. خوابن ۾ ايندو هوءِ هو مونکي سڏيندو هو. هڪ پيري مون کي خواب ۾ نظر آيو تہ ترشولي ڪناري هڪ وڏي وڻ هيٺيان هن سان بيٺي آهيان. جڏهن ان ڏينهن توکي مون ترشولي ڪناري ڏٺو ۽ توکي هٿ کان وٺي ريسٽورنٽ ۾ ترشول جي تصوير ڏيکارڻ وئي هيس تہ ان وقت تائين مونکي ڪو احساس نہ هو پر جڏهن تون مون سان ڳالهايو ۽ مان غور سان توکي ڏٺو تہ منهنجي تصور ۾ ساڳو ٻڪشو اچي ويو. فرق رڳو اهو هو جو توکي وار، مڇون هيون ۽ جينز ۽ ٽي شرٽ پهريل هئين. منهنجي حيرت جي حد نہ رهي گهر وڃي تہ تنهنجي ۽ ان ٻڪشو جي تصوير هڪٻئي جي مٿان اوور ليپ ٿيڻ لڳيون.

انڪري مون کي گهڻي خوشي ٿي هئي ۽ لڳو تہ مون کي اهو ساٿي يا رهبر مليو آهي جنهن جي تلاش مون کي صدين کان هئي. انڪري ئي توسان ملڻ لاءِ هتي هلي آيس ۽ اهو سوچيو هو تہ توسان رهنديس ۽ توساڻ رهاڻيون ڪنديس پر تون تہ وڃڻ جو پروگرام ٺاهي ڇڏيو آهي، پر خير آهي، ان ۾ بہ ڪا منشا هوندي“.

وراهي يا ٻراهي

ايئن چئي هو وري هلڻ لڳي.

مونکي هن جي ڳالهين حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ سوچن ۾ اڳتي وڌي رهيو هيس تہ اڳتي بيڙيون بيٺل نظر آيون. هن چيو ”هل تہ بَراهي مندر گهمي اچون“.

هڪ بيڙيءَ واري سان پيسا طئي ڪري ڍنڍ ۾ وڌڻ لڳاسين. پاڻي ڏاڍو ماٺو هو پرپاسي جي وڻڪاري ڪري سائو لڳي رهيو هو. اسان هڪ ٻيٽ طرف وڃي رهيا هياسين ٻيٽ ويجهو ايندو ويو ڏاڍو خوبصورت هو وڻن سان ٽمٽار، خاموش. جيڪي ياتري هيا اهي بہ خاموش هيا. مندر جي زيارت ڪئي سين، ننڍو مندر هو ان جو آرڪيٽيڪچر بہ نيپالين اسٽائل وارو هو. مون مندر ڏٺو الپنا عبادت ڪئي ان کان پوءِ اسان هڪ شاهي وڻ هيٺيان اچي ويٺاسين. هن ٻڌايو تہ هو اڪثر ڪري هن مندر ۾ اچي عبادت ڪندي هئي ۽ ميڊيٽيشن بہ هن هنڌ تي ڪندي هئي هوءَ خيالن ۾ گم ٿي وئي. مون ڪانئنس ان مندر جي باري ۾ پڇيو تہ ڪنهن ٺهرايو ۽ ڪنهنجي نالي سان آهي؟ هوءَ تہ ڄڻ ڪا آتي ويٺي ئي هن تفصيل سان ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ:



”ڪنهن زماني ۾ هڪ ڳوٺ ”پانچاسي“ ۾ بہ ديوتا بَراهہ ۽ پاير رهندا هئا. ماڻهو انهن ٻنهي جي پوڄا ڪندا هيا، انهن جو پاڻ ۾ هڪ پيري بحث ٿي پيو تہ هنن مان وڌيڪ طاقتور ڪير آهي؟ نيٺ هنن پنهنجين پنهنجين شڪتين جي وسيلي هڪٻئي کي چِت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اها جنگ سالن تائين هلي، جيڪا آخر ۾ پاير کٽي ويو. براهہ کي پنهنجي شڪست تي شرمساري ٿي

www.sindhsalamat.com

۽ هو اتان لڏي ”ماٿر“ هليو ويو. جتي هڪ هنڌ پاڻي جي تلاءَ جي وچ ۾ هڪ دڙي تي مندر ٺاهي رهڻ لڳو. ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ سنت به پنهنجي گهر واريءَ سان اتي اچي رهڻ لڳو ۽ براهه جي عبادت ڪرڻ لڳو. ان سنت وٽ هڪ سنک هوندو هو جيڪو ٻين عام سنکن بجاءِ کابي طرف کلڻ جي ساڄي طرف کلندو هو. هن کي داهن سنک يعني ساڄو سنک چيو ويندو هو. اهو سنک برهه ديوتا جي عبادت وقت وڄندو رهندو هو ۽ ڪنهن ڏينهن عبادت ۾ وقفو پئجي ويندو هو ته اهو سنک مختلف آواز ڪڍندو هو جنهنڪري اهو سنت ڄڃندو هو ته اهو آواز ڪنهن مصيبت ڏانهن اشارو ٿو ڪري انڪري هو پنهنجي عبادت ۾ خلل نه وجهندو هو. ڪنهن به حادثي کان بغير ڪافي ڏينهن گذري ويا ان سنک کي چورائڻ لاءِ ٻه ڦورو تيار ٿيا، هونئن ته ان ڳوٺ جا ماڻهو ان سنت جي عزت ڪندا هيا ۽ هن کي پوڄا پاٺ لاءِ گهرائيندا هيا. پر سنت اتي وڃڻ کانپوءِ عبادت جي ٽائيم تي واپس اچڻ نه وساريندو هو.

هڪڙي ڀيري ڳوٺ ۾ هڪ وڏي عبادت ”ياگا“ جو بندوبست ڪيو ويو سنت

ورهه، وراها يا براها ديوتا

جيئن ئي اوڏانهن ويو ته اهي ٻئي ڦورو هن جي گهرواري وٽ آيا ۽ ان کي چيائون ته اسان کي سنت، سنک ڪٽي اچڻ لاءِ موڪليو آهي. پهريان ته هن جي گهر واري حيران ٿي ته هو ڪڏهن به اهو سنک ڪٽي ڳوٺ ۾ پوڄا تي نه ويو آهي پر پوءِ اهو سوچي ته شايد اڄ وڏي عبادت آهي انڪري ڪيس ضرورت پئي هجي. هُن اهو سنک ڪٽي انهن ڦورن کي ڏنو. شام جو واپسيءَ تي جڏهن سنت کي سنک نه لڌو ته هن زال کان پڇيو. جنهن ڪيس سربستي ڳالهه ٻڌائي. ان ڳالهه ٻڌڻ کانپوءِ سنت کي يقين ٿي

ويو ته ڪانه ڪا مصيبت اچڻ واري آهي انڪري هن ڪاٺ پيڻ چڏي ڏنو ۽ پورن 21 ڏينهن کانپوءِ مري ويو. زال جڏهن اهو ڏٺو ته هن به ايئن ڪيو ۽ هو به وڃي سرڳواسي مڙس سان ملي.

انهن پنهنجن عبادت گذارن جي مرڻ تي ديوتا براهه پريشان ٿيو. انکان علاوهه ڳوٺ جي گندگيءَ جي ڪري تلاءُ به خراب ٿيڻ لڳو انڪري هن ان جڳهه کي ڇڏڻ جو سوچيو ۽ ان خيال کان پنهنجو روپ مٽائي هڪ ساڌو بڻجي پوکرا طرف آيو. اهو هن کي وڻيو ۽ سوچيائين ته اتي رهندو ۽ مندر به ٺاهيندو. هڪ ڏينهن هو ڳوٺ ۾ گهمي رهيو هو ته اوندهه ٿيڻ شروع ٿي هن ٻن ٽن گهرن ۾ وڃي اجهو ڳولهڻ چاهيو پر ڪنهن به هن کي سر لڪائڻ جي جڳهه نه ڏني جنهن تي هو گهڻو حيران ٿيو نيٺ هڪ مهربان ٻڍيءَ ڪيس ماني به ڏني ۽ رهڻ لاءِ به چيو. هو ان مائي مان متاثر ٿيو ۽ پوڙهيءَ کي چيائين ته:

”هن ڳوٺ ۾ ماڻهن لاءِ ڪا به عزت ڪونهي، نه ئي وري ڪو اخلاق يا مذهب کي اهميت ڏين ٿا، انڪري هي ڳوٺ تباهه ٿي ويندو. سڀاڻي ڏينهن جي ڏهين حصي ۾ چشمو هڪ وڏي ڍنڍ ۾ تبديل ٿي ويندو ۽ سڀاڻي شام تائين سڄو ڳوٺ پاڻيءَ جي اندر هوندو. تنهنڪري ڳوناڻن کي ٻڌائي ڇڏ، جيڪو تنهنجي ڳالهه مڃي ان کي ساڻ وٺي هتان لڏي وڃ.“ ايئن چئي ساڌو سمهي پيو.

صبح سان اٿي مائي ڏٺو ته سنت وڃي چڪو هو ۽ ٻهاري ڏيندي ڪيس حيرت ٿي ته جيتري ماني هن کي ڏني هئائين ان ئي ماپ جي سون مان ٺهيل ماني پئي هئي. ڪيس يقين ٿي ويو ته سنت ڪا معمولي ڳالهه ڪو نه هو انڪري ڳوٺ ۾ گهر گهر وڃي هن ماڻهن کي ڳوٺ ٻڏڻ جي باري ۾ ٻڌايو پر ڪنهن به هن جي ڳالهه تي ڌيان نه ڏنو اٽلو هن تي ٺٺوليون ڪيون. مائيءَ پنهنجو سامان ڪنيو ۽ اتان لڏي وئي. سنت چواڻي شام تائين ڳوٺ پاڻي ۾ ٻڏي ويو رڳو وچ تي هڪ دڙو بچيو جنهن تي براهه ديوتا مندر ٺاهي رهڻ لڳو. هڪ سڱ واري وڏي مڇي سدائين ديوتا سان گڏ گهمندي هئي. هڪ مهاڻي انکي ماري وڌو جيئن ته اها مڇي هن جو روپ هئي، انڪري ديوتا تي هن کي ڪاوڙ آئي ۽ مهاڻن کي پاراتو ڏيندي چيائين ته جيئن مان هڪ هنڌ نه ٿو رهي سگهان تيئن اوهان به ڪٿي آرام سان رهي نه سگهندئو انڪري اهو سمجهيو ويندو آهي ته مهاڻا ان بد دعا جي ڪري هڪ هنڌ نه رهي سگهندا آهن. ديوتا اتان وڃڻ جو سوچي ڇڏيو ۽ پنهنجي ڏيءُ براهي کي چيائين ته هوءَ سندس جاءِ تي رهي ۽ مندر جي مالڪي ڪندي رهي. پوءِ اتي اها رهڻ لڳي ۽ هاڻي به خاص موقعن تي اها مڇي جيڪا براهه

www.sindhsalamat.com

ديوتا جو پنر جنم سمجهي ويندي آهي اها نظر ايندي آهي. انڪري چوندا آهن تہ ڦيوا ليڪ ۾ وهنجڻ سان مڪتي ملي ويندي.“

مون هڪ ڳالهہ محسوس ڪئي هئي تہ نيپال ۾ ”و“ جي جڳهہ تي ”ب“ استعمال ٿئي ٿو. جيئن وشنو ٿيو بشنو، وديا ٿيو بديا، وستالا ٿيو بستالا وغيره. انڪري براهہ نالو ٻڌي منهنجي ذهن ۾ هڪ هندو نالو آيو ”وراها“ يا ”وراهہ“ اچي ويو. جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو وشنو جو ٽيون اوتار آهي. ان کان پهريان بہ اوتار متسيا (مڇي) يا ڪُوما (ڪڇون) وانگر هي بہ جانور جي شڪل ۾ آهي. هن جي شڪل سوئر يا مِرون واري آهي. هڪ روايت آهي تہ هڪ ديو هرن يڪشا، ڌرتي (ڀُوديوي) کي چوري ڪري وچي پاڻي جي هيٺان لڪايو هو تہ وشنوءَ، وراها جو روپ ڌاري، ان ديو کي ماري ڇڏيو ۽ ڌرتيءَ کي سمنڊ مان مٿي ڪڍي آيو.

”هو ڏس اڄ بہ اها براهہ واري مڇي نظر اچي ٿي“ مون مذاق مان پاڻي ڏانهن اشارو ڪندي کيس چيو.

الپنا چرڪ پري، ان طرف ڏنو ۽ مرڪي ڏنائين ۽ چيائين اهو مڇيءَ جو سڱ نہ پر ڪاني آهي. اسان پوءِ اتي ڪافي دير ويٺا رهياسي.

اوندهہ ٿيڻ تي اسان اتان واپس آياسين ۽ پرسان ئي هڪ ٻي ننڍي ٻيٽ تي ريسٽونٽ ٺهيل هيو. جنهن تي تي وڃڻ جو سوچيو تہ ڪناري تي هڪ باوردي خلاصي اسان جي لاءِ ٻيڙي ڪاهي آيو. اسان ٻيڙيءَ مان هيٺ پير ڌريو تہ وڻن جي جهڳٽن ۾ لڪل بتين جي روشني اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو. ريسٽورنٽ جو ماحول ڪافي خوبصورت هيو اندر بہ ٽيبلون پيل هيون پر اسان ڪناري سان رکيل ڪرسين تي ويٺاسين. جتان پاڻي ۾ شهر جي روشنيءَ جا پوندڙ اولڙا نظر اچي رهيا هيا. ريسٽورنٽ ۾ اسان کان علاوهہ گهٽائي يورپيين ٽوئرسٽن جي هئي جو جو گهڻو ڪري جرمن زبان جي گفتگو ٻڌڻ ۾ اچي رهي هئي. مون الپنا کان پڇيو تہ هوءَ ڪڏهن جرمني يا ڪنهن يورپيين ملڪ وئي آهي؟

جنهن تي هن جواب ڏنو تہ هو اڃان ڪنهن ٻاهرين ملڪ نہ وئي آهي باقي نيپال جا گهڻو ڪري سڀ گهمڻ لائق هنڌ گهمي چڪي آهي. هن ٻڌايو تہ هوءَ مائونٽينرنگ بہ ڪندي آهي ۽ بہ سال اڳ هوءَ چوٽي سر ڪرڻ واري هڪ مهم ۾ بہ شامل هئي. پر بيس ڪيمپ تائين پهچڻ کان پوءِ کين واپس اچڻو پيو جو موسم مسلسل خراب هئي اڳتي وڌڻ ۾ کين خطرا هيا. ان پيري حادثا بہ ڪافي ٿيا هيا. هن وري مونکان پڇيو

”ڪڏهن گلائيڊنگ ڪئي ٿي؟“

”نہ“

”هتي پوڪرا ۾ ٿيندي آهي، سڀاڻي توکي نہ وڃڻو هجي ها تہ منهنجو پروگرام گلائيڊنگ تي هلڻ جو هو. اهو بہ عجيب آهي ماڻهو ڪنهن پکي جيان هوا ۾ اڏامي ٿو ۽ آسمان ۽ زمين جي وچ تي رهڻ ۾ هڪ عجيب احساس آهي. ان کي ٻڌائي نہ ٿو سگهجي رڳو محسوس ڪري سگهجي ٿو.“

مان کيس ڏسي رهيو هيس، اهو سوچي تہ ايتري ننڍي ملاقات ۾ هن ڪيڏا نہ پروگرام ٺاهي رکيا هيا ڪيڏو نہ ويجهو محسوس ڪرڻ لڳي هئي. پوءِ مان پنهنجو پاڻ کي ئي سمجهائڻ لڳس تہ شايد هن جون اهي ساڏوءَ واريون ڳالهيون صحيح هجن تنهنڪري ئي هوءَ مونکي پنهنجي ويجهو وڏيڪ محسوس ڪرڻ لڳي هئي.

رات ٺرندي وئي، ڳهرجندي وئي، بند ٿيل هوا گهلڻ لڳي هئي.

صبح جو هوٽل وارو اٿارڻ آيو. ٻڌايائين تہ ايئرپورٽ تي هلڻ لاءِ گاڏي بہ تيار بيٺي آهي. اسان تيار ٿي هيٺ آياسين، ايئرپورٽ ڪو گهڻو پري ڪو نہ هو. اسانجي گاڏي، پوڪرا شهر کي ڇڏيندي وڃي رهي هئي. الپنا چيو تہ پهريائين مون کي ايئرپورٽ تي ڇڏي، پوءِ هوءَ بس تي ويندي. موڪلائڻ مهل الپنا جا نيڻ پُسيل هيا، هن چيو:

”توکي شايد هي سڀ ڪجهہ منهنجو مطلب آهي، توکي پنهنجو ويجهو

www.sindhsalamat.com

مختلف ڪمپنين جا جهاز پوکرا کان وڃن ٿا

سمجهڻ. عجيب لڳندو هجي پر اهو منهنجي وس ۾ ناهي، بس مون کان ٿي ٿو وڃي، وري ڳالهين کي ورجائيندس پر حقيقت اها آهي ته تون مون سان اڳ واري جنم ۾ مليل آهين“

مون کيس چيو :”مان تنهنجن جذبن جو احترام ٿو ڪيان ۽ ڪڏهن به انهن کي اجايو يا ڏيکاءُ نه ٿو سمجهان پر ظاهر آهي، اسان جا رستا پنهنجا پنهنجا آهن، اسان کي پنهنجن پنهنجن ماڳن تائين پهچڻو آهي، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته تنهنجي انهن احساسن جي پنهنجي اهميت آهي، جيڪا شايد منهنجي پوري زندگيءَ ۾ مونکي نيپال جي ياد ڏياريندي رهندي، شايد ايئن ئي ٿيڻو هو ته جيئن، مان نيپال کي ايترو جلد وساري نه سگهان“

ايئرپورٽ اچي ويو، الپنا به گاڏي مان لهڻ جي ڪئي، مون کيس منع ڪئي، پنهنجو ننڍڙو رُڪ سيڪ کڻي، وڏا وڏا قدم پريندو ٽرمينل ۾ داخل ٿيس. ٽرمينل ۾ مختلف پرائيويٽ ڪمپنين جا ڪائونٽر هيا، منهنجي ٽڪيٽ اگني ڪمپني جي هئي. هتي نيپال ۾ ڪافي ڪمپنيون آهن جيڪي نيپال جي مختلف هنڌن ڏانهن پنهنجا جهاز هلائن ٿيون. ڪائونٽر تان بورڊنگ ڪارڊ ورتو ۽ جهاز جي ٽائيم ٿيڻ جو هڪ هنڌ ويهي انتظار ڪرڻ لڳس. اوچتو آواز آيو :

”سائين! توهان به واپس پيا وڃو ڇا؟“

مون ڪنڌ کڻي ڏٺو ته ذاڪر حسين اچڻ هو، جيڪو پاڪستان مان آيل

جهاز جي دريءَ مان پهاڙن جون چوٽيون

پنهنجن دوستن سان هتي آيو هو، هن ٻڌايو ته هو به ساڳي فلائيٽ ۾. واپس وڃي رهيا آهن. جهاز ننڍو هو، جهاز ۾ هڪ پاسي ٻن سيٽن واري لائين هئي ته ٻي پاسي هڪ واري، بورڊنگ ڪارڊ تي سيٽ نمبر به ڪو نه هيا، انڪري ”جيڪو اڳي سو تڳي“ جي بنياد تي جنهن کي جتي وڻيو پئي اتي ويٺو پئي. مون کي ٻن واري سيٽ ملي جنهن تي هڪ ماءُ پنهنجي ننڍڙي ڪير پياڪ ٻار سان ويٺي هئي. ننڍي جهاز هجڻ ڪري جهاز ۾ شور وڌيڪ هيو، شروع شروع ۾ ايئر هوسٽيس ڪپهه کڻي آئي جيڪا مسافرن کنئي پئي، مونکي سمجهه ۾ نه آيو ته ڇا جي لاءِ آهي. ٿوري دير کان پوءِ ڏٺم ته پرسان ويٺل عورت ڪپهه پنهنجن ۽ ننڍڙي ٻار جي ڪنن ۾ به وڌي. رستي ۾ مختلف پهاڙي چوٽين جا نظارا نظر اچي رهيا هيا پر مان ٻي طرف ويٺل هيس. ان وقت مونکي سمجهه ۾ آيو ته ٽوئرسٽ تڪڙ ۾ چڙهي سنگل سيٽن تي ڇو ويهي رهيا هيا، هاڻي ڏٺم ته سڀ پنهنجين ڪيمرائن سان ڪلڪ ڪلڪ ڪري رهيا هيا. مون به نيٺ ڪيميرا کڻي ان طرف وڃي هڪ ٻه فوٽو ڪڍيو. ٽيهن چاليهن منٽن کانپوءِ، ڪٺمنڊو ايئرپورٽ جي ڊوميسٽڪ ايئرپورٽ تي لينڊ ڪيو. ڊوميسٽڪ ٽرمينل عجيب هو، نه ڪا گهڻي سيڪيورٽي نه ٻيو ڪجهه، لڳي پيو ته ڪنهن بس اسٽيشن تي پهتا آهيون. اسان جو سامان به اسان واري بس جي پويان ٽرالي ۾ هٽي اسان سان گڏ ئي ٻاهر پڌر تي رکيائون ته هر ڪو پنهنجو سامان سجاٽي کڻي.

www.sindhsalamat.com

ڪٽمنڊو درٻار

ايئرپورٽ تان ٽيڪسي ڪرائي سڌو يو آءِ اي جي آفيس ويس. جتي اِندر لعل خير مقدم ڪيو. ساڻس پوکرا مان به ٽيليفون تي رابطي ۾ هيس. هن ٻڌايو ته معين صاحب واپس هليو ويو جو سندس طبيعت صحيح نه پئي رهي. مون اتي پنهنجون ايميل چيڪ ڪيون ۽ ان کان علاوه فيس بوڪ تي به آن لائين ٿيس. مون ڪائنس ڊاڪٽر راڻي مل پرياڻيءَ جي باري ۾ پڇيو ته ڪيس سڃاڻي ٿو ته هن چيو بالڪل ڪيس سڃاڻي ٿو. جهٽ ۾ ڊاڪٽر صاحب سان فون ملائيائين. جنهنکي منهنجي باري ۾ به ٻڌايائين. ساڻس ڳالهه ٻولهه ٿي ته هن چيو ته ڪلاڪ ٻن کان پوءِ هو پهچي ويندو. اندر لعل ٻڌايو ته ڊاڪٽر صاحب هتي ڪافي ايڪٽو آهي ۽ مختلف تقريبن ۾ ساڻس ملاقات ٿيندي رهندي آهي.

راڻومل پرياڻي

جڏهن راڻو مل آيو ته سندس پنهنجائپ واري ملڻ جلڻ جي ڪري لڳو ته هن سان جڻ پراڻي ملاقات هجي. هو ڪٽمنڊو جي هڪ اسپتال ۾ نوڪري ڪري ٿو ان کان علاوه، پنهنجي تعليم کي به اڳتي وڌائي ٿو نه رڳو اهو پر مختلف ڪانفرنسن ۾ ريسرچ آرٽيڪلز پڙهي ٿو. ڊاڪٽر صاحب سان نيپالين جي رهڻي ڪهڻي، معيشت ۽ سياست جي باري ۾ ڪافي ڪچهري ٿي. هن نيپالي ٻوليءَ ۾ هندي، انگريزي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هڪجهڙن لفظن

جي باري ۾ به ڪم ڪيو آهي. جيڪو هتان جي ادبي ادارن ڇپائڻ کان لنوايو پئي ته هن اهو ڪتاب انڊيا جي هڪ اداري طرفان ڇپرايو آهي. گهڻي دير ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب موڪلايو ته اسپتال ۾ سندس رائونڊ هڻڻ جو ٽائيم ٿيڻ وارو آهي. آفيس مان اٿي گهر آياسين. جتي ٻن ٽن ڪلاڪن جي آرام کان پوءِ، شام جو اِندر لعل چيو:

"هلو ته ڪٽمنڊو درٻار ڏسي اچون. هتي ڪٽمنڊو ۾ اوهان جي گهمڻ لاءِ صرف اها جڳهه رهيل آهي".

اسان گهر مان پنڌ نڪتاسين ۽ ٿامل جي بازار مان نڪري اڳتي وڌياسين. اها بازار خيرپور جي مير علي بازار جيان هئي. جنهن ۾ رش به تمام گهڻي هئي اتان پاڻ بچائيندا هلندا رهياسين. بازار ڪافي وڏي هئي. نيٺ اسان هڪ هنڌ پهتاسين جتان قديم عمارتن جو سلسلو شروع ٿيو. هڪ مُک چوڪ تي پهتاسين. جتي به نيواري طرز جي مندرن اسان جو استقبال ڪيو. اهي مندر گهڻو ڪري 15کان 18 صديءَ جي وچ ڌاري ٺهيل آهن. ٻختاپور ۽ پٽن وانگر هتي به مختلف ديوين ۽ ديوتائن جا مندر نظر آيا. ان حصي کي هنومان ڪامپليڪس به چيو وڃي ٿو. شاهي محلات جي مکيه دروازي تي هنومان جو بت به ٺهيل آهي. هنومان جو هندو مذهب ۾ اهم مقام آهي. چون ٿا ته هڪ حسين آسماني پري جيڪا پوءِ زمين تي رهڻ آئي اها اڪثر ڪري وارن ۾ گل سڃائي، شوخ رنگ جا ريشمي وڳا پهري، پهاڙين جي چوٽين تي گهمندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن اهڙا ئي خوبصورت ڪپڙا پهري هڪ پهاڙيءَ تي ويٺي هئي ته اتان هوا جي ديوتا "وايو"، جو گذر ٿيو جنهن کي هوءَ ڏاڍي پياري لڳي ۽ هوا سان هن کي ڪتڪتايون ڪيڻ لڳو. ديوتا هن جي لباس کي ٿورو هٽايو ته هو مست ٿي پيو ۽ هن جي پوري جسم کي هوا جي هلڪن هلڪن ٿپڪين سان مالش ڪرڻ لڳو. پوءِ هو سرشار ٿي ويا. جنهن تي هُن ديوتا کي



ڪٽمنڊو درٻار

www.sindhsalamat.com

چيو تہ ”ڪنھن وفا شعار گھرواري کي ھن ناپاڪ محبت داغدار ڪري ڇڏيو“ جنھن تي ديوتا کيس چيو: ”منھنجي محبت توکي گناھگار نہ ڪيو آھي پر توکي ان مان ھڪ طاقتور، داناءُ ۽ بي مثال صلاحيتن وارو ھڪ پٽ پيدا ٿيندو“

ھنومان ديوتا دربار

جڏھن وقت پورو ٿيو تہ کيس ھڪ پٽ ڄميو جنھن سج کي ڏسڻ سان ڪنھن وڻ جو ميوو سمجھي پٽڻ چاھيو تہ 900 ميلن تائين مٿي ھليو ويو. ھڪڙي موقعي تي اندرا ھن تي تير ھلايو تہ ھو زخمي ٿي جبل تي ڪري پيو جنھنڪري ھن جا ڳِتا ڦاٽي پيا، ان ڏينھن کان وٺي ھن جو نالو ھنومان يعني وڏين ڄاڙين وارو پئجي ويو. اھو ڏسي ھن جو پيءُ وايو ديوتا ناراض ٿي ويو ۽ ھوائون ھلڻ بند ٿي ويون جنھن تي ٻيا ديوتا وايو ديوتا وٽ پھتا تہ ھو ڪجھ ڪري جنھن تي ھُن کين ٻڌايو تہ ھن اھو سڀ ڪجھ پاڻ ڪيو آھي ڇو جو ھو ھنومان جي زخمي ٿيڻ تي ناراض آھي. برھما ساڻس واعدو ڪيو تہ ھنومان ڪڏھن بہ جنگ ۾ نہ ماريو ويندو ۽ اندرا بہ واعدو ڪيو تہ سندس تير ھن کي ڪڏھن بہ زخمي نہ ڪندو.

ھنومان پوءِ رام جي وڏي خدمت ڪئي. اھڙي ريت لنڪا کي تباھ ڪرڻ ۽ ٻين جنگين ۽ ڪمن ۾ ھن وڏي ھمت ڏيکاري. ھن جي ڪري پولڙن جي بہ ھندو ڌرم ۾ عزت ڪئي ويندي آھي.

ان دربار ۾ ھن جي بت رکڻ سان بہ اھو سمجھيو ويندو آھي تہ ھو ان جي حفاظت ڪندو رھندو آھي.

ھڪ ھنڌ ڪالا ڀيروا جو بت ھو جنھن کي بہ ڪاليءَ وانگر گھڻا ھٿ ھيا،

گدي بيٺڪ

زبان ٻاڙھي ھئي، جنھن کي مرد، عورتون ۽ ٻار ڀيٽا ڏئي رھيا ھيا. ڀيروا، شوا جو روپ آھي، ھڪ ڀيري، وشنوءَ، برھما کان پڇيو تہ ھن ڪائنات جو مھا تخليقڪار ڪير آھي تہ برھما کيس چيو تہ ھو (وشنو)، ھن (برھما) جي عبادت ڪري، ڇو جو ھوئي مھا تخليقڪار آھي. ان ڳالھ شوا کي ڪاوڙائي وڌو ۽ ڪالا ڀيروا جو روپ ڌاري، ھن ترار سان برھما جو ھڪ مٿو ڪٽي ڇڏيو (ان کان پوءِ برھما جي چار مٿا آھن)، پر ھڪدم کيس غلطي جو احساس ٿيو پر کيس ان جي سزا اھا ڏني وئي جو سالن تائين ھو پنھنجي ھٿ ۾ اھو مٿو ڪٽي بکارين جيان رلندو رھيو جيستائين وچي سندس اھا سزا معاف نہ ٿي.

ڪماري گھر

جڳننات (دنيا جي مالڪ) جو بہ ھڪ مندر آھي جيڪو وشنو جو اوتار ھو پر ڪجھ ھن کي وشنو جو مظھر بہ سمجھن ٿا. گھڻن اھو بہ امڪان ظاھر ڪيو آھي تہ ھي سنڌو ماٿريءَ جي پراڻن رھواسين جو ديوتا ھو جيڪو پوءِ ھندو مذھب ۾ داخل ٿيو. ھي ديوتا ٻڌن لاءِ بہ اھميت رکي ٿو. جڳننات جي

www.sindhsalamat.com

مندر ۾ ڪاجورا جيان جنسي عملن جون تصويرون بہ اڪريل آهن. جن جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ سيڪس، پيار جو انداز آهي جيڪو مڪتي ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

ڪُماري

جيئن تہ ٻيا گهٽو ڪري اهي مندر هيا جن جو ذڪر مان اڳ بہ ڪري آيو آهيان جيئن شِوا جو تاليجو ديوي جو بت بہ ڪي گرودا جا هيا تہ ڪي وري ٻين ديوين ۽ ديوتائن جا، انڪري انهنڪي ورجايان نہ ٿو. پر هن هنڌ بہ مختلف عمارتون نظر آيون. هڪ تہ يوروپين آرڪيٽڪيچر ۾ ٺهيل هڪ اڇي رنگ جي عمارت هئي. جنهنڪي گدي بينڪ پئي سڏيو ويو. اها عمارت، بادشاہ پرٿوي بير بڪرم شاهہ جي زماني جي وزير اعظم چندرا شمشير 1907ع ۾ ٺهرائي هئي. ان جي بالڪوني مان ان پوري دربار جو منظر ڏسي سگهجي ٿو ڪنهن زماني ۾ بادشاهہ اتي ويهي مختلف فيسٽيول ڏسندو هوءِ هاٺي بہ وزير امراءَ اتي اچي نظارو پسيندا آهن. ٻي جنهن ڳالهہ ڌيان ڇڪايو هو اهو "ڪماري گهر" ان گهر ۾ جيئري ديوي رهي ٿي جنهن کي ڪماري سڏيو ويندو آهي. ڪماري ديوي، ننڍي ڇوڪري ٿئي ٿي ۽ جڏهن بلوغت کي پهچي ٿي تہ ان جو اهو رتبو ختم ٿي وڃي ٿو. ڪماريءَ جي چونڊ، هڪ خاص قبيلي شاڪيا مان چونڊي وڃي ٿي. بزرگ ان قبيلي جي سوين ڇوڪرين جي جاچ ڪن ٿا ۽ جن ۾ سندن گهربل 32 روحاني علامتون ملن ٿيون تہ انهن کي شارٽ لسٽ ڪيو وڃي ٿو. ديوين جي ان ننڍي گروپ کي هڪ اونداهي ڪمري ۾ رکيو وڃي ٿو جنهن ۾ تازو ڪپيل مينهن جو منڍيون رکيو وڃڻ ٿيون ۽ مختلف ماسڪ پاتل ماڻهو ڊانس ڪري انهن کي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪن

ٿا جيڪي نہ ٿيون ڊڄڻ انهن جي چونڊ ڪئي وڃي ٿي ڇو جو ڪماري، درگا ديوي جو روپ ٿئي ٿي. آخر ۾ جيڪا ڪماري چونڊجي ٿي ان کي ان گهر ۾ منتقل ڪيو وڃي ٿو. جتي هن کي ڪماري هجڻ تائين رهڻو پئي ٿو رڳو ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مذهبي ڏڻ جي موقعي يا ڪماري ياترا جي موقعي تي ان گهر مان نڪري ٿي. هن جو سڄو خرچ نيپالي حڪومت پرينڊي آهي. جڏهن رٽائر ٿيندي آهي تہ هن کي پينشن بہ ملندي رهندي آهي انڪري جو هوءَ پوءِ سڄي عمر ڪنواري رهي ٿي. انڪري جو اها عام چوٽي آهي تہ هوءَ جيڪڏهن ڪنهن سان شادي ڪندي تہ اهو مرد مري ويندو.

ڪجهہ دير فوٽوگرافي ڪرڻ کان پوءِ اسان واپسي ڪئي، هن ڀيري ان بازار جي بجاءِ ٻي پاسي کان ٽيڪسي ڪرائي گهر ڏانهن آياسين.

www.sindhsalamat.com

موٽي آيس نيپال کان

ٻي ڏينهن منجهند جو منهنجي فلائيٽ هئي ، اندر لعل ٻہ آفيس جي ڪنهن ميٽنگ جي سلسلي ۾ ان فلائيٽ ۾ ڪراچيءَ آيو هو. انڪان علاوه ذاڪر حسين جا ٻيا دوست ٻہ ان ئي فلائيٽ ۾ هيا. فلائيٽ اوور لوڊيڊ هئي، ڪجھ ماڻهن کي تہ واپس ڪيو ويو. اسانجي ٽڪيٽ هئي تہ اڪانومي جي پر جيئن تہ بزنس ڪلاس خالي هو ۽ هنن وٽ ماڻهو ٻہ گهٽا هيا انڪري اسانکي بزنس ڪلاس جو بورڊنگ ڪارڊ ڏنائون. نيپالين جي پنهنجي چيڪنگ تہ هئي پر جهاز جي ڏاڪڻ پرسان هڪ عارضي اسڪينر ٻہ لڳايو ويو هو ۽ پاڪستان جا محافظ سيني مسافرن جي جهڙتي وٺي رهيا هيا. جيئن تہ نيپال اهڙي هنڌ تي آهي جتي انڊيا، چائنا ۽ تبت جا بارڊر ملن ٿا انڪري هتي سيڪيورٽيءَ جو خيال گهڻو رکيو ويجي ٿو.

جهاز ۾ ويهارڻ کان پوءِ ذاڪر حسين اسان کان موڪلايو ۽ اسان ٻہ آهستي آهستي مٿي ويندي، نيپال جي سرزمين کان موڪل ورتي. مونکي گوتم ٻڌ جي جنم ڀومي تي نہ وڃڻ جو هڪ خال محسوس ٿي رهيو هو ۽ مون دل ئي دل ۾ پڪ ڪيو تہ ٻي ڀيري ان خاص مقصد لاءِ ضرور اچبو.

منهنجي ذهن ۾ نيپال ۾ گهاريل ڏهاڙا فليش بيڪ ٿي گهمندا رهيا. مون دريءَ مان نظر ايندڙ جبلن جي چوٽين جا فوٽو ڪڍيا. مون سوچيو تہ نيپال رڳو ڀهاڙين جو ديس آهي، يا بدر ابڙي چواڻي ڀڳوانن جي ڀونءِ آهي، يا فقير محمد لاشاري جيان تہ هيٺن ماڻهن ۽ سگهاري هماليا جي سر زمين آهي.

مون چيو تہ سڀ سچ آهي پر، انهن سيني سان گڏ، پيار، احساسن ۽ فقيري طبيعتن جو ديس آهي.

اسحاق انصاريءَ
جا ڇپيل ڪتابَ

خالي بينچ (ٻہ ڇاپا)
(ناول)
2000ع ۽ 2012ع

پرين ھُنَ پار
(سفر نامو)
2008ع

نڪري پيس نيپالَ ڏانهن
(سفر نامو)
2013ع

www.sindhsalamat.com